

# مهراڻ

ABC
CERTIFIED

2012/1ع

سنڌي ادبي بورڊ

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

ABC CERTIFIED

ٽماهي

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]


جلد 62 | جنوري- مارچ 2012ع | نمبر 1



سرپرست

**مخدوم جميل الزمان**

وزير بين الصوبائي تعاون، سنڌ

چيئرمن، سنڌي ادبي بورڊ

نگران

**الهڏتو وگهيو**

سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ

ايڊيٽر

**دين محمد ڪلهوڙو**



**سنڌي ادبي بورڊ**

چام شورو، سنڌ

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، چامشورو.

سرڪش سنڌي، سنڌي ٻوليءَ جو سرموڙ شاعر هو. سندس شاعراڻي ٻولي ۽ لهجو منفرد هو. هو مزاحمتي ۽ انقلابي شاعر هو. سندس شاعريءَ جو محور سنڌ ۽ سنڌي ماڻهو هئا. پيار ۽ مزاحمت ۾ نهايت ئي ڪرو تڙو هو. هو مخصوص طبعيت ۽ سياءِ رکندڙ شاعر هو. متضاد شخصيت هوندي به هو دل ۽ ڌرتيءَ جو شاعر تسليم ڪيو ويندو هو. هن ڌرتيءَ ۽ سرتيءَ کي خوب ڳايو. سرڪش سنڌيءَ جا ڇپيل ڪتاب 11 کان وڌيڪ آهن. سرڪش سنڌيءَ جو وڇوڙو سنڌي شاعريءَ جو وڏو نقصان آهي ۽ ان جي تلافي ڪرڻ مشڪل آهي. سندس لاڏاڻي کان پوءِ انقلاب ۽ مزاحمتي شاعريءَ جو هڪ باب بند ٿي ويو. سندس وڇوڙي تي سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران ٽن ڏينهن جي سوڳ جو اعلان ڪيو ويو.

## سينيئر ليکڪا نسيم ٿيٻو جو لاڏاڻو:



سنڌي ادب جي سينيئر ليکڪا ۽ دانشور نسيم ٿيٻو ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد 19- مارچ 2012ع تي 64 ورهين جي ڄمار ۾ لاڏاڻو ڪري وئي. موصوفه جو تعلق سنڌ جي علمي شهر شڪارپور جي هڪ علمي ۽ ادبي گهراڻي سان هو. مرحومه 1- اپريل 1948ع تي اهلِ علم ۽ سماجي شخصيت عبدالباقي ٿيٻو جي گهر ۾ اک کولي. سندس والده ماجده شڪارپور جي ناليور اديبا 'بيگم بادام ناتوان' هئي. جنهن"خوش خصلت خاتون" جهڙو هڪ آدرشي ڪتاب لکي، ادبي ميدان ۾ مڃتا حاصل ڪئي. نسيم ٿيٻو ملڪ جي ممتاز سياستدان رسول بخش پليجي جي گهر واري هئي، پليجي صاحب سان 1968ع ۾ سندس شادي ٿي، جنهن مان کيس ثانيا ۽ انيتا نالي ٻه نياڻيون پيدا ٿيون، جي ٻئي ادبي کيتر ۾ پڻ ڄاتل سڃاتل ليکڪائون آهن. ميڊم نسيم ٿيٻو پيشي جي حوالي سان سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اقتصاديات شعبي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي عهدي تي رهي ۽ 2000ع ۾ رٽائر ورتي.

ميڊم نسيم ٿيٻو، سنڌي ادب جي سينيئر ليکڪا هئي، خاص ڪري ڪهاڻيءَ ۾ کيس مخصوص سڃاڻپ ۽ حيثيت حاصل هئي. مرحومه 80-70 وارن ڏهاڪن ۾ تمام سٺيون ۽ ڇرڪائيندڙ ڪهاڻيون لکي پنهنجو ڌاڪو ڄمايو. موصوفه اٽڪل 25 ڪهاڻيون لکيون. 80 واري ڏهاڪي کان پوءِ محترمه آهستي آهستي لکڻ گهٽائي ڇڏيو. رٽائرمينٽ کان پوءِ هن ڪراچيءَ ۾ سچل ڳوٺ واري علائقي ۾ رهائش اختيار ڪئي. ميڊم نسيم ٿيٻو جون ادبي خدمتون وسيع آهن. مرحومه جي وفات کان پوءِ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ خال پيدا ٿيو آهي، جيڪو پُرجڻ مشڪل ٿي پيو آهي.

## سنڌي ادب ۾ اُڀرندڙ نوجوان ڪهاڻيڪاره جيجي سنڌيا شاهه جو لاڏاڻو:

سنڌي ادب ۾ اُڀرندڙ حساس ڪهاڻيڪاره جيجي سنڌيا شاهه 37 ورهين جي ڄمار ۾ 7- مارچ 2012ع تي دم ڌڻيءَ ڌر حوالي ڪيو. مرحومه ڪافي عرصي کان السر جي مرض ۾ مبتلا هئي. مرحومه وفات دوران وارثن کي وصيت ڪئي هئي ته سندس ذاتي لائبريريءَ جا ڪتاب سنڌالاجيءَ ۾ سندس نالي تي هڪ ڪارنر جوڙي اُن ۾ رکيا وڃن.

جيجي سنڌيا شاهه 24- مئي 1975ع تي ڪوٽڙي ڪبير جي هڪ معزز شهري سيد سچل شاهه جي گهر ۾ اک کولي. جيجي سنڌيا شاهه جو اصل نالو ساجده هو، پر ادب ۾ هن 'سنڌيا شاهه' جي نالي سان لکيو. وفات کان ڪجهه وقت اڳ هن پنهنجي نالي جي اڳيان لفظ 'جيجي' جو اضافو آندو. موصوفه جي ادب ۾ سڃاڻپ هڪ سٺي ڪهاڻيڪاره طور هئي. مرحومه 80 کان وڌيڪ ڪهاڻيون لکيون، سندس پهرين لکڻي ماهوار "ڪينجهر" رسالي ۾ ڇپي. ان کان پوءِ ٻين رسالن 'ادب'، 'پرک'، 'هالار'، 'عبرت مئگزين'، 'سرتيون' ۽ آخر ۾ ٽماهي "مهراڻ" ۾ لکندي رهي. جيجي سنڌيا شاهه شاعري به ڪئي. شاعريءَ ۾ نثري نظم ۽ آزاد نظم به لکيا پر سندس نثري نظم بيحد پسند ڪيا ويا. مرحومه هڪ ناوليٽ به لکيو جيڪو ڪنهن رسالي ۾ قسطوار ڇپيو.

جيجي سنڌيا شاهه بنفس نفيس هڪ پرديدار خاتون هئي، ادبي ميڙاڪن ۽ مشاعرن ۾ نه ويندي هئي، پر هن جيڪو ڪجهه لکيو، اهو گهر اندر لکيو. موصوفه جي طبعيت تمام حساس هئي. اهڙو حساس پڻو سندس لکيل ڪهاڻين ۾ به جابجا نظر ايندو. محترمه ڪجهه عرصو اڳ پنهنجي علائقي جي لاوارث ۽ بيواهه عورتن جي مالي سهائتا لاءِ هنري سکيا جو هڪ ثقافتي ادارو کولڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهي هئي پر موت کيس مهلت نه ڏني ۽ پنهنجي آغوش ۾ کڻي ورتو. موصوفه سنڌ جي وحدت ۾ ايمان رکندڙ هئي، سندس انسيت جي حد اها هئي جو هن پاڻ تي 'سنڌيا شاهه' نالو رکيو.

دين محمد ڪلهوڙو
ايڊيٽر "مهراڻ"

# چوليون

## ڏُڪر سو وهاءِ


سنڌ منهنجي امان - تاجل بيوس 9
شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" 10


## شاعري


- عنايت بلوچ 13
- يوسف شاهين 14
- غلام حسين 'مشتاق' سچاروي 15
- عبدالقيوم 'صائب' 16
- سرمد چانڊيو 17
- اسحاق راهي 18
- ادل سومرو 19
- سعيد ميمڻ 20
- اختر درگاهي 21
- ميرمحمد پيرزادو 22
- بشير احمد شاد 23
- سليم سهتو 24
- مقصود گل 25
- روبينہ ابڙو 26
- آزاد قاضي 27
- شبنم گل/بتول جهان آرا قنبراڻي 28
- مُرلي ڏر 29
- انور ساگر ڪانڌڙو 30
- پشپا ولڀ 31
- بشير سيتائي/'درياءَ' خان لغاري 32
- سعيد سومرو 33
- رخسانہ پريت 34
- ڪوثر هالائي 35
- خليل عارف سومرو 36
- رياضت ٻُرڙو 37
- استاد لغاري 38
- پريم پتافي 39
- خُبدار سولنگي 40
- امتياز عادل سومرو 41
- أمر ڪهاوڙ 42
- گلبدن جاويد/"جانب" جوان سومرو 43
- بخشل باغي 44
- گوهر سنڌي 45
- ميرزا دبير 46
- احساس ابڙو 47
- اختر پيا 48


## تحقيق


- شاهہ مردان شاهہ (ثاني) ڇٽ ڌڻي 51
سماجيات ۽ سياست جو سرچشمو
استاد لغاري
- عجب عشق آهي اسان جو الستي... 55
(مخدوم طالب المولي جي شخصيت، فڪر ۽
فن جو جائزو) - ڊاڪٽر مخمور بخاري
- جنهن جا پيرا پوڄيا- منهنجي جيءَ جڏي 75
(ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي ياد ۾)
- ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو
- پير حسام الدين راشدي 80
(هڪ منفرد علمي شخصيت) - سحر انصاري
آزاد قاضي

کالھوکو کاڏي ڳَيو، سَندو جوڳِينِ جوشُ؟
پَسي تَنھِينِ پَٿَ کي، ھَڏَ نہ رَھيو ھوشُ،
آسَڻَ منجھہ افسوسُ، آئون نہ جِئندي اُن رِي۔

(شاھہ عبداللطيف ڀٽائيؒ)
سُر رامڪلي، 1-35



## غزل

هيءَ سَئن نہ ڏيندي چَئن، اُٺي ڏس، ڪوئي آيو آ پيارا!
هي شايد ساڳيو رمتو آ، اڳ جيئن اُجايو آ پيارا.
جنهن وقت چراغ شام ٻري، ۽ ميخاني ۾ جام ٻري،
تنهن وقت اسان جو پنڌ پري، پنهنجو ٻہ پرايو آ پيارا.
جنهن وقت اسان جي تند تپي، ۽ ساز ٽپي آواز جهپي،
تنهن وقت ٻلي ڪو ڪنڌ ڪپي، جو آيو ڳايو آ پيارا!
ڏس ڏس، ماڻهوءَ جي مَنّيءَ کي، مون ڳوڙهي ڳوڙهي سان ڳوهي،
ڪهڙو نہ لِسايو آ پيارا، ڇا جام ٻڻايو آ پيارا!
ڪنهن ڪاريءَ ڇَڳ تي رات ڪَٽي، ڪنهن ڳاڙهي ڳل تي باک ڦُٽي،
اينءَ وقت ڪَٽيو، اينءَ عمر لُٽي، سڀ سانگ سجايو آ پيارا!
آ چوڏاري مهراڻ متو، جنهن جو نہ ٻهي، جنهن جو نہ پتو،
هي روح جزيرو حيرت جو، جنهن منجهہ سمايو آ پيارا.
ڪنهن ڪونہ ڏٺو، ڪنهن ڪونہ ڏٺو، ڪنهن ڪنهن کي ڪاريءَ رات ڪُٺو،
جنهن لاءِ ستارن ساهہ ڏنو، هي صبح سوايو آ پيارا!
هيرا تہ ڏسو، ڪنڪر نہ هڻو، ايندو نہ وري هي وڻجارو،
ڪجهہ ڏات ڏسو، پوءِ بات ڪريو، هي شور اجايو آ پيارا!

**شيخ اياز**

# شاعري

# شاعري

...شاعري اهو ’صرف تمنا آهي. جو ڪنهن جي روبرو ظاهر ڪري نٿو سگهجي. ان ڪري ئي چيو ويو آهي. ”شاعريءَ جي تعريف مون کان نه پڇو ته پوءِ مون کي معلوم آهي. پر جي پڇو ٿا ته پوءِ مان نٿو ڄاڻان!“ ڪنهن چيو آهي. ”شاعري هڪ سريلو خيال آهي.“ ڪنهن جو چوڻ آهي. ”شاعري قوت تخيل جو عجيب انڪشاف آهي.“ ڪو چوي ٿو. ”شاعري سڀني علمن جو نچوڙ آهي.“ ڪنهن جو خيال آهي ته. ”شاعري سائنس ۽ رياضي جو ضد آهي.“ ڪنهن جو چوڻ آهي ته. ”شاعري حيات جي تمثيل آهي. ان تي جڏهن ڪيفيت طاري ٿي ٿئي. تڏهن واندڪائيءَ جي وقت ۾. خلوت گزيني اختيار ڪري. پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ ٿي شروع ڪري.“ ڪو چوي ٿو ته. ”شاعري خيال جي تاريخ آهي.“ ڪنهن چيو آهي. ”شاعري. ابدي حقيقتن جو تصور آهي.“ ڪنهن چيو آهي ته. ”شاعري انسان جي مادري زبان آهي.“ ڪو چوي ٿو. ”شاعري الاهي آواز آهي.“ ڪو چوي ٿو. ”شاعري اهو بليغ افسانو آهي. جو سازَ ۽ راڳ سان گڏ ترتيب ڏجي ٿو.“ ڪو چوي ٿو. ”شاعري آهي غير مانوس چيزن کي مانوس چيزن ۾ داخل ڪرڻ.“

اهي سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي فڪر انگيز تعريفون آهن. پر جي ڪو مون کان پڇي ته پوءِ مان جيڪر هن طرح چوان. ”شاعري. انساني ضمير جي بين الاقوامي زبان آهي!“ ۽ شاعر اهو آهي جيڪو رڳو لفظن جي پيچ-گهيڙ تي اڪتفا نه ڪري. قافيه پيمائيءَ ۽ دماغ سوزيءَ ۾ عمر نه وڃائي. رڳو گل ۽ بلبل جي استعارن ۾ قوت کي صرف نه ڪري. معمولي ۽ رواجي خيالن کي ٻڌي اجائي هرزه سرائي نه ڪري. پر شاعر اهو آهي جو فطرت جي حقائق جي عقده ڪشائي ڪري. جو جذبات جو ڄاڻي هجي. نفسيات جو ڄاڻو هجي. حسن و محبت جي معاملات کان آگاهه هجي. ڪائنات جي راز ۽ اسرار کان واقف هجي. قدرت جي حسين مظاهر کان متاثر ٿيو هجي. پنهنجي تاثرات کي لطيف ۽ بليغ انداز بيان ۾ بيان ڪري سگهڻ جهڙي صلاحيت جو صاحب هجي. جو ته شاعريءَ کي علم ۽ حڪمت جو جوهر چيو ويو آهي. ۽ شاعر ٿيو ان جوهر جو ڄاڻي...

**_ غلام محمد گرامي**

**شاعر نمبر**‘، گذارش تان ڪنيل اقتباس
تماهي مهراڻ 2-1969/1ع، ص 11

ادل سومرو



# سنڌ

(نثري نظم)

سنڌ، هڪ عقيدو به آهي،
جنهن جي گيڙو- رتي چانوَ ۾
ڌرم، ذات، ڪُڙم، قبيلي
ٻوليءَ يا نسل جي بنياد تي
ڪنهن سان به نفرت ناهي.
سنڌ، هڪ دل به آهي
جنهن جي نس نس ۾
سنڌو درياهه جو پاڻي
گردش ڪري ٿو
جنهن ڪري اسين زنده آهيون.
سنڌ، هڪ مقدس ڪتاب به آهي
جنهن جي هر صفحي تان
سورج اُڀري ٿو
۽ اُنهيءَ روشنيءَ ۾ اسين
زندگيءَ جي سفر ۾
اڳتي وڌون ٿا.
سنڌ، هڪ ويساهه به آهي
۽ انهيءَ ويساهه ۾
اسان جو ساهُ آهي
جيئڻ جو اُتساهُ آهي

سنڌ، هڪ درد به آهي
جيڪو اسان جي سگهه آهي
۽ اُهو اسان کي
آئيندي جي خوشيءَ جو
رستو ٻڌائي ٿو.
سنڌ، هڪ ماءُ به آهي
جنهن جي اکين جا لُڙڪ
ڪڏهن به سُڪا ناهن
اُنهيءَ ماءُ جي ٻولي
لولي ۽ جهولي
اسان لاءِ پناهه گاهه آهي.

# ڪاري

پائي اجرڪ هوءَ ويچاري
پڙهي قرآنُ پئي گهرَ ۾
ڪُهاڙي ڏُور ڪان اُڏري
ڪري وئي ڌار سِرُ‌هُن جو
ويو قُرآن ٿي ٻاڙهو.
سڄي ويو ڳوٺ ۾ هُلُ ٿي
حاجي جي ڌيءُ هئي ڪاري.

# وائي

هيڏيون ساريون محبتون،
ويندين ائين ڇڏي،
سوچ اجا جيرام تون.
اِئين ڪو لُقمان مان،
ويو ڪين لڏي،
سوچ اجا جيرام تون.
ويندين سارا دوست هي،
گوندر منجهه گڏي،
سوچ اجا جيرام تون.
گونگي هن گجرات ۾،
توکي ڪير سڏي!؟
سوچ اجا جيرام تون.
رهنداسين هن ديس ۾،
پنهنجا خواب اڏي،
سوچ اجا جيرام تون.

(پنهنجي دوست جيرامداس جي هندستان لڏي وڃڻ جي ارادي تي لکيل)

# اسحاق راهي



## غزل

دل جي دردن سان، دوستي آهي!
هيءَ بہ ڪيڏي نہ، دل لڳي آهي!
توکي ڳولي لڌو، مون سجدن ۾،
شان واري تي، بندگي آهي.
عشق حضرت جو، ٿيو ڪرم آهي،
دل جي دنيا ۾، روشني آهي.
چنڊ ٻي چاهہ ۾، چريو ٿي پيو،
تو ۾ ڪيڏي نہ، دلڪشي آهي.
ڪيڏي آتي آ، تنهنجي ڪان دلبر،
ڪيڏي تولاءِ، دل چري آهي.
جيڪا موهي، هزار دليون ٿي،
واهہ! صورت ٿي، سانوري آهي.
ساري دنيا ڪي، آهي دنيا جي،
مون کي تنهنجي، لڳي پئي آهي.
توکي بنهہ، هجي مسلماني،
منهنجي حصي ۾، ڪافري آهي.
دل تہ چا ساهہ، ٻي ڪيان صدقو،
ڳالهہ ڪهڙي، ٻلا وڏي آهي.
دل گهري ٿو تہ، ڏيئي ٿو ڇڏيان،
بيوسي آيا، سادگي آهي.
هن نگاهن کان، جيئن پياريو آ،
ترڪ مون ڪان ٿي، ميڪشي آهي.
مان غمن ۾ بہ، خوش گذاريان ٿو،
منهنجي ڪهڙي نہ، زندگي آهي.
تون تہ خوابن ۾ ٻي، اچين ئي نٿو،
تولئہ ”راهي“ ٿيو، اجنبي آهي.

⊡

## غزل

ڳوڙهن جا ڪيڏا مينهن، وسائي ڇڏيا اٿم!
دل جي زمين تي رنگ، رچائي ڇڏيا اٿم!
ڪهڙا عجيب رنگ، رچائي ڇڏيا اٿم،
ميلا محبتن جا، مچائي ڇڏيا اٿم.
لڙڪن جا آيا قافلا ڪيڏا قطارجي،
پوئي ڳچيءَ ۾ هار، سي پائي ڇڏيا اٿم.
ٿڪن تي ٿڪ ڏئي ٿو، غمن ڪان ونان نجات،
مرڪن ۾ پنهنجا لڙڪ، لڪائي ڇڏيا اٿم.
اکڙين سان تنهنجا نقش قدم، مون چمي ڇڏيا،
چپڙن ڪان تنهنجا پير، چماني ڇڏيا اٿم.
تنهنجو حصول جڻ ٿيو، تہ الله جو حصول،
ڪيڏا نہ پيارا قرب، ڪمائي ڇڏيا اٿم.
مون ڏي ڏسو هو، پاڻ تو دلبر هلي اچي،
راهن ۾ ان لئہ نيڻ، وڇائي ڇڏيا اٿم.
هوش و حواس هاٽي، مان ڳولي نٿو سگهان،
پنهنجي هٿن سان پاڻ، وڃائي ڇڏيا اٿم.
ديدار مان اجان ٻئي، ڏاپن نٿيون اکيون،
نيٽن سان ان جي، نيڻ ملائي ڇڏيا اٿم.
جيئن هو ٿيو آ سامهون، ويا هوش ٿي خطا،
پنهنجا نماٽا نيڻ جُهڪائي ڇڏيا اٿم.
سڀ حسرتون ۽ رنج و بلا، تنهنجي پيار جا،
مهمان سمجهي دل ۾، ٽڪائي ڇڏيا اٿم.
دل جا سيئي سور، اچي سامهون ٿيا،
سڀ سور دل ۾، ”راهي“ دبائي ڇڏيا اٿم.

⊡

# اختر درگاهي



## غزل

جيڪو تُنهنجي اکين سان، پيار ڪندو،
بن جهانن تي، اعتبار ڪندو.
تنهنجو خاصو خُمار، او سائين،
مست رندن کي، هوشيار ڪندو.
تنهنجو مرڪڻ ڏسڻ، ۽ ڳالهائڻ،
پيار وارن کي، گرفتار ڪندو.
يار چوڏهينءَ جي رات، تنهنجو اچڻ،
چنڊ، تارن کي، شرمسار ڪندو.
منهنجي مظلوم ديس، جا راڳي!
سازُ تنهنجو ته، بيقرار ڪندو.
پيار مان پَر ۾، ويهارڻ تنهنجو،
سچ ته ’اختر‘ کي، گرفتار ڪندو.

## غزل

باغ ۾ گل ڦُٽڻ جي، مُند آئي،
توسان ڳالهيون ڪرڻ جي، مُند آئي.
مان فدا تي وجان، فدا ٿيندو،
هاڻ تنهنجي رُسڻ جي، مُند آئي.
ڪا چڱائي چوڻ، اجائي آ،
سڀ کي سائين چوڻ جي، مُند آئي.
ڪوئي عيسيٰ، ڪوئي منصور هجي،
هاڻ ڦاهي چڙهڻ جي مُند آئي.
سيئي رهبر وڃن، وڪاميو ٽا،
سنڌ! توتي مرڻ جي، مُند آئي.

◙

## غزل

تُنهنجي دل تان، لهي ويا آهيون،
چڻ مٽيءَ ۾، ملي ويا آهيون.
تون اُهو ڪين، رهيو آن ساڳيو،
تنهنجو چهرو، پڙهي ويا آهيون.
روح تو وٽ ڇڏي، ۽ جسم ڪٽي،
تنهنجي در تان، اُٿي ويا آهيون.
بيرُخي تنهنجي، بس قيامت آ،
هونئن ته هر غم، سهي ويا آهيون.
دسمنن سان ٿي سجاڻپ وئي،
دوستن کي، ڏسي ويا آهيون.

## غزل

سامهون دهشت جو درياهه،
جيون مَڪڙي، مان ملاح.
سچ جي سوڀ ئي، ٿيڻي آهي،
سنڌ سچي، مون لئه ويساهه.
ڪنهن لئه هر، پل عيد مثل،
ڪنهن لئه هر، پل محرم ماهه.
درد جو ڪوئي، انت نه آهي،
جيڏي ڌرتي، تيڏو گهاءُ.
عاشق ابراهيم، ٿي آيو،
لوڪ سچو ٿي، ويو آڙاهه.

◙

مير محمد پيرزادو



## گيت

روپ جا جلوا جهنڊ جي، مشق آ لفظن ڪئي،
ڪيتري سا سُود مند ٿي، ڪيتري بيسود وئي!

خيال تنهنجو گلِ گلابي، سوچ جڻ سورج مُکي،
ماڪ موهيڙن مٿان، موتين جيان دل ڪي ڳُڪي،
مرڪ سان مهڪي چِنا، ٿيا چگهه ڳِلن جا ائين ٻئي،
جڻ تہ صوفن جي وڻن مان، آ ٽُٽي جوڙي پئي!

وار گهاٽا، ٻوهہ ڪارا، جڻ گُهنڊيون ناهن ڇلا،
نيڻ هرڻيءَ ڇرڪيل جيان، ڪرت ۾ جڻ ڪاڪلا،
اڻ چئي ڪا ڳالهہ آهي، نظر هڪ سان تو چئي،
جنهن پڄاڻا جان هيءَ، آهي هٿن مان جڻ وئي.

سارنگي ٿي ٻول ٻولي، راز ڪئي کولي ڇڏي،
چاهہ جي ڪا چٽنگ چولي ۾، تقولي پئي گڏي،
ڏُور هوندي، ڏور ناهي، من اندر ٻولي پَئي،
جي نہ اڳ سليا ڪهين سي، راز نِتُ کولي پَئي.

ٿي هوا جهوتو سگهي ٿي، ڏکڻ جي ڏوليءَ اندر،
ماءُ جي هنج جيان مِٺي لوليءَ، سنديءَ ٻوليءَ اندر،
جيل جي ڪوليءَ اندر جا، چِندِ ڪِرڙي قيديءَ کي چئي،
ڳالهہ سائي تو ٻنا، ساوڻ منهنجي ڪن ۾ ڪئي!

جيئن ويو هو مينهن اوڪاٽي، تہ اندلٺ ٿي پئينءَ،
يا اُني جي هير ۾ ئي، جذب ٿي پوري وَئينءَ،
يا ڪنگو ٺاريءَ سان گڏ، لڏندڙ لڳين ٿي پيئي لئي،
يا انهيءَ ئي ڏِنَ مٿان، آ سُرِ مَندَل وائي چئي!

۞

## گيت

ڪَڙيءَ اِنهيءَ تي جوپن تنهنجو آهہ رسيو جو توکي،
بلڪل ناهي اوڻَ،
- تہ ڪنهن جي ڪيئن حياتي گُذري!
وانُون واجهائيندي ٿڪيس، توريءَ خوابن سان ئي ٻڪيس،
چاهت چيتاري ڪڪيس، دل کي آٿت ڏيئي رکيس،
ويل اچڻ جي يار! گُسي وَئي، پاڻ پچاڙيان آءُ رڳوئي.
تون ٿو ڄاڻي چو نہ،
- تہ منهنجي ڪيئن حياتي گذري!

•

آءُ گهڙي ۾ پاڻي اوتي، ڳوڙهو گهرو سوچيان توتي،
باهہ ڏئي هن ساڙيان ٻوتي، جونہ قبوليئي ڌوتي پوتي،
ساهہ لڪيءَ ۾ جان تي سڪتو، سُنُ ٿي جيءُ بدن ۾ آ ويو،
ڪهڪاءُ پيو ٿي ڪونہ،
- تہ منهنجي ڪيئن حياتي گذري!
گوڙ گگن ۾ رعد ڪري ٿو، وَسَ وَڏيءَ سان ٺَسَ پري ٿو،
وڻن گلن جو هانءُ ٺري ٿو، چاهہ تڏا کي ساهہ پري ٿو،
هوڪا پيا جي اوسي پاسي، پيار وندينڊي مڪڙي پاسي،
مون وٽ آهي هو نہ،
تہ منهنجي ڪيئن حياتي گُذري!

•

چو نہ انهيءَ ڪان پاڙُ جلائي، گهٽ ڪجي من جيءَ کي گهٽي،
هاڻي هُونءَ ٻہ رهيو چاهي!؟ چو نہ لاڳاپا لاهي،
هوندن سان ئي لاڳاپن جو، هوندو آهي رشتو ناتو،
مون کي چئجانءِ پو نہ،
تہ منهنجي ڪيئن حياتي گذري!

۞

## بشير احمد شاد



### غزل

وک وک تي واڪاڻ پرينءَ جي،
چوڏس هيءَ چانداڻ پرينءَ جي.
موتيو، مگرو، سوسن، سنبل،
هر گل ۾ سرهاڻ پرينءَ جي.
دور اُفق تي رنگ رچي جو،
ڇهري جي چانداڻ پرينءَ جي.
ڪنول مٿان جي ماڪ ڦڙا ها،
اکڙين ۾ آلاڻ پرينءَ جي.
مٺ مٺ موتي هر ڪنهن دل ۾،
هيرن موتين ڪاڻ پرينءَ جي.
ڪنهن کي ڪاڻ نہ ڪنهن جي آهي،
مون کي هر دم ڪاڻ پرينءَ جي.

### غزل

منهنجو من گهيلو آهي،
محفل منجهه اڪيلو آهي.
هر ڪنهن کي تو چانوَ ويهاري،
اهڙو گهاٽو ٻيلو آهي.
اکڙيون پوري پيار ڪري ٿو،
ويساهن ورتيلو آهي.
ڪيئن ٿو حڪم هلائي وينو،
ڪيڏو هي البيلو آهي.
ٻاهر چٽ چٽالو ڏاڍو،
اندر پيلو پيلو آهي.
ڏکڙا سکڙا وصل فراق،
مڙني جو هٽ ميلو آهي.
دنيا جو جڻ مون سان دوست،
رشتو ڪو ماٽيلو آهي.
منهنجي دل جي چوگانن ۾،
ارمانن جو ميلو آهي.

### غزل

درد جا رشتا نڪورا ۽ نوان،
عشق جا رستا اڻانگا اڻ سنوان.

غم سمورا پَرَ ڪري اڏري ويا،
حسن جو پيڪر جڏهن آيو اڳيان.

نفرتن جا پيچرا پُر خار سپ،
قربَ جا رستا سنوانا ۽ سنوان.

ماه رو جي مرڪ جو مٽ ناهه ڪو،
وچ چوان، مڪڙي چوان يا گل چوان.

عشق جي انجام کان آ بيخبر،
شاد تازو نينهن لاتو آ اجان.

### غزل

نيڻن مان جو لڙڪ لڙي پيو،
جهڙو سارو ڏيهه سڙي پيو.
ٻاٽياري جي ٻهڙي وانگر،
توسان منهنجو جيءُ جڙي پيو.
ساري تنهنجي سڪ او سائين،
اکڙين مان آ آب تري پيو.
ساهن جي سرهاڻ ملي جا،
ڪيڏو منهنجو هيانءُ ٺري پيو.
تنهنجي ناز نوايا ڪيئي،
هڪڙو ناهي 'شاد' مري پيو.

## مقصود گل

# غزل

نينهن ۾ ناچاڪ، آهيان دوستو،
تنهنڪري غمناڪ، آهيان دوستو...!
چنڊ تارن ساڻ، منهنجي دوستي،
رات جو رولاڪ، آهيان دوستو...!
منهنجي گفتن ۾، صدائون، سوز جون،
عشق جو اُبڙاڪ، آهيان دوستو....!
شبنمي ڏارا، اکين جي اوت ۾،
پرهه جو پيئاڪ، آهيان دوستو...!
درد سان ڏوئي، اندر اجرو ڪيم،
تن صفا دل پاڪ، آهيان دوستو..!
مان پرينءَ جي، پاڪ پيرن ۾ رهي،
صاحب افلاڪ آهيان، دوستون....!
عشق وحدت ۾، پڪو ايمان آ،
برهه ۾ بيباڪ، آهيان دوستو...!
ٿي رکي انسانيت ۾، دل يقين،
اُنس جو ادراڪ، آهيان دوستي....!
منهنجي نيت ۾، نچن نہ ٿون محبتون،
نفرتن کان پاڪ، آهيان دوستو....!
باغُ هن، گل، واس، هيرون هيج جون،
مان وفا جو واڪ، آهيان دوستو....!

# غزل

پنڌ تُنهنجا پڇن ٿيون، مسافر اکيون،
راهه تنهنجي ڏسن ٿيون، مسافر اکيون.
روئي ڳوڙهن سان ساري وضو رات جو،
پيار تنهنجو پڙهن ٿيون، مسافر اکيون.
ننڊ ۾ جاڳ ۾، ورهه ويراڳ ۾،
خواب تنهنجا ڏسن ٿيون، مسافر اکيون.
هرگهه واري ترشنا، ڪنيون ٿيون وتن،
اُڃ اوتي پيئن ٿيون، مسافر اکيون.
چنڊ جي منڊ ۾، ڪير ۽ ڪنڌُ ٿي،
جوت ٻاري جيئن ٿيون، مسافر اکيون.
ڏات جي ڏيهه ۾، سونهن ساٿيهه ۾،
چاهه تنهنجو چمن ٿيون، مسافر اکيون.
عشق اراس ۾، پرهه جي پياس ۾،
ورهُ ٻڌجي وسن ٿيون، مسافر اکيون.
گل، وطن ۽ وفا، پيار ۽ پرٿوي،
نينهن آڏو نِوَنِ ٿيون، مسافر اکيون.

# ڪربلا...!

توتي حسين ٿي ويو، قربان ڪربلا،
تنهنجو بہ چا تہ شان آ، چا شان ڪربلا.
وسريو اڃا نہ تنهنجو، آ احسان ڪربلا،
قربان تنهنجي شان تان، قربان ڪربلا.
ظالم سڏي ٿو، جنگ پيو اقتدار جي،
ڪيئن ٿو مڙهي حسين تي، بهتان ڪربلا.
حج کي ڇڏي هلڻ بہ، ٿو معنيٰ وڏي رکي،
آهي اهوئي امن جو، اعلان ڪربلا.
پنهنجي نظر جي نور سان، ڪو ويو لکي پڙهي،
ڪعبي جي آ غلاف تي، قرآن ڪربلا.
طوفان سان چراغ آ، سينا سپر ٿيو،
تڙپي ٿو پنهنجي اَگ ۾، طوفان ڪربلا
ڪيئن روشني جا ٻاهتر، ٻاري ڏيئا هليو،
آ ظلمتن سان جنگ جو، اعلان ڪربلا.
سچ ڪوڙ جي سڃاڻ آ، سوچي ڏسي تہ ڪو،
پختو دليل بي بها، برهان ڪربلا.
ڪجهہ ڪر تہ اهتمام، جو ٻچڙو رسول جو،
ٻچڙن سان تنهنجو ٿيو اچي، مهمان ڪربلا
هوندي، هئي ۽ آهہ سا زندهہ زمين تي،
سمجهين متان تہ ٿي وئي، سنسان ڪربلا.
تنهنجي شرف ۽ شان کي، ايثار کي ڏسي،
تاريخ شرمسار، پشيمان ڪربلا.
خيمن کي باهہ، چولڙا ٻارن جا روشنيون،
بي شرم شام جو ڪئي، شمشان ڪربلا.
تيرن مٿي بہ ٿيو، مگر سجدو قضا نہ ٿيو،
چا بندگيءَ جو شان آ، چا شان ڪربلا.
بازار ۽ درٻلر جا، چا سانحا لکان،
هڪڙو هجي تہ سو لکان، عنوان ڪربلا.
نيزي مٿي ڪٽڙي ٿو ڏسي، چنڊ مرڪندي،
پڙهيو آ ظلمتن ۾، هيئن قرآن ڪربلا.
اُڀ سرخرو مٿي، هتي گل ويا گلاب ٿي،
خونِ حسين جو، اهو احسان ڪربلا.

## مُرلي ڏر

### نئون سال

هڪ سال ٻيو زندگي گُٽي
چريا، خوش نہ ٿي
ڪري وٺ جي ڪرٽو ٽئي
مِٺا! سُست نہ ٿي
مَتان وڃئي هٿ مان
نڪري عمر سڄي
ڪرڪا ڪِرت چڱي، تہ
سرهو وڃين جهان مان.

### ٽيپا ٽيپا خون

ڳاڙهو خون ٽيپا ٽيپا
هيٺ وهڻ لڳو
هن جي گردن
هن جو ڌڙ
ڪاسائي جي پيرن هيٺان
ائين اٽڪيل هئا
جيئن ڪو آزاديءَ جو سپاهي
دشمن جي زنجيرن ۾
جڪڙيل هُجي
ڪاسائيءَ جي ڇُري
هن جي گردن تي
گهُمي وئي
ٿوري دير لاءِ
جسم ڦٿڪيو
ڳاڙهو خون زمين تي
وِڪرجي ڪارو ٿيڻ لڳو.

### هارايل سپاهي

جيستائين هوءَ جيئري هئي،
پنهنجي مجازي خدا جو،
انتظار ئي ڪندي رهي،
هو شهرت يافتہ وڏو ماڻهو جو هيو،
هاڻ هوءَ هن دنيا ۾ ڪونهي،
شريڪِ حيات وڏو ماڻهو،
ڪومائجي، ڏُرمائجي، وِسامجي،
نِبل، ڪمزور ۽ هيٺو پئي لڳو،
جيستائين هوءَ جيئري هئي،
هو شير هيو، چيتو هيو،
جنهن ڏينهن هوءَ مري وئي،
هارايل سپاهي پئي لڳو.

### گُل بہ سُڏڪيا

گلن جو آهي ڏوهہ ڪهڙو؟
گل خوشبو جو رشتو ڳوڙهو،
گلن جي اهي قسمت ڪهڙي؟
ڪو پاپي جي مالا بڻجي،
ڪو ظالم جي سِر جو تاج،
گل ويچارا سُڏڪن روئن
پيرن هيٺان زخمي زخمي
گلن جو آهي ڏوهہ ڪهڙو؟
ڪالهہ گلن کي روئندي پاتم،
دانهن، ڏنائون روح ڪيائون،
راشي افسر کي ارپيائون،
گل بہ سُڏڪيا مان بہ سُڏڪيس.

انور ساگر کانڌڙو



# وارن جي ور ور جو قسم

## (نظم)

زندانن جي طوفانن ۾
تنهنجا ڪارا ڪاڪل ياد اچن
هن سانجهيءَ جي سنڌيءَ ۾
تنهنجي وارن جي وَرَ وَرَ جو قسم!
هي ڪارا ڪُتا گهورن ٿا
جڏهن سوٽر ٿو للڪار ڪري
اُن هوندي لال گلابي لب؛
ٿا ياد اچن ديواني کي
جو تہ لال لهوءَ جي لاٽن ۾،
ٿو عڪس ڏسان تنهنجي لاليءَ جا
۽ سنگهرن جا ساز وڄن
تنهنجي چرنن کي ٿو ساريان مان
۽ پازيبن کي پڪاريان مان
هي سنگينون هي هٿ ڪڙيون
جڏهن تنهنجي ٻانهن ۾ چوڙيون
اڄ يلغارن جي گهيري ۾
مان ماضي پل جي پيري ۾
هن هيڏي، هُل هنگامي ۾
ٿو ياد اچي اڄ، هار اُهو
جو مون تولاءِ ٺهرايو هو
۽ ڪينجهر جي ڪپ تي ويهي
مون توکي جو پارايو هو
۽ پوءِ چيو هومانءِ سرتا!
تنهنجا نيڻ سمندر آهن
تنهنجي مست نگاهن اڳيان
مان بہ هڪڙو سورج آهيان،
جنهن کي شام سمي جو توڏي
هر حالت ۾ اچڻو آهي
۽ ڪجلين جي ڪنورن تي
ڪَٽَ پتليءَ وانگر نچڻو آهي
پوءِ تو منهن تي هٿ ڏيئي
ڪيڏا ٺهڪ ڏنا ها جانان!
۽ وڏاءُ چئي روئاريو هو
پو پارس جهڙن هنڙن سان
تو لڙڪ بہ سون بڻايا ها
۽ اُپ تان تنهنجي جلون جا
آثار آيا پيئي ڌرتيءَ تي
سو ديپ دکيا ها مندر جا
سو ڦول ٽڙيا ها گلشن جا
سو رنگ مليا ها راهن کي
مان توکي جيڏو چاهيان ٿو!
ان لئہ وري ورجايان ٿو!
ساڳيا چنڊ ستارا هوندا
ساڳيا نينهن جا نعرا هوندا
هي پونءِ جون نياڻيون
مون کان پوءِ بہ وڙهنديون رهنديون
جيسين خواب آزاد نہ ٿيندا
سرمد تنهنجا ميخانا
جيستائين آباد نہ ٿيندا
جڏهن ڳاڙها ڳيرو ڳٽيندا
آزاد هوا جي هلچل تي
اُن ڏينهن قبر مان آنءُ
ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين
هن ذلت جي زنجيرن جا
سڀ بوهہ جا روهہ بہ ڍاهيندس
سارا حساب چڪائيندس
مان توکي جيڏو چاهيان ٿو
ان لاءِ وري ورجايان ٿو
ساڳيا نينهن جا نعرا هوندا
پر آنءُ نہ هوندس، آنءُ نہ هوندس!
ڪجهہ بيخبري جي ڪنبر ۾
غلطان ٿيا هوندا مون کان
جي منٿ مڃين هن مانجهيءَ جي
هن قهر نگر جي قيدي جي
مرڻ مهل بہ مرڪان ڏاڍو
جيڪر مون کي معاف ڪرين تون!
جيڪر مون کي معاف ڪرين تون!

خليل عارف سومرو



## سِتارن جهڙيون سِڻُون

آرسيءَ جهڙا اکر،
پنکڙي جهڙا اکر،
حرف تنهنجي نانءَ جا،
روشنيءَ جهڙا اکر.

هاءِ هي جَلوه گري،
سونهن ٻي توتي ڇَري،
خوبصورت خواب تون،
تون خدا جي شاعري.

عاشقي آهيون اسان،
شاعري آهيون اسان،
سچ پُڇو جهان لئہ،
روشني آهيون اسان.

چنڊ جهڙو ڇڻ لڳين ٿي،
پڻ ڏٿي جي سِڻ لڳين ٿي،
اوپري سنسار ۾،
تون ٿي دل جي مِٺُ لڳين ٿي.

مينهن وانگر وَسي پئو،
روح تائين رَسي پئو،
رنگ ٿي روشني ٿي،
يا تہ ٿي آرسي پئو.

هوءَ آرس ٿي ڀَڃي،
وقت بيهي ٿو وڃي،
آسمانن کي ڇُهان،
ڳالهہ جي عارف مڃي.

## وائي

نئون نئون نِج نبار،
ساٿي پنهنجو سِج اُڀار
کرڻا کهڙا ڪالهہ جا،
اڄ ڪا آڳ اُٿار.
ساٿي پنهنجو سِج اُڀار
ڇگي آهي ڇِٽنگ ٻي،
ڏيئو ٻلي ٻار.
ساٿي پنهنجو سِج اُڀار
ڏائڻ ٻڻي ڏيهہ لئہ،
اوندهہ اندرڪار
ساٿي پنهنجو سِج اُڀار
عارف بنا آجپي،
جيون ڪچي گار
ساٿي پنهنجو سِج اُڀار

## وائي

ڪينَ ڇوڙِ ڏِجان،
ٿانءُ مِٽي جو آهيان.
منهنجي جيون ديپ کي،
هٿن اوٽ ڏجان.
ٿانءُ مِٽي جو آهيان.
منهنجي نازڪ پيار کي،
اُوچو ڪوٽ ڏجان،
ٿانءُ مٽي جو آهيان.
ڏيندي رهجان راحتون،
ڪڏهن نہ ڪوٽ ڏجان،
ٿانءُ مٽي جو آهيان.
چاهڻ واري ڇُونڊ ۾،
مون کي ووٽ ڏجان،
ٿانءُ مٽي جو آهيان.
’عارف‘ کي هن عشق ۾،
سُهڻي موٽ ڏجان،
ٿانءُ مٽي جو آهيان.

## استاد لغاري



# غزل

رات اسان سيان رانجهي،
ڪُنڊيون چاريون ڪنڌي تي.
ميران مَٽَ ڪٽي آئي،
پنهنجا دوها لوڙهڻ لئي.
چنگ اسان ڪي ڏنگ هنيو،
او جوڳيئڙا! اڄ لوڪ سُتي.
اهڙو ڪو منتر ڪونهي؟
جيڪو آئي ساجن ڪي.
پَٽِ پيڻڻ جي رهجي ويندي،
توسان ساٿي! آهي طئي.
اسان محبت وارا ماڻهو،
مُرڪي ٿُون پي ماکي ڏي.
رات اسان جي هولي هُئي،
ڦاٽل جهولي تنهنجي لئي.
ڪير بيراڳي آيو راڻا!؟
بينَ وڳي هَئي! هَئي! هَئي!
ننگري ننگري ديپڪ راڳ،
بستي بستي باهه ٻري.
بند ڪر پنهنجو راڻو راڳ!
هاڻِ مُسافر ننڊ ڪري.

◙

# غزل

هِي پنجوڙ پري ڪان پَڌرو،
اِهو ڪيئن لڳايو آهي تو؟
مون ڪي به وَڻيو هلڪان تون،
او ڪوريئڙا! اڄ سانجهي جو.
مون مومل جي ماڙيءَ تي،
ويهي پيتو ڪير وَٽو.
تون اڇڙو آهين، سو ايندين،
ڪنهن واچوڙي سان وچڙندو.
مون چانڊوڪي جو قسم ڪنيو!
راز فاش نه ٿيندو ڪو،
هيل به آئي ديل اُڏامي.
تنهنجي زلفن جي چوڏاري،
پوپٽ ڪاڏو آ ڦيرو.
رات به مون آ گيت لکيو،
هڪڙو هڪڙو لک رُپئي جو.

◙

پريم پتافي



## غزل

اوهان لئہ اُداسي، اسان جون اکيون،
صُبح توڙي سانجهي، اسان جون اکيون.
سندءِ نيڻ ڪينجهر، سندءِ آر نُوري،
ٻٽيون جڻ تماچي، اسان جون اکيون.
سدا نيڻ آلا، سدا ويس گيڙو،
اٿئي يار جوڳي، اسان جون اکيون.
سڄي سنڌ پنهنجي، بدن جان لڳي ٿي،
انهي ۾ ڪراچي، اسان جون اکيون.
لڳي روح ”امداد“، ”اُستاد“ پنهنجو،
”اياز“ ۽ ”ڀٽائي“، اسان جون اکيون.

## غزل

مسجد، سوچي، مندر سوچي،
ماڻهو جو ٿو، اندر سوچي.

بيدرديءَ سان، اُڇليو ويو آ،
ڪنهن جو لاش! سمندر سوچي.

ماڻهوءَ ۾، احساس مَري وَيو،
هن جي هٿ ۾، خنجر سوچي.

پُوڄارڻ چو، سنڌ ڇڏي وَئي!؟
رات رُنو پئي، مَندر سوچي.

## وائي

ڪاٿي الائي!
هن جا جوڀن ڏينهڙا،
ڪيڏا گهنج نِراڙ تي،
وقت ويو ڳِڙڪائي.
هن جا جوڀن ڏينهڙا،
ناهي نانءُ نشان ڪو،
دريا ويو پائي،
هن جا جوڀن ڏينهڙا،
ڳولي، سوچي ۽ رُئِي،
شايد ڪو موٽائي،
هن جا جوڀن ڏينهڙا.

## وائي

ڍوليا وسرن ڪيئن!
ڳانڍاپي جون ڳالهڙيون.
اُپريو اڄن اوچتو،
منهنجي تن من ڪيئن،
ڳانڍاپي جون ڳالهڙيون.
آيا ساوڻ مينهڙا،
تو ريءَ مهڪن ڪيئن،
ڳانڍاپي جون ڳالهڙيون.
آهن توڪان وسريون،
او ڙي جوڀن! ڪيئن؟.
ڳانڍاپي جون ڳالهڙيون.

## حبدار سولنگي



# غزل

شاعري، زندگيءَ جو رستو آ،
زندگي روشنيءَ جو رستو آ.
سوچَ سيراب ٿي، وئي منهنجي،
ياد ٿنهنجي، نديءَ جو رستو آ.
فطرتي حُسن، عورتون ۽ ٻنيون،
چار گهر ۽ مِٽيءَ جو رستو آ.
منزلِ عشق تي، پُڄڻ جي لئه،
پار ڪرڻو، نفيءَ جو رستو آ.
پاڻ سان آهِ، دُشمني حبدار!
لوڪ سان ياٽپيءَ جو رستو آ.

# غزل

جيون جو هر پاڪر، خالي خالي ا،
۽ لمحن جو اَڱڻُ، خالي خالي آ.
تنهنجي پويان، منهنجو پيارُ اُداسي ويو،
هاڻي منهنجو اندرُ، خالي خالي آ.
اُن ۾ نينهَ رهن ٿا، منهنجي ماضيءَ جا،
ڪيئن چوين ٿو، ڪندرُ خالي خالي آ.
ڪيڏو لنبو، تنهائيءَ جو پاڇو آ،
آءٌ اڪيلو ۽، گهر خالي خالي آ.
جيون ۾ ڪا موسم ٿي، ناهي حُبدار!
نيڻن جو هر منظر، خالي خالي آ.

# غزل

شام ويلي جڏهن، هَٽَ دريءَ جا کُليا،
نيڻ ڪنهنجا، هوائن ۾ اُڏري وَيا.
فطرتن پاند مان، سُونهن آزاڏ ڪئي،
پيارُ مُرڪيو، جوانيءَ ٻه ڪَرَ موڙيا.
وئي اُداسي اکين مان، پکيءَ جيئن اُڏري،
اوچتو هن ڪلهن تي، اچي هٿ رکيا.
ڪا سفر جي پڄاڻي، ٿئي يا نه ٿئي،
هو مسافر هئا، پنڌ ۾ ٿي رهيا.
موسمون رنگ، جيڪي وساري ويون،
سي اکين سان سيئي، هن سنڀالڻ گهريا.
ڪين هڪبئي، هُو الوداع چئي سگهيا،
موڪلائڻ مهل، ٻئي پٿر ٿي ويا.

# غزل

مند خوشبوءِ جو، هندورو ٿي پئي،
ڳهَرَ جو چڻ ڳيچُ، ڏورو ٿي پئي.
ٿهڪ ڏيئي ڳالهه، جيڪا تو ڪئي،
ڳالهه سا، چڻ ڄام شورو ٿي پئي.
جرڪندڙ تنهنجي، جواني او سڪي!
موهه ۽ مَڌُ جو، ڪٽورو ٿي پئي.
جسم ڪي جوڀن، نئين جدت ڏني،
هوءَ غزل ڪوئي، نڪورو ٿي پئي.
واٽ ويندي مُرڪ، تنهنجي اجنبي!
عمرِ ساريءَ لاءِ، تورو ٿي پئي.

## امتياز عادل سومرو



# ڪافي

ڏاڍا ڏئي ٿي سور ستائي!
منهنجي دل ڪي ڪو سمجهائي!

پيار پريت جي اوکي پنڌ تي،
آخر آٽي اهڙي هنڌ تي،
مون ڪي ناحق وئي ڦاسائي!
منهنجي دل ڪي ڪو سمجهائي!

هڪڙو ڇا سؤ پيرا ٽوڪيم،
بيهي راهون رستا روڪيم،
پر بہ هلي وئي ڪيئن الائي!
منهنجي دل ڪي ڪو سمجهائي!

پيار ڏئي جي پرڇايان ٿو،
جيئن جيئن ويهي سمجهايان ٿو،
تيئن تيئن پئي ٿي خارون کائي!
منهنجي دل ڪي ڪو سمجهائي!

عرض ڪيان ٿو همدرديءَ سان،
ليڪن ڏاڍي بيدرديءَ سان،
منهنجون منٿون ٿي موٽائي،
منهنجي دل ڪي ڪو سمجهائي!

ٻاڙو ڇا پر وستي پوري،
عادل' مون تي سنڌ سموري،
ويني ٿي هر روز کِلائي!
منهنجي دل ڪي ڪو سمجهائي!

# غزل

آخر پنهنجو پيار کسي وئي،
هيٺن کان هٿيار کسي وئي.
تحفا ۽ تصويرون ڏيئي،
ديدن کان ديدار کسي وئي.
آخر کهڙي ڳٽتي توکان،
سرمو ۽ سينگار کسي وئي،
زور ۽ زر جي ڳولها ڦولها،
ماڻهن کان معيار کسي وئي.
ذات پرستي فرقي ٻازي،
قومن کان ڪردار کسي وئي.
ڪئنسر ڪي ڪا ڪاتي پئي شل،
ماڻهو مٺيادار کسي وئي.
مون لئہ جيون جيل بنائي،
آزاديون اختيار کسي وئي،
خواب ڏنو ٿر محبت سنڌ کان،
تلخيون ۽ تڪرار کسي وئي.
گڏجاڻيون ۽ قرب ڪچهريون،
ٽي.وي ۽ اخبار کسي وئي.
روزيءَ روٽيءَ جي مجبوري،
اسڪولن کان ٻار کسي وئي.
سالن جي سڀ ڪاوڙ عادل،
نيٺ چميون ڏئي چار کسي وئي.

◙

## امر کهاوڙ



## غزل

چا ڪجي پروسو، تنهن يار تي،
جو مٽي روپ ٿو، هر وار تي.
دوستو! پيار، ايندو ئي اثر،
هر دفعي، دشمنن جي ٻار تي.
ٿو ڏڄان وار، هوندو آ ڏکيو،
پڪ اثر، دوستن جي پيار تي.
اڄ ويو ڳوٺ، سارو واسجي،
تو وڳو جئن، سُڪايو تار تي.
زندگيءَ جو، پيو ڳاڏو ڳِڙي،
صرف ئي، سار جي آڌار تي.
هو نہ آيو، نہ آيو جَهٽ لڙِي،
ڪانءُ لنوندو، رهيو ديوار تي.
سانگ ٿا پوپٽن لئہ، ٿي پون،
شل نہ ڪو گل، ٽڙي ڪنهن ٽار تي.
بک وچان بت ننگا، سڏجن ملنگ،
چو نہ حيرت، وني ڏاتار تي!
تئن امر ٿو پُڄي، جهٽ سونهن ڏي،
جئن پؤنر ٿا، پُڄن مهڪار تي.

## غزل

ٻلو مُرڪي، چڙيو ٺاري اسان کي!
برهہ ٿو باهہ ۾، ٻاري اسان کي.
هلون ٿا اوپرن وانگي، گسن تي،
نظر سان ئي، کيکاري اسان کي.
لڪايئہ ٻانهن تي، نالو تہ چا ٿيو!
چڙيئہ پر دل تان، ميساري اسان کي.
ضرورت آ، تہ حاضر هون خوشيءَ سان،
ٻلي ڪو ٻاٽ ۾، ٻاري اسان کي.
اسان هن دؤر جا، منصور، سرمد،
هلو سوريءَ تي، سينگاري اسان کي.
اسان سارا، سڀاڄها، روز دنيا،
نوان نت ڏيک ڏيکاري اسان کي.
ڏنيون سين جيءَ ۾، جايون حاسدن کي،
ڪَکيو کهڙي هُيو، ڪاري اسان کي!
ٻُڏون ٿا پاڻ، نيٽن جي نديءَ ۾،
هتان ڪئن ناڪئو، تاري اسان کي!؟
ڪڏهن جا پاڻ، مِنجي ئي وجون ها،
"امر" هون، موت ڪئن ماري اسان کي.

## گلبدن جاويد



# غزل

دلبر تہ آهي دل ۾، اعتبار ساڻ ڪٿجي،
ڇڏي سڀئي بهانا، اظهار ساڻ ڪٿجي.

قدم سنڌ جتي سُجهن، سو پار ساڻ ڪٿجي،
ها منتار ساڻ ڪٿجي، دلدار ساڻ ڪٿجي.

ڪٿن آ راهہ الفت، ڪهڪشان نہ جاڻ ان کي،
رکي حوصلو پهاڙ ۽ سمنڊ سار ساڻ ڪٿجي.

اغيار ٻي ڪي ايندا، تڪرار ٻي ڪي ٿيندا،
انڪار هُن جي بدلي، اقرار ساڻ ڪٿجي.

حاضر ٿيندا زمانا، ايندو هلي جڏهن هو،
آجيان سنڌ ڪرڻ لءِ، سنسار ساڻ ڪٿجي.

باغن جا گل سمورا، گلڙن جي ساري خوشبو،
تحفو ڏيڻ لاءِ هن کي، بهار ساڻ ڪٿجي.

صدقي ڪري جواني، ساري هي زندگاني،
بس يار ساڻ ڪٿجي، ها پيار ساڻ ڪٿجي.

## ”جانب“ جوان سومرو

# ڪافي

نشو نينهن وارو، نظارن ۾ ڪونهي،
ويو، قرب ڪوئي، قرارن ۾ ڪونهي.

گلابن جا گفتا، ويا باھ ٻاري،
اُهي چار شعلا، ٻلا ڪير ٺاري،
رهي ڪا بهاري، بهارن ۾ ڪونهي.

جلن ٿا پچن ٿا، نڪي ڪجھ ڪُڇن ٿا،
اَندرَ جو اندَر ۾، رڙل پيا رَجهن ٿا،
سنڀالڻ سنوارڻ، سهارن ۾ ڪونهي.

هتي دل ۾ آهن، رڳو درد دانهون،
خزا وئي اُجاڙي هي، راحت جون راهون،
مزو موج مستي، ملهارن ۾ ڪونهي.

آهي عشق اوکو، اهو ڪونہ ڄاتم،
متل آهي من ۾، رڳو يار ماتم،
خوشي ڪابہ سِڪَ جي، ستارن ۾ ڪونهي.

ٻڳا يار پيرا، ٿيا ٻاڳ ٻيلا،
مَتا ڪونہ من ۾، محبت جا ميلا،
اَثر آھ جو ڪو، اُچارن ۾ ڪونهي.

جياپي جا ”جانب“، ڪيئي جوڙ ٽوڙي،
ڪيا ڦيس ڪيڏا، هي ويريءَ وڇوڙي،
شبابي شرابي، خمارن ۾ ڪونهي.

## ميرزا دبير



## شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ

### (هائيڪا)

بحر آهي علم جو،
شاهه عبداللطيف،
ناهي ثاني جنهن جو ڪو.

شاهه جو رسالو،
سوچ جي ساگر جو،
انمول ٿيو خزانو.

ڀٽ جي ڀٽائي،
لکي بيت نما آيتون،
سنڌي ٻولي بچائي.

•

او! ڀٽ جا ڀٽائي،
ڪڏهن ورندو واءُ،
جڏهن سنڌ ٿيندي سائي.

### (هائيڪا)

سنڌ منهنجي ماءُ،
جنهن جي قدمن هيٺ،
آهي جنت جي واءُ.

•

لڳ اُگهاڙا- اٿيا وار،
نم جي هينان ڪيهن پيا،
پيٽ بکايل ٻار!

آگر ڪيا الله!
پلر جي پالوٽ سين،
پٽن جهليا پاهه.

وڏ ڦڙو مينهن،
ڪارونڀار ڪڪر ۾،
پاسي پرين.

•

آلا ۾ منهنجي تنهائي،
ٻڙ جي وڻ هيٺ،
هوءَ تڏهن به نه آئي!

•

پرينءَ جو ديدار،
مون لئي آهي ٿيو،
چڻ آمد بهار!

•

پرينءَ جو هار سينگار،
مون لئي آهي ائين،
جيئن موسم بهار!

•

چپ چوري چوڻ،
مون کي ڏاڍو وڻيو،
آءُ اوري سڄڻ.

## احساس ابڙو

### غزل

وٺي تون چيچ اسان جي، مٺا گُهمائين ها،
اسان کي پنهنجي هٿن سان، وري سجائين ها.

هُجين ها تون ئي تون، مرڪز اسان جي دنيا جو،
اسان کي روپ نئون ڏئي، پرين بڻائين ها.

اسان کي يار اڪيلو، ڇڏي هَليو ويو آن،
ڪَني هُجين ها اسان سان، اسان کي چاهين ها.

وري ڪرين ها نئون پوگ، نئين راند مٺا!
اسان کان ڪونہ لپين ها، پيو ستائين ها.

الائي ڪهڙي وري، روپ ۾ وَرين واپس،
وڃڻ کان پهريان اسان کي، تہ ڪجهہ ٻُڌائين ها.

### غزل

لوهان جي سُونهن پوڄي سين، لوهان جو پيار ماڻيوسين،
عطا ڪئي عشق الهامي، سڄو سنسار ماڻيوسين.

وڃائي پاڻ کي خود ۾، لڌوسين پاڻ کي ڳولي،
هنئين سين سئن سيلاني، پرينءَ جو پيار ماڻيوسين.

ڏني سين ٽيڪ جيون کي، سُتلسين ڪي بہ ٽي گهڙيون،
اندر جا ٽڪ لاهي، نينهن کي نِروار ماڻيوسين.

رکيوسين سُونهن کي اوچو، ڪيوسين عشق کي اعليٰ،
رُلائي روح کي رڻ ۾، اندر اظهار ماڻيوسين.

اڪيون ڪولي، اڪيون ٻوٽي، ڏٺوسين جا بجاءِ جاني،
اسان هر جاءِ تي، پنهنجين اکين جو يار ماڻيوسين.

### غزل

پاڻ کي پاڻ ڄڻ، عجب ٿو لڳان،
تون جي ناهين تہ، بي سبب ٿو لڳان.

آءٌ وڃندو رهان، ٿو ورهين کان،
ڄڻ نغاري مٿان، ضرب ٿو لڳان،

تون جي ناهين تہ، ڪجهہ بہ ناهيان مان،
تون جي آهين تہ، پوءِ غضب ٿو لڳان،

آءٌ خاموش .ٿي، وَيو آهيان،
ڪربلا جي اُداس، شب ٿو لڳان.

◙

### غزل

نچيا هي نيڻ مي رقصم، اسان اڳتي پَيا ڪاهيون،
هٿن ۾ عشق جو پرچم، اسان اڳتي پيا ڪاهيون.

اسان جو هوش مي رقصان، اسان ۾ يار آ موجود،
اڪيون وجدان ۾ هردم، اسان اڳتي پَيا ڪاهيون.

سڄي سنسار کان ڪٽجي، رهياسين يار ۾ شامل،
سڄو مدهوش آ عالم، اسان اڳتي پَيا ڪاهيون.

خوديءَ جي خول کي ٽوڙي، وٺي سين پاڻ مجذوبي،
اندر ۾ پيار جي موسم، اسان اڳتي پيا ڪاهيون.

◙

استاد لغاري

# شاهه مردان شاهه (ثاني) ڇڇ ڌڻي: سماجيات ۽ سياسيات جو سرچشمو

ولادت باسعادت: 22- نومبر 1928ع (پير جو ڳوٺ، ضلع خيرپورميرس)

انتقال پُرملال: 10- جنوري 2012ع (آخري آرامگاهه، پير جو ڳوٺ، ضلع خيرپورميرس)

اعليٰ حضرت سيد سڪندر علي شاهه عرف شاهه مردان شاهه (ثاني) ڇڇ ڌڻي قدس سرهٗ، ستون نمبر پير صاحب پاڳارا هئا. پاڻ ابتدائي تعليم حافظ مولوي امام بخش رحمة الله جن کان حاصل ڪرڻ لاءِ ويٺا. مولوي صاحب قرآن پاڪ جا حافظ هئڻ سان گڏوگڏ عربي ۽ فارسي ٻوليءَ جا وڏا ڄاڻو به هئا.

پير سائين سيد صبغة الله شاهه (ثاني) سورهيه بادشاهه جي شهادت بعد کيس پنهنجي ننڍي ڀاءُ سيد نادر علي شاهه، سندن والده ماجده ۽ ڪجهه ٻين حويلي مبارڪ جي عزيزن سميت ڪراچيءَ ۾ ملما پارسي گرلس هاءِ اسڪول ويجهو، هڪ بنگلي ۾ قيد ڪري رکيو ويو. اهو بنگلو ان وقت مير خدا بخش خان ٽالپر آف ٽنڊوباگو واري جي ملڪيت هو. هن وقت اُن جاءِ تي ڊاڪٽر مِس صديقي جي اسپتال آهي. قيد و بند واري حالت ۾ سندن مٿان سخت نگراني طور پوليس ۽ مليٽري جو سخت پهرو لڳايو ويو، نوڪرن چاڪرن ۽ سندن گهر جي فردن کي ڪنهن به ٻاهر واري ماڻهوءَ سان ملاقات يا ڳالهائڻ جي اجازت نه هئي.

1944ع جي اوائل ۾ ٻنهي ڀائرن- سيد شاهه مردان شاهه (ثاني) ۽ سيد نادر علي شاهه کي ڪجهه ٻين سائين شميت، سج لهڻ کان پوءِ اونداهيءَ ۾ برقعو پارائي، ريل گاڏي ذريعي علي ڳڙهه لاءِ روانو ڪيو ويو. ريل گاڏي جي دريون جي شيشن کي ڪارو رنگ ڏنل هو در، دريون مڪمل بند هيون ۽ ڪنهن کي به ڳالهائڻ جي اجازت نه هئي. اِها ڪاروائي ان وقت جي هڪ سي.آءِ.ڊي آفيسر محمود حسين جي نگرانيءَ ۾ ڪئي وئي، جيڪو بعد ۾ انسپيڪٽر جنرل آف سي.آءِ.ڊي جي عهدي تان رٽائر ٿيو. دهلي جي ويجهو ريل گاڏي جون دريون ۽ دروازا کوليا ويا، جتي کين صاف سهڻو ۽ اُجرو صبح ۽ سج ڏسڻ نصيب ٿيو. انهن ننڍڙن معصوم اسيرن کي اُتي رهايو ويو ۽ سندن پڙهائڻ لاءِ صدرالدين نجيب نالي هڪ آفيسر مقرر ڪيو ويو، جيڪو کين ڪنهن ڪنهن قرآن پاڪ جي تعليم پڻ ڏيندو هو. ڪراچيءَ ۾ نظربندي دوران يا علي ڳڙهه ۾ کين ڪابه بنيادي سهوليت ميسر نه هئي، ڪو خاص تعليمي انتظام به ڪونه هو.



جون 1946ع ۾، سمنڊ رستي پاڻي واري جهاز ۾، ٻنهي ڀائرن کي ڪجهه ٻين سائين جهڙوڪ محمد عاقل هگورو ۽ علي بخش جوڻيجو سميت ولايت (برطانيا) موڪليو ويو. سڀ کان اول کين "ليورپول" نالي هڪ مقام تي پهچايو ويو، اتان کين ڪنهن پبلڪ اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ بجاءِ، هڪ اڳوڻي فوجي آفيسر "مسٽر سي.ڊيوس" جي پرائيويٽ اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. اهو اسڪول "هيٽرو" جي ويجهو ڀرواڙي جي هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي "پلئينر" ۾ هو، جتي ڪابه بنيادي سهوليت نه هئي. هن اسڪول ۾ ڪنهن رٽائرڊ فوجي آفيسر جي نگراني هئي. مسٽر ڊيوس جي اسڪول ۾ شاگردن جو تعداد ٻنهه ٿورڙو هو، جن ۾ سڀ جا سڀ غير ملڪي هئا. انهن شاگردن جو تعلق ڪنهن نه ڪنهن طرح سان باغي نسل يا خاندان سان هو. هتي هڪ اهڙو ماحول هوندو هو، جو ڪير به ڪنهن سان پنهنجي خاندان متعلق ڏک سُورَ اوري نه سگهندو هو.

نوح سرورؒ جا سترنهان سجاده نشين مقرر ٿيا. سچي عمر ان ذميواري کي احسن نموني سان نڀاهيندي گذاريائون. ساڳي ريت پنهنجي حياتيءَ کي علم و ادب تعليم، سماج ۽ مثبت سياست لاءِ وقف ڪيائون. زندگي ۾ اڻٿڪ محنت جي سبب پنهنجي پوئين ڄمار ۾ عليل به رهيا ۽ نيٺ 11- جنوري 1993ع تي هن جهان مان رخصت ٿيا.

شاعر هو، باڪمال هو، اهلِ وفا به هو،
هر دل جو غم شناس، ڪرمِ آشنا به هو.

'مسندنشين' ته ملڪ ۾، آهن گهڻائي پر،
هو هن 'غريبِ شهر' جو، غمِ آشنا به هو.

ان جي نظر سياست دوران ڪان باخبر،
هو ناز جنهن تي سنڌ کي سو رهنما به هو(3).
(علي محمد مجروح)

مخدو. محمد زمان طالب المولي ؒ بابت هيءُ مضمون مختلف عنوانن ۾ ورهايو ويو آهي، جهڙي ريت هن گهڻ رُخي شخصيت بابت اسان گهڻو ڪجهه ڄاڻي سگهون.

### سياسي، سماجي ۽ تعليمي خدمتون:

مخدوم محمد زمان طالب المولي ؒ جي شخصيت جا ڪيترائي پهلو آهن، جن ۾ سياست، سماج ۽ تعليم جي شعبي ۾ سندن خدمتون اهم آهن. پاڻ دستياب رڪارڊ موجب 1952ع ۾ هالا ميونسپالٽي جا صدر ۽ 02-04-1960 کان 03-09-1961 تائين چيئرمن رهيا(4). 1953ع ۾ بنا مقابلي ميمبر سنڌ اسيمبلي منتخب ٿيا. جنهن کان پوءِ ايوب خان جي دور ۾ ٽي ڀيرا قومي اسيمبليءَ جا ميمبر پڻ رهيا. مخدوم صاحب جن جي ذاتي دلچسپي سبب سندن ميزبانيءَ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو پهريون ڪنوينشن 1- جون 1970ع تي هالا ۾ ٿيو، ان ڏينهن ون يونٽ جي خاتمي جو اعلان ٿيو هو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي هالا ڪانفرنس ۾ قوم کي ون يونٽ جي خاتمي جي مبارڪباد ڏني هئي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ مخدوم محمد زمان طالب المولي ؒ جن کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو پهريون وائيس چيئرمن مقرر ڪيو ويو.

علمي حوالي سان پڻ مخدوم صاحب جن جو ڪردار به اهميت ڀريو آهي. سروري اسلاميه ڪاليج هالا، طالب المولي اورينٽل ڪاليج هالا، سنڌ طبيه ڪاليج حيدرآباد، طالب المولي هاءِ اسڪول دادو جا سرپرست رهيا. ڪيري هاءِ اسڪول جي هاسٽل پڻ مخدوم صاحب جي علم نوازيءَ جي يادگار آهي. ان ڪان سواءِ مخدوم طالب المولي ؒ جن جي طرفان ڪيترن ئي شاگردن کي اسڪالرشپ ۽ سونا تمغا پڻ ملندا رهيا.

### ادبي خدمتون:

مخدوم محمد زمان طالب المولي ؒ سائين جن پنهنجي مصروف پيراڻي زندگي گذارڻ جي باوجود سنڌي علم و ادب سان لنؤن لاتي ۽ علمي طور پڻ وڏا ڪارناما ڪري ڏيکاريا، جن ۾ هالا ۾ "الزمان پريس" قائم ڪري "پاسبان" ۽ "الزمان" اخبارون جاري ڪيائون، ان ڪان سواءِ "انجمن علم و ادب هالا" جي سرپرستي ڪندي 1- نومبر 1952ع تي سروري اسلاميه ڪاليج هالا جي بيت الحڪمت هالا ۾ هڪ عظيم الشان ادبي ڪانفرنس منعقد ڪرايائون، جنهن جي صدارت هاڪاري عالم ۽ دانشور علامه آءِ.آءِ.قاضي ڪئي. 1950ع ۾ فردوس پبليڪيشن طرفان نڪرندڙ رسالي ماهوار "فردوس" جي به هر لحاظ کان رهنمائي ڪندا رهندا هئا، پر جڏهن فردوس جي سنڀاليندڙن جا ذاتي اختلاف وڌڻ لڳا ته مخدوم صاحب جن اهو رسالو باقاعده پنهنجي نگرانيءَ ۾ شايع ڪرائڻ لڳا ۽ ان دوران سليم هالائي کي ماهوار فردوس جو ايڊيٽر مقرر ڪيائون. 1952ع ۾ سندن ئي نگرانيءَ ۾ مسٽر جمع خان غريب، 'طالب المولي' جي نالي سان ماهوار سنڌي رسالو سيتا شهر مان جاري ڪيو. 1954ع ۾ "انجمن علم و ادب" جي هڪ ذيلي شاخ "اداره روح ادب" جي نالي سان مخدوم صاحب جن جي نگرانيءَ ۾ قائم ڪري حيدرآباد مان ماهوار "روح ادب" جي نالي سان سنڌي رسالو شايع ڪيو ويو. سنه 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جا ميمبر مقرر ٿيا. 1956ع ۾ سندن ئي سرپرستيءَ هيٺ حيدرآباد مان ماهوار "شاعر" نالي رسالو جاري ڪيو ويو. 1957ع ۾ "جمعيت شعراء سنڌ" جا صدر

ويو، جڏهن ته هن ڪتاب جو وڌايل ۽ سڌاريل ڇاپو سنه 1994ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو، جنهن ۾ ڪل ڏيڍ سو پندرهن شاعرن جو باتصوير احوال ۽ نموني خاطر سندن شعر آندو ويو آهي.

يادِ رفتگان جي ٻهرئين ڇاپي ڪان پوءِ وري پنهنجي زندگي جي آخري حصي ۾ مخدوم صاحب جن هن ڪتاب جي مواد ڪٺي ڪرڻ ۽ ان تي نظرثاني ڪرڻ جو ڪم نئين سري سان شروع ڪيو. ان ڏس ۾ مخدوم جميل الزمان جن لکن ٿا:

"... ٻي ڇاپي جي تياريءَ جو ڪم حضرت قبلہ مخدوم صاحب جن نومبر 1991ع ۾ شروع ڪيو، ۽ ڊسمبر 1992ع ۾ مڪمل ڪيائون. ان جو مسودو سندن پلنگ تي ساڄي پاسي ڪان رکيل هوندو هو جنهن تي طبعيت جي ناسازي ۽ بين مصروفيتن جي باوجود وڏي انهماڪ ۽ دلچسپيءَ سان نظرثاني ڪندا هئا(6)."

ڪتاب درناياب عرف يادِ رفتگان جي ٻهرئين ڇاپي ۾ مخدوم طالب المولىٰ جن مرحوم شاعرن کي غائبانہ خطاب ڪيو آهي، لکن ٿا:

"اي ڪاغذي دنيا جا شهريارو! اوهان جون تصنيفون اوهان جون سدا بهار حڪومتون آهن، ڏسڻ وارن جي اکيان اوهين نقوش ۽ حروف جو لباس پهري کلندا ۽ ڳالهائيندا نظر اچو ٿا اوهان شاعريءَ جي مملڪت ۾ شهرتِ عام ۽ بقائي دوام جا اهڙا ته عالي شان ۽ پائدار محل تعمير ڪري ڇڏيا آهن جو سوين سال اڃا بہ ساڳئي ساز ۽ سامان سان سينگاريل رهندا. ڪيترائي نسل انهن محلن ۾ ايندا رهندا ۽ آرام ڪندا رهندا(7)."

ساڳي ريت ٻئي ڇاپي ۾ منظوم خطاب ڪيو، اٿن جيڪو 5- ڊسمبر 1991ع جو لکيل آهي.

يادِ رفتگان ۾ شامل مواد جي ترتيب بہ بنيادي قسم جي آهي، جنهن ڪري هيءُ ڪتاب پڙهندڙن وٽ سانديڻ جهڙو تہ آهي ئي پر اديبن، شاعرن، نقادن ۽ محققن وٽ حوالاجاتي نوعيت جهڙي حيثيت پڻ رکندڙ آهي. شمشيرالحيدري ڪتاب جي مواد جي حوالي سان ڇپائيندڙ نوٽ ۾ لکي ٿو:

"يادِ رفتگان ۾ مختلف دورن، مختلف هنڌن، مختلف صنفن ۽ مختلف فڪري مڪتبن جي شاعرن کي چونڊيو ويو آهي. جيتوڻيڪ انهن جو تمام مختصر تعارف ڏنو ويو آهي پر تڏهن بہ هرهڪ جو جنم ۽ موت سن، رهائش جو هنڌ، روزگار جو وسيلو، تعليم، شوق، شغف، شاعراڻو مرتبو ۽ شاعريءَ جو نمونو، سڀ ضروري معلومات اهڙي طرح ڏني وئي آهي، جو 'يادِ رفتگان' فوتي شاعرن جي هڪ مستند ڊئريڪٽري بنجي پئي آهي، جيڪا حوالي جي ڪتاب طور ڪتب ايندي(8)."

## (3) ڪافي:

هيءُ ڪتاب بہ موضوع جي اعتبار کان سنڌي زبان ۾ اهم جاءِ والاري ٿو، ڇاڪاڻ ته هن صنف جي فن بابت هيءُ ڪتاب اڄ ڏينهن تائين واحد ڪتاب آهي. ڪافي، سنڌي شاعريءَ جي مقبول صنف رهي آهي. سمورن ڪلاسيڪل شاعرن (شاهہ لطيف کان سواءِ) ڪافي چئي آهي. حقيقت ۾ ڪافي جو تعلق موسيقي سان آهي، تنهنڪري موسيقي جي ڄاڻ رکندڙ ئي ڪافي ڳائي سگهي ٿو.

مخدوم صاحب جي هن ڪتاب 'ڪافي' ۾ شامل مواد کي هيٺين عنوانن ۾ جدا جدا رکيو ويو آهي:

اڳياڙي
سنڌي تهذيب
سنڌي ٻولي
موزون ۽ غير موزون شاعري
بيت
وائي
ڪافي
ڪافي جي ساراهہ
ڪافي جي پيچ گهڙ
ڪافي جا ڪهاڙيتا
ڪافي لکڻ جو طريقو
ڪافي جو مضمون

**مضامين طالب المولىٰ:**

هن سري هيٺ مخدوم صاحب جن جا ٻائيتاليهه مضمون شايع ٿيل آهن، جيڪي سائين جن سنه 1950ع کان 1993ع تائين مختلف وقتن تي لکيا ۽ پڙهيا. هن ڪتاب ۾ شامل مضمون هيٺين مکيه موضوعن ۾ ورهايل آهن: (1) مذهب، (2) لطيفيات/اشارتِ شاهه،(3) تاريخ، (4) سوانح، (5) تحقيق/تنقيد، (6) ادب لطيف، (7) خطبا.

هنن مکيه عنوانن هيٺ آيل سمورا مضمون، ٻولي ۽ اسلوب جي اعتبار کان ساده ۽ عام فهم آهن، جنهنڪري هر پڙهندڙ انهن مضمونن مان لطف اندوز به ٿئي ٿو ته اصل پيغام کي به آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو، اسان جيڪڏهن هڪ نهار هن ڪتاب جي مکيه مضمونن تي وجهنداسين ته اسان هنن مضمونن جي اهميت جو ڪاٿو لڳائي سگهنداسين.

ڪتاب "مضامين طالب المولىٰ" ۾ لسانيات جي حوالي سان پڻ مواد شامل آهي، جنهن ۾ مضمون "دب دونهين ۾" هڪ معلوماتي مضمون آهي، جيڪو هڪ اصطلاح جي وضاحت طور لکيو ويو آهي. جنهن مان ڪنهن اصطلاح يا لفظ جي بنياد معلوم ڪرڻ وارو فارمولو موجود آهي: هيءُ مختصر پر دلچسپ مضمون آهي. 'دب دونهين ۾' اصطلاح جي تشريح ڪندي مخدوم صاحب جن لکن ٿا:

"جڏهن اول اول بندوق ايجاد ٿي ۽ ڪثرت سان استعمال ۾ آئي، تڏهن ئي ڪنهن جي زبان مان اوچتو اهو جملو نڪتو ته عام استعمال ۾ آيو، تشريح هن طرح آهي ته ان وقت جي بندوقن کان وڌيڪ بارود بندوق ۾ پئجي ويندو هو، ڇو ته بارود جو ڪو مقدار مقرر ڪونه هوندو هو ۽ وري هٿ سان ئي لپ ڀري وجهڻو پوندو هو ۽ وري بارود به نئون ايجاد ٿيل، تنهنڪري بندوق جي فائر ٿيڻ بعد ڪيتروئي وقت دونهون هوا ۾ شامل هوندو هو.

مطلب هيءُ ٿيو ته اجا دشمن جي فائر جو دونهون غائب ٿي نه ٿئي ته تون هڪدم ان تي بي پناهه حملو ڪري ڏي. ان مضمون ۾ مطلب کي ڪنهن سگهڙ ٽورن ئي لفظن ۾ چيو: يعني ته "دب دونهين ۾(12)."

هن ڪتاب ۾ شامل هڪ ٻيو مضمون "فردوس سخن" به ان ئي سلسلي جي ڪڙي آهي، جنهن ۾ ڪن لفظن جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ ڏئي، ان بابت مختلف شاعرن جا شعر ڏنا ويا آهن. 1953ع ۾ لکيل هيءُ مضمون جڻ ڪنهن شاعر جي خاص لغت جوڙڻ جو بنيادي خاڪو آهي.

ڪتاب 'مضامين طالب المولىٰ' ۾ 'ديوانِ طالب المولىٰ' جو مهاڳ به شامل ڪيو ويو آهي. جيڪو علم زبان جي حوالي سان اهم ۽ ڪارائتو آهي، جنهن ۾ سنڌي الف- ب جي ٻاونجاهه اکرن جي پٽيءَ متعلق بحث ٿيل آهي. مخدوم صاحب جي خيال موجب مذڪوره پٽي ۾ 'ڙهه' 'لهه'، 'مهه'، 'نهه'، 'ٺهه'، 'تنوين' ۽ 'غنه' اکرن جو اضافو ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته هن کان اڳ سنڌي الف- ب جي پٽي ۾ 'گهه' ۽ 'جهه' جهڙا اکر شامل آهن. مخدوم صاحب جن جي خيال موجب مذڪوره اکر عام جام لکيا پڙهيا وڃن ٿا، تنهنڪري ڇاڪاڻ ته مرڪب اکر اڳ به پٽي ۾ موجود آهن سي هي اکر به پٽي ۾ شامل ڪجن. اهڙي خيال سان سنڌي الف- ب جي پٽي اڃا به طويل ٿيڻ جو خدشو به موجود آهي. ساڳئي وقت موجوده وقت ۾ پٽي کي گهٽائڻ جهڙا خيال به موجود آهن. بهرحال هيءُ مهاڳ لساني حوالي سان هڪ نئين بحث کي جنم ڏئي رهيو آهي. جنهن تي لسانيات جي ماهرن کي تفصيل سان خيال آرائيءَ جو حق حاصل آهي.

اشارتِ شاهه (لطيفيات) سري هيٺ لکيل مضمونن ۾ مخدوم صاحب، شاهه عبداللطيف ڀٽائي بابت مختلف نُڪتن تي پنهنجا خيال پيش ڪيا آهن، خاص طور شاهه صاحب جي شعرن جي لفظي معنيٰ جي حوالي سان گفتگو ڪندي انهن شعرن جي تشريح پڻ ڪئي آهي ته ٻئي طرح لطيفيات جي عالمن سان مدلل اختلاف به رکيو اٿن. اهڙي ريت مذڪوره مضمون شاهه صاحب جي باري ۾ ڄاڻ ڏيندڙ ۽ بيتن جون نيون معنائون ٻڌائيندڙ اهم مضمون آهن.

مذڪوره ڪتاب جي هڪ مضمون "خواجه حافظ شيرازي ۽ شاهه ڀٽائي" ۾ مخدوم صاحب جن

هر سر زمين جنگ ۽ مقتل نٿي لڳي،
دنيا تہ ڏاڍي طالب مولا حسين آهہ،
پر ڇا ڪجي جو ان مان مگر دل نٿي لڳي.

سندن اهڙي هڪ خوبصورت تشبيهہ جو ذڪر ڪجي جنهن ۾ سڄڻ جي ڪارن وارن کي ڪاري رات سان ڀيٽيو ٿا، چون ٿا:

رشڪِ بخت سيہ رشڪِ تاريڪ شب هن جا زلفِ دوتا خوشنما خوشنما
الله الله جبين ضوفشان ضوفشان جلوه گر جلوه گر يا خدا يا خدا.

مخدوم صاحب جڏهن غزل لکي رهيو هو يا ديوان مرتب ڪري رهيو هو، ان وقت يقيناً سندن آڏو هالا جي شاعرن جا ديوان موجود هوندا، خاص طور "ديوان گل" تہ سندن اڳيان رهيو، ڇاڪاڻ تہ "ديوان گل" سنڌي غزل جي عمارت جوڙيو بيٺو آهي ۽ ٻيو تہ مخدوم صاحب جن پنهنجي ديوان جي مهاڳ ۾ "ديوان گل" جا حوالا ڏنا آهن. گل قافيہ 'ذ' جي غزل ۾ "ڪاغذ" لفظ رديف طور آندو آهي تہ ساڳي وقت مخدوم صاحب جن بہ پڻ 'ڪاغذ' رديف استعمال ڪيو آهي، پر ٻنهي جي خيال ۾ وڏو فرق آهي، گل چئي ٿو:

اڄ آيو يار ڪان مون کي ڪاغذ،
دوست دلدار ڪان مون کي ڪاغذ،
پرت سان پوئيل پنو پاتئل،
يار جي پار ڪان من کي ڪاغذ(18).

مخدوم صاحب جن کي وري قريبن جو پيغام آيو ئي ڪونهي، هو تہ اُن اوسيئڙي ۾ وينا 'ڪاغذ' لاءِ واجهائين، چون ٿا:

عجب آهي جو اڄ تائين نہ آيو يار جو ڪاغذ،
منور مهلقا محبوب من جي ٺار جو ڪاغذ،
صدائون ڪيتريون ۽ عرض ڪياسون ڪيترن کي،
مگر آيو نہ ان ڪان وعده ديدار جو ڪاغذ.

مخدوم طالب المولىٰ پنهنجي غزل ۾ ڪيترائي نوان موضوع شامل ڪيا آهن. زماني جي حالتن بابت فڪرمند آهن. وقت، پڪي جيان اڏامندو ٿو وڃي، واري جيان مُٺ مان ڪسڪندو وڃي ٿو پر جيئن جيئن وقت تبديل ٿئي ٿو تہ ان سان گڏ هو مقرر ٿيل اخلاقي قدرن کي بہ اورانگهي ٿو. اسان گڏريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان ڪيترن ئي اخلاقي مونجهارن ۾ مبتلا آهيون، جنهن سبب هڪ اهڙو نسل پيدا ٿي رهيو آهي، جيڪو پنهنجن اعلىٰ قدرن جي بجاءِ ٻين سوسائٽين جي طرز انداز کي اختيار ڪرڻ ۾ فخرمند آهي، تہ رڳو ايترو پر ان اثر هيٺ هو ڪيترن ئي غير اخلاقي قدمن کي بہ درست سمجهي رهيو آهي. ان پس منظر ۾ مخدوم صاحب خوب چيو آهي:

عجب آهي زماني جا سڀئي اطوار مٽجي ويا،
وڏا سردار مٽجي ويا، وڏا پوتار مٽجي ويا.

اهو اخلاق، اها الفت، اها تهذيب ڪانهي ڪا،
غريبن ۾ اڃا ڪجهہ آهي، پر زردار مٽجي ويا.

نہ عزت هاڻ اشرافن جي محفوظ آهي اي يارو،
وڏن تي ڇا ميار آهي جو ننڍڙا ٻار مٽجي ويا.

زماني جون حالتون ڇا بدليون، اسان مان سهپ، برداشت، خلوص، سڪ، احترام ئي موڪلائي رهيو آهي. مقدس عبادتگاهن جو تقدس بہ پائمال ڪرڻ کان نٽا ڪيبايون. مسجدون دهشتگرديءَ جي ور چڙهي ويون، خانقاهون ذاتي مفادن لاءِ استعمال ٿي رهيون آهن. ان صورت ۾ عام فرد ڪيڏانهن وڃي، اهو بنيادي سوال آهي. مخدوم صاحب ان پس منظر ۾ چون ٿا:

پناهون خانگاهن ۾ ملي سگهيون نہ اي زاهد،
تڏهن ميخاني ڪي ۽ ان جي پيمانن کي پوڄيون ٿا.

اسان ڪان ڪانہ بدعت ٿي سگهي خرقہ نوازي جي،
خدا جو سنهن تہ بس چاڪِ گريبانن کي پوڄيون ٿا.

پر اها فراريت آهي، مسئلي جو حل ناهي، ڪنهن مستقل حل ڏانهن. اسان جي سوچ جو سفر ناهي، اهو عارضي پڙو آهي. حقيقت جي تلاش اسان کي ئي ڪرڻي پوندي. مخدوم صاحب ان مستقل حل ڏانهن اسان کي وٺي وڃي رهيا آهن، جتي دنيا جا هي سڀ رنگ ڊاهڻا پوندا، چون ٿا:

اها پيري ۽ مخدومي بہ، هڪڙو ڍنگ اڄ آهي،
فقط رندن سان الفت آهہ، مستانن کي پوڄيون ٿا.

وري اڳتي پنهنجي حالت بابت چون ٿا تہ

صاحب جن پنهنجي غزل ۾ ڪيترين ئي تشبيهون، استعارا استعمال ڪيا آهن تہ گڏوگڏ فڪري طور سندن غزل رڳو حسن و عشق تائين محدود ناهي پر منجهس انساني سياءُ، وقت ۽ حالتن جي شناس ۽ روحانيت جهڙا موضوع ۽ مضمون پڻ سندن غزل ۾ شامل آهن.

**بيت:**

بيت، سنڌي اوائلي شاعريءَ جي صنف آهي، لوڪ شاعرن توڙي ڪلاسيڪي شاعرن بيت خوب چيو آهي. سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ بيت اسان کي سومرن جي دور کان ملي ٿو. وقت سان گڏوگڏ بيت جي قالب ۾ ٻن قسمن جي تبديلي ايندي رهي، هڪ سٽن جي واڌاري جي ۽ ٻي قافين جي مٽا سٽا جي. جنهن سبب ان جون ڪيترين ئي صورتون پيدا ٿيون، جن ۾ دوهو، سورٺو، دوهو سورٺو، سورٺو دوهو شامل آهن. هي هيئتي صورتون چند تي آڌاريل پڻ آهن. هن دور ۾ بہ بيت جون هي صورتون لکيون پڙهيون وڃن ٿيون. بيت توڙي جي اوائلي صنف آهي پر روايت مان پاڻ کي ڳنڍي رکندڙ شاعرن هن دور بہ بيت چيو آهي. مخدوم طالب المولىٰ جن جي شاعريءَ ۾ اسان کي بيت بہ ججهي تعداد ۾ ملي ٿو. جنهن ۾ ڪيترائي موضوع آندل آهن تہ ساڳئي وقت فني حوالي سان سندن بيت ٻن، ٽن، چئن ۽ ان کان بہ وڌيڪ ائن، نون سٽن جو آهي. سندن هڪ بيت ٻاونجاهہ سٽن جو آهي. جيڪو تجربو سگهڙن وٽ تہ ملي ٿو پر ڪلاسيڪل ۽ نيم ڪلاسيڪل شاعري ۾ نہ ٿو ملي. 'سارسنيال' عنوان هيٺ اهو طويل بيت سندن ڪتاب 'چپر ۾ چڙيون' ۾ شامل آهي.

مخدوم طالب المولىٰ جي بيت جي مطالعي سان جيڪا ڳالهہ سامهون اچي ٿي تہ هن پاڻ کي روايت سان ڳنڍيل رکندي نج ديسي صنف بيت کي ديسي ئي رنگ ۾ رهڻ ڏنو آهي تہ ساڳي وقت ان ۾ موضوعاتي وسعت بہ پيدا ڪئي اٿس. الله جي هيڪڙائي کان ويندي مٺي مير مرسل جي ثنا تائين تقوىٰ کان روحاني رهاڻ تائين، عشق جي آزين نيازين کان وقت ۽ حالتن تائين ڪيترائي مضمون مخدوم صاحب جن پنهنجي بيت ۾ سموهيا آهن. الله جي هيڪڙائي واري بيان ۾ چون ٿا:

تڏهن بہ هڪ الله هو جڏهن ڪجهہ نہ هو،
جڏهن هوندو ڪين ڪي تڏهن بہ سوئي سو،
'وحده لاشريڪ له' ثاني سندس نہ ڪو،
صحيح آهي سمجهيو 'طالب' مولا تو،
اهوئي اهو، هادي آهي هڪڙو.

(چپر ۾ چڙيون، ص 64)

هڪ سچي مسلمان جي حيثيت ۾ نبي ڪريم ﷺ سان انسيت فطري عمل آهي. مخدوم صاحب جن پنهنجن بيتن ۾ حضرت مُحَمَّد ﷺ جن جي ثنا ۽ ساراهہ بيان ڪندي چون ٿا تہ الله تعالىٰ پنهنجي محبوب جي هٿان جيڪو پيغام موڪليو، ان پيغام سان دنيا اندر جهل ختم ٿيو، ڪفر ڪعبي مان نڪتو ۽ هيٺن ۽ لاچارن جو عربي جام اڳواڻ بڻيو.

پيغام پرور موڪليو هٿان پنهنجي حبيب،
امانت سان الله جو، نياپو ڏنو نجيب،
آخر ان عجيب، ڪفر ڪعبي مان ڪڍيو.

ڪريم پنهنجي قرب سان، خلقيو مُحَمَّد مير،
سر ۾ سجهي ڪونہ ڪو، نرمل جو نظير،
بشير آهي بشر لاءِ، عربي جام امير،
ساٿس رکبو سير، تڏهن مهند مرڪبو.

(چپر ۾ چڙيون، ص 73-75)

روحانيت مخدوم صاحب جن جي هڪ خاص سڃاڻپ آهي. پاڻ جنهن درگاهہ سان وابسطہ هئا اتي سندن هڪ حيثيت روحاني اڳواڻ جي بہ هئي، ۽ پاڻ سمجهندا بہ هئا تہ ٻي سڪون خلق جي خدمت مان ئي حاصل ٿيندو. سندن وضعدار طبعيت ان ڳالهہ جي عملي صورت آهي. مخدوم صاحب جن پنهنجن بيتن ۾ 'رهاڻيون راهوند ۾' جو مضمون آندو آهي، هالا لڳ راهوند ۾ درگاهہ حضرت مخدوم نوح سرورؒ جي ٽيرهين سجاده نشين ۽ بيت ۽ ڪافي جي شاعر مخدوم امين محمد پڪن ڏٺي، پڪا اڏي اڪيلائيءَ ۾ ويهي الله جي عبادت ۽ رياضت ۾ وقت بسر ڪندا هئا. مخدوم طالب المولىٰ جن ان جاءِ تي ويندڙ هئا ۽ ان هنڌ تي ڪيل امين سائين جي عبادتن، رياضتن ۽

روح پرور روحاني رهاڻين کان تصور ۾ واقف هئا. تنهنڪري ان تصور تي پاڻ بيت بہ چيا اٿن، نموني طور هت ڪجھ اهڙا بيت پيش ڪجن ٿا:

رات رهي راهوندڙ ۾ ڪئيسون روح رهاڻ،
ويراڳي ورونهن لئي پري آيا پاڻ،
سوا سوز فراق جي ڪڍيئون نہ ڪنهن جي ڪاڻ،
طالب مولا طلب ۾ ڪيئون وٽ وراڻ،
الله اهي آڻ وري منهنجي وطن تي.

رند رهن راهوندڙ ۾ جوڳي ٿيو جنگ،
لکيو ٻڻن لوڪ کان لالائي جا لنگ،
دنگن مٿي دنگ، پين شوق شراب جا.
(ڇپر ۾ ڇڙيون، ص 5-124)

وطن سان محبت هڪ انساني فطري جنبو آهي، مخدوم صاحب جن بحيثيت هڪ محب وطن شاعر جي، پنهنجي ڌرتي، پنهنجي مٽي، پنهنجي سنڌ سان محبت جو اظهار خوب ڪيو آهي ۽ سنڌ کي سدائين شاد ۽ آباد رهڻ جي دُعا پڻ ڏني آهي، چون ٿا:

سدائين سرهي رهين منجھ هجن هٻڪار،
مسڪينن تي مينهن جي وسي شل وسڪار،
ڏکر سيئي ڏور ٿين وڃن ڏهڪي ڏهڪار،
طالب مولا طلب جا وڏا آهن وهنوار،
سائين مون ستار سدا وسي سنڌڙي.
(سدا وسين سنڌڙي، ص 36)

عشق جي ضمن ۾ مخدوم صاحب جن پنهنجي خوبصورت خيالن جو اظهار ڪيو آهي، ڪبوتر، ڪانگ، اکيون ۽ پير عشق جي ڪٿا جا خاص ٿاٿا آهن. ڪانگ ۽ ڪبوتر وسيلي پرين ڏانهن پيغام اماڻڻ جو تصور بہ اسان کي آڳاٽي وقت کان ملي ٿو پر هن موضوعن تي مخدوم صاحب جن ڪبوتر ۽ ڪانگ جي خصلتن جي پيٽ بہ ڪئي آهي جيڪا ڏاڍي دلچسپ آهي. ڪانگ ڪارو ئي سهي پر شاعر ان جي خصلتن کي هن طرح بيان ڪري ٿو:

ڪانگ برابر ڪارڙا، ڪنا جي ڪوجها،
تہ بہ ڏين پيغام پَرڪ سمجھي سبوجها،
آهن اٻوجها طالب مولا ڪين ڪي.
(سدا وسين سنڌڙي، ص 74)

ساڳئي وقت ڪبوتر بابت چون ٿا:

ڪبوتر ۽ ڪانگ ۾ آهي وڏو ڦير،
هن جي گونگن وانگيان غون غون سمجھي ڪير،
هُن جي ڪان ڪان سمجھجي جو پلئي اڱڻ تي پير،
هو ديس پرائي جو پکي هي وطن جو دانهير،
ڪارو ڪونجھوئي سهي من ۾ رکي نہ مير،
اير نہ ڪوئي پير، طالب مولا تن ۾.
(سدا وسين سنڌڙي، ص 72)

اکين ۽ پيرن جو ذڪر بہ دلچسپ آهي، اکيون عشق جي اظهار جو بهترين ذريعو آهن، ۽ اکيون ئي آهن جيڪي ڪن کي گهائل ڪن ٿيون، ڪن کي مائل ڪن ٿيون، ڪڏهن تڙپ ۽ بيقراري وڌائن ٿيون تہ ڪڏهن تڙپ ۽ بيقراري کي ماٺو ڪن ٿيون. ڪڏهن سڄڻ لاءِ اوهيرا ڪري وهن ٿيون تہ ڪڏهن خوابن کي پاڻ ۾ ٽانڪي وٽن ٿيون عاشق سان چلولايون ڪنديون. مخدوم صاحب جن اکين بابت خوب لکيو آهي، مينهن سان پنهنجي حالت کي پيٽنيندي چون ٿا:

ڇو ٿو ڪرين مينهن مون سان ريس روئڻ جي،
طالب مولا سان ڪيا، ناحق وڏا نينهن،
تنهنجا بہ ٿي ڏينهن، منهنجي موسم سيڪا.
(ڇپر ۾ ڇڙيون، ص 130)

روئڻ جي اها حالت سڄڻ جي دوري سبب آهي، تنهنڪري بيقراري جي منڊ ۾ اکين مان رم جهر جاري نہ ٿيندي تہ ٻيو ڇا ٿيندو، چون ٿا:

وسيو ٿيو وسن اکيون اوهيرا ڪريو،
ڪهڙي مجال مينهن کي جو اينهين ٿي اچن،
طالب مولا! طلب ۾ ٽميو روز ٽمن،
جيڪر محب ملن تہ رهنديون ڪين رئڻ کان.
(ڇپر ۾ ڇڙيون، ص 130)

پر جڏهن اکين پنهنجي پرين جو ديدار ڪيو تہ ڪين روئڻ وسري ويو ۽ ان ويل مخدوم صاحب جن کي پنهنجا پير ياد آيا جن جي ذريعي هو سڄڻ تائين پهتو آهي. هيءُ انداز نرالو آهي، پيرن کي ڳائيندي سائين طالب المولىٰ جن چون ٿا:

قدمن تان قربان ٿيان جو هليا وٽ حبيب،
هيرايا هٿن سان قربائتي قريب،

ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو

# جنهن جا پيرا پوڄيا _ منهنجي جيءَ جڏي

## (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جي ياد ۾)

12 جولاءِ 2011ع آڳاري جو ڏينهن، سنڌ جي علمي ۽ ادبي دنيا لاءِ نهايت ئي نحس ۽ ڏکيو ڏينهن ثابت ٿيو، جاڪاڻ ته پنيرڪي مهل ئي سنڌ جو نامور عالم، اديب، شاعر، محقق ۽ استاد، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پنهنجي گهڻگهرن کي وڇوڙي جو وڍ ڏيئي ويندو رهيو. هونءَ جن سڄڻن جا صبح جي سلامن جا ميسيج هڪٻئي پنيان پيا ايندا رهندا هئا، تن جا سائينءَ جي جدائيءَ ۾ صدمي ۽ سڏڪن وارا سنيها پئي آيا. جن جيءَ ۾ جهوراٽو پئي وڌو. ٻه هزار يارهن جو عيسوي سال ته هونئن ئي سنڌ لاءِ ڏاڍو ڳرو ثابت ٿيو.

اپريل 2011ع ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي جدائيءَ جو صدمو رسيو، ته 11 جون تي طارق عالم ابڙي جهڙو نامور ليکڪ لاڏاڻو ڪري ويو. سندس مرقد مبارڪ جا نه گل ڪومائا ۽ نه مٽي ئي سڪي، ته شاعريءَ جي ميدان جو گهوٽ گهائجي ويو. ائيليڙي!! سموريءَ سنڌ ۾ ڪهرام مچي ويو، گهرياتي، پاڙي وارا، ڳوٺائي، شهري، پوري سنڌ، هن مرڪندڙ ۽ ٻهڪندڙ موتي جهڙي ماڻهوءَ مان رت ٽمندي ڏسي پار ڪڍي وار پٽي رهي هئي- لوالا! حسن!! لو حسن درس!!

هيءُ ڪهڙو پار آ، جنهن ڏانهن مُهڙ ڪئي اٿئي! اهڙي ئي جواني، جنهن اڳ رت ڳڙندي راهه ورتي، تنهن کي ئي اڃا سنڌ نه وساريو آهي ۽ احسان بدوي جا مرثيا چوندي رهي ته، وري ٻيو معصوم چهرو رتو رت ٿي پيو ۽ راهه ويندي ائين ئي راهه رباني وٺي ويو. اهو هو الطاف عباسي! جو نه رڳو تنوير کي ويڳاڻو ڪري ويو، پر سنڌ کي ئي ويچارو ۽ نماڻو ڪري هليو ويو. وري هيءُ نهڻو ۽ نماڻو نوجوان حسن درس ائين ئي جدا ٿي ويو!

سي جيءَ جيارا ماڻهو ها،
سي سڀ کان پيارا ماڻهو،
جن ساهه ڏئي، ويساهه ڏنو،
جي دل ۾ درد ڏڪائي ويا.



وڏن ۽ ننڍن جو هيءُ هڪ عجيب قافلو هو، جو ڪوچ ڪري ويو. ان قافلي ۾ هڪ اهڙو منفرد مرد هو، جنهن جي وڃڻ سان سنڌ جي ادب جي علمي دنيا کي وڏو نقصان رسيو آهي. ڇاڪاڻ ته هو ادب ۽ ادبيات جو اهڙو يڪتا انسان ۽ عالم هو، جنهن لاڳيتا پنجٽيهه سال سنڌ جي نسلن کي ادب جو علم پڙهايو ۽ پورا پنجاهه سال تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ڪري، هڪ ڪمي پوري ڪندو رهيو. هو اسان جي سماج ۾ ادبيات جو فقط هڪڙوئي ماهر ليکيو ويندو هو، جيڪو پنهنجي موضوعات سان نه رڳو دلچسپي رکندو هو، پر هڪ محقق جي حيثيت سان نميواري به محسوس ڪندو هو. سندس ڪم ۽ ذوق توڙي نميواريءَ جو جائزو وٺجي ٿو ته معلوم ٿو ٿئي ته، هن جي وک وڌندڙ ئي رهي جو پنهنجي موضوع ۽ مقصد سان سدائين سچو رهيو. سندس مزاج ننڍپڻ کان ئي سنجيدو ۽ مانائتو رهيو. علم سان شوق ته مورثي هوس، پر ادبي ذوق پنهنجي طبعيت ۽ تعليمي ماحول جي ميل سان ابتدا ۽ ارتقا پذير ٿيو. سندس والد صاحب ڊاڪٽر سلطان احمد جوڻيجو ۽ ڏاڏو حيدر خان پنهنجي وقت ۾ تر جا باشعور ۽ نامور انسان هئا. ڊاڪٽر سلطان احمد جي لاءِ سن 1944ع ۾ شاهاڻي پبليڪيشن ڪراچيءَ پاران ڇاپايل ڪي.ڊي شاهاڻي جي ڪمپائيل ٿيل 'Who's Who in Sindh' ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته:

Dr. Sultan Ahmed Khan Hyder Khan Junejo J.P Land lord, Badin, Aged 24 years, in the leading person at Badin and is

respected by Hindus and Muslims. He has learnt English at home and practicing free. He has been helping to poor people. He is ex-president taluka district local board and old gun licenses. He is a young man with a kindly heart and a generous disposition. (who's who in Sindh-P 98).

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي صاحب جي طبعيت ۾ جا خود انتظامي هئي، سا سندس خانداني اثر جو سبب هئي. ان خود انتظامي ۽ ادب ۽ آرٽ جي وجداني ڪيفيت سبب پاڻ جيڪو بہ ڪم ڪرڻ گهرندو هو. ان کي ابتدا کان انتها تائين وڏي ڌيان ۽ گيان سان تڪميل تي رسائيندو هو. سندس علمي ۽ ادبي ڪم جي وچور پيش ڪرڻ کان اڳ مختصر طور تي پروفائيل ڏانهن ديد ڌريون ٿا تہ معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ 26- نومبر 1935ع مطابق 28 شعبان 1354هہ آڱاري ڏينهن تولد ٿيو. پرائمري تعليم پير فتح شاهہ جي پرائمري اسڪول مان حاصل ڪري، انگريزي اي وي (A.V) اسڪول بدين ۾ پڙهڻ کان پوءِ ٽنڊي باگي، حيدرآباد ۽ نواب شاهہ ۾ پڙهندي 1956ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. انٽر پاس ڪرڻ کان پوءِ 1960ع ۾ بي. اي جو امتحان پاس ڪيائين، ايم.اي (سنڌي) جو امتحان 1962ع ۾ فرسٽ ڪلاس/فرسٽ پوزيشن سان پاس ڪري گولڊ ميڊل حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ترت ئي آگسٽ 1962ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو. 1966ع ۾ چيني زبان ۾ پيڪنگ مان ڊپلوما ڪري آيو. اهڙيءَ طرح 1973ع ۾ خانہ فرهنگ حيدرآباد مان فارسيءَ ۾ ڊپلوما ڪري، ”سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر“ جي موضوع تي علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جي نگرانيءَ ۾ پي ايچ.ڊي جو مقالو لکي سن 1974ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان اعليٰ سَنَدَ حاصل ڪئي. پنهنجي سروس دوران نهايت ئي ذوق ۽ نميواريءَ سان فرائض سرانجام ڏيندو رهيو. سندس ڪارڪردگي ۽ ڪردار جي پرک کان پوءِ مرحلي وار ترقي ٿيندي رهي. آخر 1995ع ۾ آرٽس فيڪلٽي جي ڊين جي عهدي تان رٽائر ٿي، پنهنجي علمي ۽ ادبي ذوق سبب اڳ وانگر مختلف موضوعن تي تصنيف ۽ تاليف جو ڪم ڪندو رهيو. سندس سموري زندگي پنجهتر سالن، ستن مهينن ۽ سورهن ڏينهن تي مشتمل هئي. ان حياتيءَ ۾ اوڻيهن سالن جي ڄمار ۾ سن 1954ع ۾ لکڻ شروع ڪيائين. پهرين تحرير افسانوي جي صورت ۾ ”مٽي جو سور“ جي عنوان هيٺ ’فردوس‘ رسالي هالا جي مارچ 1954ع ۾ شايع ٿي ۽ ساڳئي سال ئي لکيل ”سنڌي ٻوليءَ جا مختلف اُچار“ ”نئين زندگي“ رسالي جي سيپٽمبر 1954ع جي پرچي ۾ ڇپجي پڌري ٿي. اهڙيءَ طرح سڄي زندگي رسالن ۾ لکڻ سواءِ ڪيترائي ڪتاب بہ لکيائين. پهريون ڪتاب ’سوکڙي‘ 1956ع ۾ ڇپيو، جو ٻيتن ۽ افسانن تي آڌاريل آهي. هن هيٺ سندس شايع ٿيل ڪتابن جو ذڪر ڪجي ٿو:

1. سوکڙي 1956ع
2. اباڻو گهر 1958ع
3. دانشمندي 1958ع/ ترتيب
4. ڪنزاللطيف 1961ع
5. غزلن جو غنچو 1963ع/ پروفيسر علي نواز جتوئي سان گڏ
6. سوري آ سينگار 1963ع
7. سنڌيون 1970ع
8. پيغمبر اسلام 1971ع
9. سنڌي ٻيو ڪتاب 1973ع
10. مائو جي ملڪ ۾ 1973ع (ترجمو)
11. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ 1973ع
12. اڪيلي 1974ع
13. لاڙ جي لغات 1975ع
14. مرگهہ ترشنا 1976ع
15. لطيفيات 1977ع
16. لطيف ڪوئز 1978ع
17. سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر 1980ع
18. سچل نامو 1980ع
19. نہ ڪر هار سينگار سکي 1981ع
20. ديپڪ ۽ ملهار 1984ع
21. چونڊ ڪلام 1984ع
22. سنڌي لوڪ گيت 1985ع (اردو)

23. محمد سومار شيخ- شخصيت ۽ فن 1988ع
24. مقالا 1988ع/ترتيب
25. نرتي تند نياز سين 1988ع/ترتيب
26. بايو ڊيٽا آف رائيٽرس
27. سليس سنڌي 1989ع (اردو)
28. وندر سر محل جو مسافر 1989ع
29. لاڙ جو مطالعو 1991ع/ترتيب
30. سنڌ ڪوئز 1993ع
31. ٿر جي بولي 1994ع
32. مرنگ 1995ع
33. ڊاڪٽر بلوچ- هڪ مطالعو 1998ع
34. شيخ اياز- هڪ مطالعو 1999ع
35. ڪشف الابيات 1995ع
36. سرائيڪي شاعري- هڪ مطالعو 1999ع
37. تنوير عباسي- هڪ مطالعو 2000ع
38. محمد سومار شيخ- هڪ مطالعو 2001ع
39. سرائيڪي شاعري- ايک مطالعہ 2001ع (اردو)
40. لاڙ صدين کان 2001ع ترتيب
41. سنڌي ادب جو مطالعو 2001ع
42. ميرا عشق پي تو 2002ع (اردو)
43. درسي ٻيو ڪتاب 2002ع
44. ڊاڪٽر سنديلو- هڪ مطالعو 2002ع
45. ڪنمال 2002ع
46. ڪافيان 2003ع (اردو)
47. بدين 2004ع ترتيب
48. وتايو فقير 2004ع ترتيب ۽ ترجمو
49. سنڌي ادب جي تاريخ ٽن جلدن ۾ 2004ع/ 2005ع/2006ع
50. مجاز 2005ع
51. شاهہ عبداللطيف 2005ع (اردو)
52. شاهہ جي رسالي جو مطالعو 2005ع
53. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، حيات و خدمات 2006ع (اردو)
54. سچل سرمست- هڪ مطالعو 2006ع
55. بابا بلهي شاهہ 2007ع (اردو)
56. صوفيانہ موسيقي 2007ع (اردو)
57. سنڌي زبان جي ماهيت 2007ع
58. سچل سرمست- شخصيت اورفن 2008ع (اردو)
59. لاڙي ۽ ڪڇي 2008ع
60. جلترنگ 2008ع
61. زنبيل 2010ع
62. شڪار 2011ع
63. مَتو بالا 2011ع
64. شاهہ عبداللطيف مدبر، معلم ۽ مهربان 2012ع

## اڻڇپيل ڪتاب

65. قنديل (مقالن جو مجموعو)
66. رنگ رتول
67. عثمان فقير جو ڪلام
68. ڏيپلائي- هڪ مطالعو

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب- تصنيف ۽ تاليف کان علاوه سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر مختلف ڪانفرنسن ۾ تحقيقي مقالا پيش ڪندو رهيو. مختلف ادارن لاءِ سندس ڪيل خدمتون بہ هميشہ يادگار آهن. سن 1993ع ۽ 1994ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين رهيو ۽ 2007ع کان 2009ع تائين سنڌالاجي جو ميمبر پڻ رهيو. سندس رهنمائيءَ ۾ پنجن محققن پي ايچ.ڊي جا مقالا لکي، سند حاصل ڪئي ۽ ٻن ايم.فل جا مقالا پيش ڪري ڊگري ورتي. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ ٽي سال لاڙ ميوزم بدين جو اعزازي ڊائريڪٽر رهيو. مختلف يونيورسٽين ۾ لکيل ڪن ايم.فل ۽ پي ايچ.ڊي جي تحقيقي مقالن لاءِ ممتحن بہ رهيو. کيس علمي ۽ ادبي خدمتن تي هميشہ دلي تسڪين محسوس ٿيندي هئي. سڄي زندگي ذميواري سان فرائض سرانجام ڏيندو رهيو. ايترين خدمتن جي ڪري ڪڏهن بہ پاڻ کنهن انعام اڪرام جي نہ طلب رهي نہ ان جو ڪو اظهار ٿي ڪيائين. جن ادارن ۽ تنظيمن پاران ايوارڊ عطا ڪيا ويا، انهن جي معلومات هي آهي:

بين الاقوامي ڪانفرنس ايوارڊ سنڌ يونيورسٽي 1988ع

2. سچل سرمست ايوارڊ سيمينار درازا

3. لاڙ ثقافتي ميلو بدين 1991ع

4. سچل سرمست ايوارڊ خيرپور 1998ع
5. انٽرنيشنل ڪانفرنس ايوارڊ آن آرڪيالاجي خيرپور 2003ع
6. نئين زندگي ايوارڊ 2006ع
7. بيدل ايوارڊ روهڙي 2006ع
8. انسٽيٽيوٽ آف بزنس اسٽڊيز ڪراچي 2008ع
9. سنڌي ٻولي لکت ۽ تهذيب ڪانفرنس ايوارڊ حيدرآباد 2009ع
10. سما دور سيمينار ايوارڊ ڪراچي يونيورسٽي 2009ع
11. ڪلهوڙا دور سيمينار ايوارڊ 2010ع
12. روضي ڌڻي ايوارڊ حيدرآباد 2010ع
13. انهن کان علاوه 2005ع ۾ ڀارت ۾ ڪانفرنس دوران ڪيترائي ايوارڊ مليا.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب شاگرديءَ واري زماني کان ئي مطالعي جو شوق رکندو آيو. هو پنهنجي همعصرن ۾ پڙهڻ جي رفتار، موضوعن ۽ ٻولين جي لحاظ کان مشهور هو. سنڌي ته مادري زبان هئس، پر اردو، انگريزي، فارسي، هندي ۽ چيني زبانن جي تحريرن جو به سٺو سنئون مطالعو ڪندڙ هو. انهن ٻولين ۾ هزارين شعر ياد هوندا هئس ۽ هزارين شاعر پڙهي ڇڏيا هئائين. شعر ۾ ڪي خاص ٽڪون ته پسند جو سرمايو هو جي گهڻو ڪري هر محفل ۾ ٻڌائيندو هو. ڪتابن جي پڙهڻ جو اهو عالم هو جو ڪتاب ڇپيو مس ته سائين پڙهي پورو به ڪيو ۽ ان متعلق مختصر راءِ به رکي ڇڏيندو، منجهس جيڪي به ڳڻ اوڳڻ هوندا، تن ڏي اشارو به ڪندو. ادبيات جي هر هڪ موضوع ڏانهن خصوصي توجهه هو، نه رڳو ڪتاب يا مضمون/مقالو پڙهي ڇڏيو، پر اهو هٿيڪو به ڪبو ۽ وقت ضرورت ان مان ڀرپور استفادو ڪري، پنهنجي ذوق ۽ ذميواري جي ادائگي به ڪبي.

موضوع سان مطابقت رکندڙ مواد مان ڪنهن ماخذ يا معلومات نه ملڻ يا دشواريءَ ڪارڻ ڪو عذر ڏئي نظر انداز ڪرڻ کي تحقيق ۽ تجسس جو وڏو عيب ۽ بد ديانتي ڀائيندو هو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي ذاتي لائبريريءَ ۾ ڪم ڪندو رهندو هو. ڪم دوران ڪنهن ڪتاب ڏسڻ يا واقعي توڙي معلومات متعلق پنهنجي لائبريريءَ ۾ ڪمي محسوس ڪندو ته هڪدم ڳاڏيءَ ۾ چڙهي نڪري پوندو ۽ سنڌالاجي يا ڪنهن دوست احباب وٽان ڳهربل معلومات حاصل ڪري، ائين واپس وري پهچندو جو ڪل ئي ڪانه پوندي ته ڪيئن آيو ۽ ڪيئن ويو. ڪڏهن ڪڏهن منهنجي ڪمري تي اچي ڪنهن ڪاغذ تي فقط اطلاع لکي ويندو ته:

”ونڊ سر محل جو مسافر آيو آهي، پر ضروري ڪمن سانگي موٽيو ٿو وڃي.(ع)“

ڊاڪٽر صاحب لکَ ڳڻو ۽ لک وڙو انسان هو. ڪهڙيون خوبيون ڳڻائجن ۽ ڪهڙيون خاصيتون ٻڌائجن! پنهنجي خود انتظامي جو مثال پاڻ هو ۽ بيشڪ هڪ پڙهيل ڪڙهيل انسان جو اهڙو اهڃاڻ هو. جو اڄ جهڙو ٻيو ڪو به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي، جو ان سان ڀيٽ ڪجي. هميشه خوش پوش ۽ خوش اخلاق، ڪم گو ۽ صاف گو. چند ڏينهن اڳ ذيابيطس جي شڪايت ڪيائين ۽ صحت لاءِ احتياط اڳي کان وڌ پئي ڪيائين. جون/ جولاءِ جي موڪلن سبب مان شڪارپور ويس ته روز يا ٻئي ٽئين ڏينهن فون ڪري اتان جي گرمي ۽ گهُٽ سبب مون کي صحت جو خيال رکڻ لاءِ هدايتون ڪندو رهيو. خبر ئي ڪانه پئي ته اوچتو سندس طبيعت خراب ٿي پئي ۽ کيس لياقت نيشنل هاسپيٽل ڪراچيءَ ۾ وڃي داخل ڪيو ويو. شايد اهو 8 يا 9 جولاءِ جو ڏهاڙو هو ۽ 10 جولاءِ تي سندس نياڻي شهريور صحتمند ٿيڻ جي خبر فون تي ٻڌائي ۽ چيو ته ڪافي دوست ۽ احباب وٽن اچن ٿا ۽ حال احوال ٿئي پيو. اخبارن به سندس تصويرون ۽ انٽرويو پئي ڇاپيا ته دلجاءِ ٿي. اوچتو يارهين جولاءِ جي شام جو 9:00 وڳي پياري دوست محمد انور علي منصور مگريي فون ڪئي ته ڊاڪٽر صاحب جي ڪجهه دير کان طبيعت سخت خراب ٿي ويئي آهي، اهو ٻڌي ادي شهريور ڏي فون ڪيم، جنهن به اداسيءَ مان اهڙو ئي گفتگو ڪيو. بيچيني وڌي ويئي، بيقراري برقرار رهندي آئي. ڊاڪٽرن جي ڪوشش

بلوجود زندگي پنهنجا پل پڄائي چئين وڳي سنڌ جي ذات جو ڏيئو هميشہ لاءِ اجهائي علمي ۽ ادبي دنيا جي روشنيءَ جا رنگ ٿڌا ڪري ڇڏيا. صبح ٿيندي ئي اها خبر سموري سنڌ ۾ ميسيجن، ريڊيو ۽ ٽي.وي ذريعي عام ٿي ويئي. سندن شاگردن، مداحن، دوستن ۽ گهڻگهرن جي پهچڻ سبب جنازي نماز ۽ تدفين جو وقت شام جا پنج مقرر ڪيو ويو هو. مان ۽ محمد انور علي منصور، ڪار ۾ شڪارپور کان هلياسين. حيدرآباد پهتاسين تہ ادا اختر علي جي فون آئي، پڇيائين تہ: "پهچڻ ۾ ڪيتري دير لڳندي؟" مان وراڻيو تہ: ٽائيم تي پهچڻ جا امڪان آهن. اسان پنج وڄي ويهن منٽن تي پهتاسون تہ ماڻهن جو وڏو تعداد سندس لائبريري جي اڳڻ ۾ موجود هو، ڪيترا ماڻهو ٻاهر بيٺا رهيا. ادا اختر علي سان ملياسون مس تہ گهران ميت آندو ويو ۽ شاهہ قادري قبرستان ڏي آخري سفر شروع ٿيو. ٿوري دير ۾ اتي پهچي جنازي نماز ادا ڪئي ويئي. سندس آخري ديدار لاءِ ڪفن جون ڏوريون ڪوليون ويون تہ ماڻهن بي اختيار ٿي اڳتي وڌي ديدار پئي ڪيو. هڪ معصوم انسان جو معصوم چهرو هو جو اطمينان جي ننڊ ۾ ستل نظر آيو. پندرهن منٽن ڪان پوءِ ڪفن جون ڏوريون ٻڌي، شاهہ قادري قبرستان ۾ سندس والد ڊاڪٽر سلطان احمد ۽ ڏاڏي حيدر خان جي پرسان لاڙ جي هن لاڪيٽي لال کي ٿڌي مٽي جي هنج حوالي ڪيو ويو. سچ لهي چڪو هو ۽ اجا انڌيرو ڪونہ پکيڙيو هو تہ ٿڌي تي موٽي بخشش جي دعا گهري خيرات جي ماني هلائي ويئي. ماني کائي هر ڪو اداس اداس منهڙو ڪٺي پنهنجي ماڳ ڏي اسهڻ لڳو. اهو سڀ ڪجهہ جيتوڻيڪ اکين آڏو ٿي چڪو آهي، پر دل اجا مڃڻ لاءِ تيار ئي ناهي تہ:

الا هي انسان، آڏري ويو اوچتو!
ڪيڏو هو مهان، ساري سنڌڙيءَ ۾ اهو.

◙

سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپيل نوان ڪتاب






سحر انصاري
آزاد قاضي

# پير حسام الدين راشدي

## (هڪ منفرد علمي شخصيت)

[اردو ادب جي نامور اديب جناب سحر انصاري صاحب جو هيءُ مضمون اردو رسالي ماهنامہ 'قومي زبان' جي اپريل 1985ع واري پرچي ۾ شايع ٿيو هو. مترجم]

زندگي ۽ موت وارو تجربو بہ عجيب آهي، جيڪڏهن ڪو اندر ۾ ائين ويچارڻ لڳي تہ، زندگي رڳو نفس جي پورائي جو نالو ناهي ۽ اهو تہ پنهنجي عمل سان زندهہ هئڻ جو ثبوت ڏيڻ هر انسان لاءِ ضروري آهي تہ پوءِ، اهو غور و فڪر ۽ علم و آگهي جي اٿمئي درياء طرف توجهہ ڏيڻ لڳندو ۽ هڪڙو فطرت جو اهو بہ اصول آهي تہ جڏهن ڪو ابتدائي دور ختم ٿي، پروسي سان پنهنجي منزل مقصود کي پهچڻ وارو هوندو آهي تہ ان پَل بحر بيقران جي هڪ ٿي لهر، ان کي پاڻ سان لوڙهي ويندي آهي.

آگيا جب سليقۂ تعمير،
قصرِ هستي کو بے اساس کيا.

ان ڪري شايد هر غير معمولي فرد جي موت تي اهو احساس اڪثر اهميت اختيار ڪري ويندو آهي تہ ان جو پورائو نہ ٿي سگهندو. هونئن بہ اسان جي معاشري ۾ علمي ۽ ادبي ڪم ڪرڻ وارا شخص بنهہ محدود آهن، چاڪاڻ تہ اسان جي عام زندگيءَ جي اوليت وارن ڪمن ۾ اهڙين ڳالهين کي بنهہ آخري درجو ڏنو ويندو آهي.

پير حسام الدين راشدي هڪ علمي شخصيت واري حيثيت ۾ پنهنجو اهڙو نقش ڇڏي ويو آهي جو حقيقتاً علمي تحقيق ۽ علم پروري واري هن منظرنامي تي سندس ڪمي بار بار محسوس ٿئي ٿي.

پير صاحب هڪ شخص نہ، هڪڙي شخصيت هو. ان سان ملي حقيقي خوشي ۽ اطمينان حاصل ٿيندو هو. پير صاحب پنهنجي عام ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڪڏهن بہ ڪتابي علم کي اڳيان نہ آڻيندو هو پر هو جيڪي ڪجهہ چوندو هو، ان جو ڳانڍاپو زندگيءَ جي ڪتاب



وارن حقيقي عبارتن سان هوندو هو. البت جڏهن ڪنهن خاص تاريخي يا تحقيقي موضوع تي لکندو، ڳالهائيندو يا تقرير ڪندو هو، تڏهن اندازو ٿيندو هو تہ سندس مطالعو ڪيترو گهرو آهي.

پير صاحب خودساختہ شخصيت جو هڪ اعليٰ مثال هو. هن پنهنجي مزاج ۽ عملي زندگيءَ کي هڪ اهڙي سانچي ۾ فِٽ ڪيو هو، جيڪو ڪٿان بہ ٺهيو نڪيو ناهي ملندو پر ان کي وڏي محنت ۽ عرق ريزيءَ سان تيار ڪرڻو پوندو آهي.

پير حسام الدين راشدي هڪ خوش لباس، خوش اخلاق ۽ خوش گفتار انسان هو. سندس چپن تي هر وقت هلڪي مُرڪ رهندي هئي ۽ وڏي ڌيرج واري پُرسڪون انداز ۾ پنهنجو موقف ظاهر ڪرڻ ۾ ماهر هو. پير صاحب بيشمار علمي ۽ تحقيقي ڪم ڪيو ازان سواءِ تاريخي، علمي، ادبي، تدريسي ۽ ثقافتي ادارن سان لاڳاپيل بہ رهيو، پر ڪڏهن بہ ڪيس جلدبازيءَ ۾ نہ ڏٺو ويو، سمورا ڪم وقت تي ٿيندا هئا. چاڪاڻ تہ هو وقت جو ڏاڍو پابند هو. پُرسڪون، مانار، تحمل ۽ توازن ۾ گهڻتائي ڪانہ هئس. سندس

حافظو پختو هو. سمورا حوالا، سن، واقعا وغيره موقعي مهل جي مناسبت سان (بيان) ڪندو ويندو هو.

پير صاحب جو صحافت ۽ ادبي سرگرمين سان علمي لاڳاپو اٺويهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي جي اوائل کان ٿئي ٿو ۽ چوٿين ڏهاڪي جي وچ تائين هُن پنهنجي چوگرد ماحول ۾ چڱي اهليت ۽ اهميت حاصل ڪري ورتي هئي. ايتريقدر جو جڏهن پاڪستان ٺهيو ۽ باباءِ اردو مولوي عبدالحق هيڏانهن آيو ته ايئرپورٽ تي آجيان ڪندڙن ۾، هُن ٻين شخصيتن سان گڏ پير حسام الدين راشديءَ جو ذڪر ٻه هن طرح ڪيو آهي:

"جهاز ساڍي ٻارهين وڳي ڪراچي پهتو. ايئرپورٽ تي شعيب قريشي، خان عبداللطيف خان ۽ پير حسام الدين صاحب موجود هئا."

مولوي عبدالحق جي هتي اچڻ تي، پير صاحب وڏي شوق ۽ جذبي سان سندس هٿ ونڊايو. انجمن ترقي اردو جي نئين سر بنياد وجهڻ کان وٺي، ان جي مالي ۽ انتظامي معاملن ۾ پڻ هو ڏُڪ ٻوڙ ڪرڻ وقت مولوي صاحب سان همراهه هوندو هو پر ان دوران ڪتابن جي مطالعي ۽ مختلف علمي ڪمن سان سندس دلچسپي قائم رهي، شايد ان جو وڏو سبب اهوئي آهي جيڪو سندس وڏي ڀاءُ پير علي محمد راشديءَ پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي ته سندس اٺ هيٺ هڪ ته مطالعي جو شوق هوس ۽ ٻيو بقول علي محمد راشدي صاحب:

"حسام الدين راشدي جي تربيت ۾ منهنجو ڪنٽريبيوشن ان کان وڌيڪ ڪونه هو ته مون اُن تي سخت ڊسيپلين لاڳو ڪيو، سندس طبعيت ۾ ڪيترين نيون ڳالهيون پيدا ٿي ويون، مثلاً راند روند کان بلڪل نفرت، حد کان وڌيڪ سيلف ڊسيپلين ۽ ادب، دل، دماغ ۽ زبان تي بيحد ضابطو، پڙهڻ ۽ محنت مشقت کان دل نه لاهڻ، تجسس ۽ تحقيق جو شوق، اجا ٻارهن تيرهن سالن جي عمر هيس پر طبعيت ۾ ڪابه ٻاراڻي ڳالهه نه رهيس. طبعيت جو ڏاڍو حساس هو(1)."

حسام الدين راشدي 1911ع ۾ پيدا ٿيو جڏهن ته پاڪستان ٺهڻ وقت ان جي عمر 36 سال هئي. ان دور ۾ چئن پنجن سالن اندر هُن پنهنجي هڪ طويل تحقيقي مقالي ذريعي برصغير سطح جي اهڙي شهرت حاصل ڪري ورتي جو اهلِ علم و عظمت وارن سندس تحقيق کي داد ڏنو ۽ ان ۾ پوءِ مسلسل واڌارو ٿيندو رهيو. سندس اهو مقالو هو سنڌ ۾ اردوءِ بابت جيڪو انجمن ترقي اردو جي ٽه ماهي رسالي 'اردو' ۾ شايع ٿيو.

مولانا سليمان ندوي پنهنجي ڪتاب "نقوش سليماني" جي پاڪستاني ڇاپي جي "ابتدا" مؤرخه 5-آڪٽوبر 1951ع ۾ ان جي اهميت هن طرح واضح ڪئي آهي:

"هيءُ پهريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ سڀ کان پهريان اردوءِ جي جاءِ پيدائش جي تعين ۽ تحقيق واري باب ۾ سنڌ ۽ ملتان جي نشانهي ڪئي ويئي ۽ اهڙا اشارا سڀ کان اڳ 915ع واري اردوءِ بابت اجلاس جي صدارتي خطبي ۾ ڪيا ويا پر پوءِ وارن خطبن ۽ مقالن ۾ ان تي وڌيڪ روشني پوندي رهي... شروع شروع ۾ ان تي ڪن اڻجاڻائيءَ ۾ طنز پڻ ڪئي پر 1366هه/1947ع ۾ تاريخ پنهنجو پاڻ دهرائي ماضيءَ واري حقيقت، حال واري پردي ۾ آڻي، سڀني اڳيان عيان ڪري ڇڏي. ايتريقدر جو تازو هڪڙي سنڌي محقق، پير حسام الدين صاحب ن موضوع تي هڪ محققانه مقالو لکي انجمن ترقي اردو ۾ (شايع ڪرڻ لاءِ) پيش ڪيو آهي(2)."

علامه سيد سليمان ندويءَ جو ڪنهن کي محقق لکڻ ڪائي گهٽ اهميت واري ڳالهه ڪانهي. حسام الدين راشديءَ ان مقالي کان پوءِ لڳ ڀڳ پنجاهه ڪتاب اردو- فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ تصنيف يا تاليف ڪيا ۽ مضمون ته سَوَن جي تعداد ۾ آهن. (ان سان گڏوگڏ هو تقريباً چاليهن علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تدريسي نوعيت وارن ادارن ۽ يونيورسٽين سان 1940ع کان وفات 1982ع تائين، ڪنهن نه ڪنهن

حيثيت ۾ لاڳاپيل رهيو. ۽ پير صاحب جي اها وابستگي انهن نام نهاد 'وڏن ماڻهن' جهڙي ڪانہ هئي جيڪي ڪنهن اداري جا عهديدار، سرپرست يا ميمبر تہ وڏي شوق سان ٿيندا آهن، پر ڪڏهن ڪنڌ ورائي بہ نہ پڇندا آهن تہ ان جي ڪارڪردگيءَ جو طور طريقو ڪهڙو آهي ۽ ان جي عروج ۽ زوال ۾ خود سندن وابستگيءَ جو ڪيترو هٿ آهي.

پير صاحب 'اداره يادگار غالب ڪراچي' جو نائب صدر هو. فيض احمد 'فيض' صاحب صدر، مرزا ظفرالحسن خاص صلاحڪار ۽ مان ان اداري جو نائب صلاحڪار هيس. ان دور ۾ پير صاحب کي وڌيڪ ويجهڙائپ سان ڏسڻ جو موقعو مليو. پير صاحب جي اندر ۾ هڪ اديب وارو انداز (Idealism) تہ هيوئي، پر ان سان گڏوگڏ هن ۾ هڪڙي محقق وارو صبر ۽ شُڪر، جستجو ۽ تلاش پڻ هئي ۽ پوءِ علمي سوچ سمجهہ سندس هر خواب کي عملي شڪل ڏيڻ وارو وسيلو پيدا ڪري ڇڏيو هو. اداري جي هر اهم اجلاس ۾ سندس تجويزون ڏاڍيون معقول هونديون هيون. پاڻ کرو، کهرو، بي باڪ ۽ نبر انسان هو پر جڏهن اختلاف راءِ بہ ڪندو هو تڏهن بہ سندس لهجي ۾ شائستگي، تحمل ۽ بردباري هوندي هئي، مون ڪيس ڪيترن ميڙاڪن ۾ بہ ۽ نجي محفلن ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندي ڏٺو ۽ سدائين ائين محسوس ڪيو تہ هو بنهہ اشتعال انگيز موقعن تي بہ پنهنجي لب و لهجي کي شائستہ ۽ مهذب ئي رکندو هو. ڪاوڙ ۽ ناشائستگي ڪيس ڇهي بہ نہ سگهي هئي. سندس لهجي ۾ هڪڙي عالم وارو ضبط ۽ مدبر وارو توازن هوندو هو.

پير صاحب جي نهايت خليق ۽ متواضع شخصيت هئي. پاڪستان جا دوست تہ وٽس ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان موجود هوندا هئا. پر ايران، هندستان، جرمني، آمريڪا ۽ انگلينڊ وغيره کان جڏهن بہ ڪو مؤرخ، محقق يا عالم ايندو هو تہ پير صاحب، ان جي سندس مرتبي آهر دعوت ڪندو هو ۽ شهر جي انهن اديبن ۽ اهلِ قلم کي دعوت ڏيندو هو جن جي ڪم ۽ ذاتي اخلاق کان پاڻ مطمئن هوندو هو. سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو انبن جي نهايت پُرتڪلف دعوت ٿيندي هئي. ان دعوت جي شروعات سنڌ جي مشهور شربت ٿاڌل سان ٿيندي هئي. قسم قسم جا انب تمام ججهي انداز ۾ وڏي سليقي سان رکيا ويندا هئا اهو چڻ تہ انبن جي دربار جو منظر هوندو هو.

پير صاحب علمي تحقيقي مصروفيتن ۽ سنجيدگيءَ وارن ڪمن جي باوجود ڏاڍو مزاحيہ ۽ حاضر جواب هو. پاڻ ڪڏهن ڪڏهن طنز مزاح واري انداز ۾ بہ نظر ايندو هو. هڪ عورت جنهن جو علم و ادب، پڙهڻ پڙهائڻ سان تعلق هو، وٽس ايندي هئي ۽ هر پيري مڙس کي بہ پاڻ سان وٺي ايندي هئي جنهن جو ادب سان معمولي واسطو هو. پير صاحب سندس مڙس جي گم سُم ۽ اوپرو ٿي وينو رهڻ کان بيزار ٿي پوندو هو. هڪ ڏينهن اُن عورت کي چيائين:

"اهو تہ ٻڌايو، مون اوهان کي ڪڏهن پنهنجي گهر واريءَ سان ملايو آهي؟"

"نہ پير صاحب" ان عورت جواب ڏنو.

"تہ پوءِ اوهان مون کي پنهنجي مڙس سان ڇو ٿا ملايو." پير صلحب پنهنجي مخصوص مسڪراهٽ سان چيو.

پير صاحب جو اهو مزاحيہ انداز ڪيس جلدئي محفل جي جان بنائي ڇڏيندو هو. سندس هڪ وڏي خوبي اها بہ هئي تہ گفتو هميشہ موقعي مهل جي مناسبت سان ڪندو هو. جڏهن ڏسندو هو تہ هاڻ محفل وارن ۾ هلڪي ڦلڪي گپ شپ جو رجحان آهي، تڏهن اهڙي انداز جون ڳالهيون ڪندو هو. ڪڏهن بہ (هين تي) پنهنجو علم ۽ مطالعو مڙهڻ واري ڪوشش نہ ڪندو هو ۽ جڏهن ڪنهن علمي موضوع يا مباحثي بابت ڳالهائيندو هو تہ سندس پختي حافظي، مطالعي ۽ استدلال واري طريقي ڪار جو قائل ٿيڻو پوندو هو.

پير صاحب جو تمام وڏو ڪارنامو سنڌي ۽ فارسي ٻوليءَ جي ڪن قديم تصنيفن ۽ تذڪرن جو نئين سر اشاعت هيٺ اچڻ آهي. انهن ڪتابن جي متن جي تصحيح، ترتيب ۽ حاشيہ نگاريءَ جي سلسلي ۾ حسام الدين راشديءَ اهوئي جديد اصول اختيار ڪيو، جيڪو مغربي اسڪالرن کان سواءِ ايراني محققن جو معمول رهيو آهي. (مير علي شير) قانع ٺٽوي جو "مقالات الشعراء" ۽ (ابراهيم) خليل ٺٽوي جو 'تڪملہ مقالات الشعراء' ترتيبوار 1957ع ۽ 1958ع

واري تحقيقي ۽ اشاعتي معيار موجب مڪمل ٿي علم جو شوق رکندڙن جي مطالعي لاءِ ميدان ۾ اچي سگهن.

پير حسام الدين راشديءَ جي حوالي سان جيڪي فرد يا ادارا پنهنجي پنهنجي طريقي سان ڪم ڪري رهيا آهن. اهي قابلِ تحسين آهن، پر جهڙي نموني راشدي صاحب وقتي ۽ گروهي مصلحتن کان آزاد هو، اهڙي طرح ان واري وسيع نظر ۽ ڪشاده دلي جو مثال قائم ڪندي، ڪو اهڙو ڪم ڪيو وڃي جو سڀئي گڏجي پير صاحب جي خوابن جي تعبير جي تڪميل ڪن. ان سلسلي ۾ منهنجي تجويز اها آهي ته پير حسام الدين راشديءَ جي نالي سان هڪڙي اڪيڊمي ۽ ريسرچ انسٽيٽيوٽ قائم ڪيو وڃي جتي پير صاحب جا باقي ڪتابچه ڊائريون، مسودا ۽ ڇپيل ڪتاب رکيا وڃن. سندس سمورا ڪتاب هڪ ئي سيٽ واري شڪل ۾ نئين سر شايع ڪيا وڃن. جيڪي مقالا ٽڙيا پکڙيا پيا آهن، اهي جمع ڪيا وڃن ۽ طباعت جا منتظر ڪتاب جلد کان جلد شايع ڪيا وڃن(6).

نوجوان ريسرچ اسڪالرن کي ان ريسرچ انسٽيٽيوٽ ۾ سهوليتون مهيا ڪري، تحقيق ۽ لغت نويسيءَ جي تربيت ڏني وڃي. پير حسام الدين راشديءَ جي بي بها خدمتن کي نظر ۾ رکندي، اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ نهايت ضروري آهي. سندس ياد ۽ علمي طريقي ڪار کي برقرار رکڻ ۽ کيس خراج تحسين پيش ڪرڻ جو سڀ کان مؤثر ۽ معتبر طريقو اهوئي ٿي سگهي ٿو(7).

## مترجم پاران حاشيا ۽ حوالا

1 ڏسجي پير علي محمد راشدي جو مضمون "حسام الدين مرحوم، حسام الدين ڪيئن بڻيو؟" جيڪو پير صاحب جي وفات کان پوءِ جنگ اخبار ۾ لکيو ويو. بعد ۾ مهراڻ جي راشدي نمبر ۾ پڻ شايع ٿيو.

2 ڏسجي نقوش سليماني، حسام الدين راشدي 1951ع ۾ خيرپور ۾ منعقد ٿيل "ڪل پاڪستان اردو ڪانفرنس" ۾ "اردو زبان کا اصلي مولد سنڌھ" عنوان هيٺ مقالو پڙهيو هو، مولانا صاحب جو اشارن ان طرف آهي، پر اڳتي هلي نئين ٿيل تحقيق جي روشنيءَ ۾ پير صاحب پاڻ پنهنجي ڳالهه کي رد ڏيندي 1979ع ۾ شايع ٿيل ڪتاب "مير محمد معصوم بکري" ۾ هن طرح لکي ٿو:

"1947ع جي ورهاڱي بعد ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ته: اردوءَ جي پيدائش سنڌ ۾ ڏيکاري وڃي، جيئن انهيءَ حق تي اردوءَ لاءِ سنڌ اندر جواز پيدا ڪجي. انهيءَ جو دعويدار سڀ کان پهريون مرحوم سيد سليمان ندوي هو. جنهن اردوءَ جو مولد سنڌ کي مقرر ڪيو. انهيءَ کان پوءِ منهنجو هڪ مضمون ڇپيو، جنهن ۾ مون پڻ انهيءَ مفروضي جي تائيد ڪئي. سيد (سليمان) صاحب کي سنڌيءَ جا ۽ ڪي سرائڪيءَ جا ٽڪرا دليل طور ڏنا هئا، جيڪي سنڌ ۽ گجرات جي تاريخ ۾ آيل هئا. (فيروز شاهي- مراة سڪندري- تاريخ احمدي) ليڪن مون اڳتي هلي جڏهن وڌيڪ تحقيق ۽ غور ڪيو ته معلوم ٿيو ته گجرات وارا فقرا سرائڪي زبان جا آهن ۽ ٽي جو فقرو سنڌيءَ جو هو جيڪو تاريخ فيروزشاهيءَ ۾ ڪتابت جي خرابيءَ سبب پنهنجي اصلي صورت بدلائي چڪو هو شاهه عالم گجراتي اصل اُچ جو هو، سندس زبان سرائڪي هئي. ازان سواءِ سنڌ جي سمن بادشاهن مان بيبي مغليءَ ۽ بيبي راڻيءَ سان شادي ٿيل هئس. تنهنڪري سندس گهر ۾ زبان سرائڪي يا سنڌي ڳالهائي ويندي هئي. گجرات جي فارسي تاريخ ۾ پڻ ٻوليءَ جي اصل صورت کي ادا نه

مِيان شاهه محمد بن ميان ابراهيم (ڪلهوڙو خان) بن ميان محمد بن ڄام چنو جيڪو هن گهراڻي جو مورث اعليٰ هو.

## ڪلهوڙن جي سياسي جدوجهد:

سنڌ ڌرتي جي اها بدقسمتي رهي آهي جو ان جي آسمان تي، سدائين ڌارين ۽ وحشي قومن جون خونخوار تلوارون وِچ جيان چمڪنديون رهيون آهن. ڀلي پوءِ اهي يونانين، پارٿين، سٿين جا ڪٽڪ هجن يا عربن جي چڙهائي هجي. خاص طرح عربن کان پوءِ سنڌ تي ڪجهه عرصو مقامي ماڻهن، سمن جي حڪومت رهي، ان حڪومت جي خاتمي بعد سنڌ تي واري وٽيءَ سان ارغون، ترخان ۽ مغل قابض ٿيندا آيا. انهن غاصب قومن جا ظلم ۽ ڏاڍ ڏسي، ڪيترائي دفعا هتان جا مقامي ماڻهو، انهن سان مهاڏو ڏيندا رهيا پر اڪثر پاڻ ۾ ئي قوت ۽ اجتماعي شعور جي ڪمي ڪري، اڪثر اهڙيون ڪوششون ڪارگر ثابت نه ٿي سگهيون. آخرڪار مغل دور ۾ سنڌ ۾ ڪلهوڙا خاندان سان تعلق رکندڙ ڪن سرفروشن انهن ڌارين لٽيرن خلاف منظم جدوجهد شروع ڪئي. ڪلهوڙن جي اها هلايل منظم تحريڪ سياسي ۽ هٿياربند هئڻ سان گڏ، ان ۾ ڪجهه قدر مذهبي رنگ به شامل هو. اها تحريڪ ان وقت سنڌ تي قابض مغل حڪمرانن خلاف هئي پر اڳتي هلي ان جو رخ سنڌ جي ڪجهه مقامي قبيلن خلاف به ٿي ويو. ان جدوجهد جي ابتدا ميان آدم شاهه ڪلهوڙي ڪئي جيڪو ابراهيم عرف ڪلهوڙي جي ستين پشت مان هو.

## ميان آدم شاهه ڪلهوڙو:

سنڌ جا ڪلهوڙا سنڌ جي ٻين قبيلن جيان ڪافي عرصي تائين گمناميءَ ۾ رهيا، ڌارين قومن جا حڪم ۽ ڏاڍ سهندا رهيا، انهن مان ڪو به اهڙو مڙس مٿير پيدا نه ٿيو جيڪو پنهنجي حقن لاءِ ڌارين جي خلاف آواز اُٿاري، پر اوچتوئي ان خاندان مان چيني خان جي ڏهين پيڙهيءَ، مان هڪ سرواڻ 'ميان آدم شاهه' پيدا ٿيو، جنهن ۾ قومي غيرت سرس هئي. جنهن لاءِ مير علي شير قانع لکي ٿو ته:

"چيني خان کان پوءِ گهڻي عرصي تائين زماني جي انقلاب سببان، سندس اولاد مان ڪو به ناليرو ماڻهو پيدا ڪونه ٿيو، آخر نائين پيڙهي کان پوءِ آدم شاهه ولد ميان ڪجن (گجن) عزت ۽ عظمت حاصل ڪئي(11)."

ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جي جمڻ جي تاريخ مختلف تاريخن جي مطالعي بعد، چئي سگهجي ٿو ته هو سال 1520ع ڌاري ڄائو هو. آدم شاهه جي حياتي، نيڪ نامي، شهرت ۽ ڪارنامن بابت متضاد ڳالهيون آهن. آدم شاهه ڪلهوڙي بابت 'تحفة الڪرام' ۾ ڪافي تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي. جنهن جو لُب لباب هيءُ آهي ته: هن شيخ الياس لنگراج ۽ شيخ ابوبڪر جتوئي جي واسطي سان سيد ميران محمد جونپوري جي فيض.مان، ارشاد جي گادي سينگاري، پاڻ سري جي سير ڪرڻ کان پوءِ چانڊڪي جي تعلقي ۾ "هنڙي" ڳوٺ ۾ اچي رهيو جتي ڪيترا ابڙو به پنهنجو ڳوٺ ڇڏي، اچي سندس مريد بڻيو. خان خانان سنڌ جي فتح وقت 999هه/1591ع ۾ ونس ڪاميابيءَ جي دعا لاءِ آيو هو، ان وقت چانڊڪي جي جاگير، سندس مريدن جي گذر سفر لاءِ ميان کي مرحمت ٿي. چانڊيا اڳ هيءُ علائقو ڇڏي چڪا هئا، هن (آدم شاهه) تلمبا ۾ شيخ بهاوالدين جي اولاد مان شيخ لالن عيسيٰ سان به ملاقات ڪئي هئي. مريدن جي تعداد وڌڻ سان زمين جي وڌائڻ جي خواهش به پيدا ٿي. ان طرح ميان صاحب ۽ حاڪمن جي وچ ۾ تصادم پيدا ٿيو. آخرڪار (مقامي) زميندارن جي چرچ تي، ملتان جي حاڪم هٿان (ميان) شهيد ٿيو. حاڪم جو ڪوٽوال آقا شاهه محمد جو سبي علائقي جو ڪهيري بروچ هو، سو سندس قيد هجڻ واري دور ۾ ميان جو مريد بنيو هو. تنهن بزرگ جي وصيت موجب هن (آدم شاهه) جو لاش آڻي، سکر ۾ هڪ ٽڪريءَ تي دفن ڪرايو(12)."


ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جو مقبرو

آدم شاهه ڪلهوڙي کي جنهن ٽڪريءَ تي دفنايو ويو، اها سندس نالي پويان 'آدم شاهه جي ٽڪري' سڏجي ٿي. هيءَ ٽڪري سکر شهر جو اُتر الهندو پاسو جهليون بيٺي آهي، اتي هر سال سندس مريد گڏ ٿي، وڏي ڌام ڌوم سان ميلو مچائيندا آهن.

## ميان دائود خان ڪلهوڙو:

ميان آدم شاهه ڪلهوڙي کي ٻه پٽ هئا. ان مان وڏي پٽ جو نالو دائود خان ۽ ننڍو پٽ ابراهيم هو. آدم شاهه جي وفات بعد سندس سڀ مريد نااميد ٿي ٽڙي پکڙي ويا هئا پر شاهه محمد ڪهيري نالي سندس هڪ مريد، جيڪو ملتان ۾ ميان آدم شاهه جو عقيدتمند ٿيو هو، ان ملتان مان آدم شاهه جو لاش ڪڍائي اچي سکر ۾ دفن ڪيو. شاهه محمد ڪهيري پوءِ ميان آدم شاهه جي مايوس ۽ ڇڙوڇڙ مريدن کي وري گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان ڪري پاڻ ٻه اتي رهائش اختيار ڪيائين. هن ساڳي وقت آدم شاهه ڪلهوڙي جي وڏي پٽ دائود خان مٿان هٿ رکي، ڪيس پيءُ آدم شاهه ڪلهوڙي جي پڳ پارائي، ان جو جانشين مقرر ڪيو. ان لاءِ 'لب تاريخ سنڌ' ۾ آهي ته:

"ميان آدم شاهه جي وفات کان پوءِ سندس فرزند ميان دائود (ٻيون) مسند نشين ٿيو. اگرچه انهي زماني ۾ ڪيتري ئي زمين ڪلهوڙن جي قبضي مان نڪري چڪي هئي. مگر مريدن جي اعتقاد منجهن وڌي ويو هو. جنهنڪري سندن اصلي زمين بلڪ ان کان ٻه زياده سندس قبضي ۾ اچي وئي. ميان دائود، مريدن جو تعداد وڌائي طاقت حاصل ڪئي ۽ سندس حيات ۾ ڪابه تڪراري صورت پيدا ڪانه ٿي(13)."

ميان دائود ٻه مرڻ گهڙي تائين پنهنجو مرڪز لاڙڪاڻي پرسان "هنڙي" تي رکيو. سندس وفات سنه 1035هه/1625ع ڌاري ٿي. سندس مدفن ٻه "هنڙي" ۾ آهي جيڪا هاڻي "هنڙي غلام شاهه" جي نالي سڏجي ٿي. هينئر تعلقي ڏوڪري (موجوده تعلقي باقراڻي 2011ع) ۽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ آهي. ميان دائود جي قبر، ميان الياس جي مقبري سان گڏ ڏکڻ- اوپر ڪنڊ تي هڪ ٿلهي تي پنج قبرون آهن، اوپر طرف چوٿين قبر، ميان دائود جي آهي(14)."

## ميان الياس محمد ڪلهوڙو:

ميان دائود خان ڪلهوڙي کي ٻه پٽ هئا، انهن مان هڪ پٽ جو نالو: الياس محمد ۽ ٻي جو شاهل محمد هو. ميان دائود جي وفات بعد ڪلهوڙا خاندان جي معتقدن ۽ بزرگن سندس وڏي پٽ ميان الياس محمد کي گادي نشين بڻائي پنهنجو پڳدار مقرر ڪيو. ميان الياس محمد مسند نشين ٿيڻ شرط پنهنجي راڄ ڀاڳ ۽ مريدن طرف خاص توجهه ڏنو. خاص ڪري هن پنهنجي پيري مريدي وڌائڻ لاءِ وڏي محنت ڪئي. ساڳئي وقت هن پنهنجي وڏن ابن ڏاڏن جيان زمينون وڌائڻ ۾ ٻه وسان ڪين گهٽايو. جيئن خانبهادر خداداد خان لکي ٿو ته:

"ان کان پوءِ هن جو فرزند ميان الياس، پنهنجي زمينداري وڌائڻ ۽ مريدن جي تعداد ۾ اضافي ڪرڻ جي جدوجهد ڪندي، حياتي گذاري(15)."

پاڻ وڏيڪ فرمايائون ته:

ادبني ربي فاحسن تاديبي. (8)

منهنجي رب مون کي ادب عطا ڪيو آهي ۽ نهايت خوبصورت تاديب ساڻ سنواريو آهي.

پاڻ سڳورن جي هن حديث ۾، ادب جو تعليم ۽ تربيت وارو ڪارج چوڏهينءَ جي چنڊ جيان خوبصورتيءَ سان روشن آهي. زندگيءَ جا سُور ۽ سختيون قدرتي تربيت ۽ امتحان آهن، جن صبر ۽ صالح عمل ساڻ سراط المستقيم تي هلڻ سِکي ورتو، مالڪ انهن کي پنهنجي معرفت ۽ رضا ساڻ نوازي ٿو.

سيد علي هجويري (داتا گنج بخش رحمت الله عليہ) فرمايو ته تصوف جي علم ۾ ادب جي معنيٰ آهي:

"الادب الوقوف مع المستحسنات و معناه ان تفعل الله في الادب سراوعلانية واذا كنت كذالك كنت اديبا و ان كنت اعجميا و ان لم تكن كذا لك تكون علاضده(9)."

ادب، ايمان ۽ عمل جي سمورين نيڪين جي لافاني حُسن سان آراسته ٺيٺ جي تعليم ۽ تربيت آهي. ادب جو مقصد فڪر ۽عمل جي اخلاص ذريعي مالڪ جي رضا حاصل ڪرڻ آهي. جنهن کي رب جي رضا حاصل ٿي، اهو اديب آهي، ڀلي ڪٿي أن وٽ عالم فاضل هجڻ جي ڪا سند نه هجي پر جيڪو خدا جي رضا کان محروم رهيو، اهو اديب نه آهي، ڀلي ڪٿي ڪيترا به ڪتاب لکي ۽ پاڻ کي عالم، اڪابر سڏائي.

خدا جو ڪلام شاهدي ٿو ڏئي ته:

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ سَيَجْعَلُ لَهُمُ الرَّحْمَٰنُ وُدًّا (10)

(جن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيائون، تن کي ٻاجهارو مالڪ پنهنجي محبت سان نوازي ٿو.)

هن آيت جو حاجي احمد ملاح منظوم ترجمو هن طرح ڪيو آهي:

آندو جن ايمان ۽ چڱا ڪيائون ڪمڙا
تن لاءِ رب رحمان، پيدا ڪندو پريتڙو(11).

سيد علي هجويري رحمت الله عليہ ادب جي حقيقت واضح ڪندي، وڏيڪ فرمائين ٿا:

لان المودة عند الادب و حسن الادب صفة الاحباب (12)

(عشق ادب جو روح آهي ۽ محبوب جي صفت ادب جو حُسن آهي.)

سيد علي هجويري اديب جي شخصيت جو تعين ڪندي فرمائين ٿا:

"اديب کي اديب ان ڪري چيو وڃي ٿو ته جيڪي ڪجهه به أن تي وارد ٿئي ٿو سو سڀ نيڪ هوندو آهي." (وڏيڪ فرمائين ٿا:)

"فالذي اجتمع فيه خصال الخير فهو اديب."

جنهن پنهنجي ذات ۾ ايمان ۽ عمل جون سموريون بهترين خصلتون گڏ ڪيون، أهو اديب آهي. جيتوڻيڪ عام طور اديب أهو سڏجي ٿو جيڪو علم لغت، صرف ۽ نحوَ جي قاعدن جو ماهر هجي. (يا جيڪو ظاهري علم رکي ٿو، ڪتاب ۽ ڪالم لکي ٿو، پر حقيقت ۾ اديب أهو آهي جيڪو ايمان ۽ عمل جي ماهيت ۽ لاڳاپي جي بصيرت رکي ٿو ۽ پنهنجي قول ۽ فعل ۾ پورو آهي)(13).

اسان جي سنڌي ادب ۾ ادب ۽ اديب جي ڪردار بابت جيڪو رجحان رائج رهيو آهي ۽ أن

جيڪو هاجو ڪيو آهي، تنهن ڪي اڄ بہ علامہ آءِآءِ. قاضيءَ جي هيٺ ڏنل ويچارن ۾ چٽيءَ طرح ڏسي سگهجي ٿو:

”اصولي طور ادب جو مفهوم انهيءَ ڏينهن کان واضح ٿي چڪو آهي، جڏهن کان ”لاتقربو هٰذه الشجرة“ وارو حڪم پهتو. پر موجوده دور ۾ ادب جون بہ سيئي راهون ايتري قدر تہ مٽجي مسخ ٿي چڪيون آهن، جو لفظ ادب جي معنيٰ ئي پوريءَ طرح پروڙي نٿي سگهجي... (14).“

”هينئر عام طور سان ’ادب‘ جي معنيٰ ادب نٿو سمجهيو وڃي. جيڪڏهن چئجي ٿو تہ فلاڻو ڏاڍو ”اديب“ آهي، تہ انهيءَ سمجهڻ جي بجاءِ تہ هن ۾ ادب، لطف ۽ لطافت طبع، زيب ۽ زينت افعال موجود آهن، ائين ٿو سمجهڻ ۾ اچي تہ هو ڪنهن بہ قسم جي ڪتاب لکڻ تي حاوي ٿيو آهي. اهو ادب لفظ جو سراسر غلط استعمال آهي... (15).“

”هڪ لفظ جو غلط استعمال انسان کي ڪيترا واهڻ ٿو ولوڙائي. اڄ اسان جو ادب ۽ شعر بہ انهيءَ طرح سان غلط استعمال ۾ ڪم اچي ٿو، ۽ انهيءَ جو اثر جو قوم تي ٿو پوي ۽ پيو آهي، تنهن جو اوهين تصور ئي ڪري نٿا سگهو. اسان جو خاص عرض آهي تہ وري ادب کي انهيءَ معنيٰ ۾ ڪم آڻيو، جا اُن جي حقيقي معنيٰ آهي... (16).“

”افسوس جو هن پوئين دؤر ۾ قوميت جي تنگ نظريي ۽ قومي حڪومتن جي قيام جيڪي رجهانات پيدا ڪيا آهن، تن تاريخي حقيقتن کي محض قوميت جي عارضي ۽ محدود مطالبن خاطر مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ اُنهن حرڪتن سببان فنون لطيفہ توڙي اعليٰ علم ادب جون بلڪل جڙون ڪٽجي ويون آهن... (17).“

”اڄڪلهہ جي محاوري ۾ ”ادب وجائڻ“ جي معنيٰ آهي ”بي تهذيب ٿيڻ“ ”تهذيب“ ”هذب“ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سنوارڻ. ماڻهوءَ کي مهذب يا ڪلچر وارو بنجڻ لاءِ مسلسل سوڌسنوار جي ضرورت آهي... جيئن ٻني صاف ڪرڻ ۽ ٻج ڇٽڻ کان سواءِ فصل جي اميد اجائي آهي، تيئن تربيت، تاديب ۽ تعليم کان سواءِ ادب جو پيدا ٿيڻ مشڪل آهي... (18).“

نوجوان، جي ’ادب‘ لفظ جي حقيقي معنيٰ کان بي بهره آهن ۽ جن کي بشهادت اقبال، ڏسڻ سان:

نوجواني راچو بينم بي ادب
روز من تاريڪ مي گردد چو شب

آبروي گل ز رنگ و بوءِ اوست
بي ادب بي رنگ و بو بي آبرو ست.

”(شال! نوجوان) وري آداب سکن ۽ سندن آبائن ۽ اجدادن تي عيان ٿئي تہ استاد اديب کو ضروري شخص هو، ۽ استادن تي عيان ٿئي تہ هر تعليم کان اڳ تاديب لازم آهي ۽ تعليم تاديب کان سواءِ اهڙي آهي، جهڙي گندي پيالي ۾ صاف پاڻي وجهي، توقع ڪرڻ تہ اهو پيئڻ جي لائق رهندو يا منجهائس کو

نيڪ مطلب پورو ٿيندو.(19).“

’لا تقربو هٰذه الشجرت‘ جو اصطلاحي مفهوم هيءُ آهي ته:

جانور جي حيثيت ۾ بيهي پنهنجي وجود جي واڌ کي پاڻ چري ڪائي نه ڇڏيو، پر انسان جي حيثيت ۾ تقويٰ ساڻ زندگيءَ جي وڻ جي نشوونما ڪريو ته جيئن اُن مان ڇانو به ملي ۽ ڦل به حاصل ٿئي. اهوئي سبب آهي جو صوفيائي تعليم جو سڄو آڌار فڪر ۽ عمل جي تقويٰ تي آهي. فڪر ۽ عمل جو تقويٰ، لطافت طبع، زيب ۽ زينت وارا افعال پيدا ڪندي آهي. اِهو هن طرح ته فڪر جي تقويٰ فطري طور پاڻ منجهان زيب ۽ زينت وارا عمل پيدا ڪري ٿي ۽ پوءِ فڪر ۽ عمل جي هيءُ وحدت پنهنجي عاجزي ۽ سادگيءَ طفيل مالڪ جي رضا ۽ پيار حاصل ڪري ٿي، جنهن سان ٻانهي کي لطافت طبع حاصل ٿئي ٿي، هيءُ ’لطافت طبع‘، جنهن کي ٻين لفظن ۾ روحاني خوشي پڻ چيو وڃي ٿو، سا ادب جو اعليٰ ۽ اولين مقصد آهي.

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ’خليل‘ لکي ٿو:

> ”ادب اُنهيءَ علم جو نالو آهي، جنهن مان اسان کي روحاني آرام ۽ خوشي حاصل ٿئي... ۽ اسان جو دماغ تهذيب ۽ تربيت حاصل ڪري(20).“

> ”ادب جو سڀ کان وڏو ۽ بهترين مقصد روحاني خوشي آهي. اها روحاني خوشي پرائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي، پر ادب آسانيءَ سان ڏيئي سگهي ٿو(21).“

> ”ادب اسان ۾ اهڙي خوشي ۽ سرور جو ڪيف پيدا ڪري ٿو، جو ڪڏهن به فنا نٿو ٿئي. ماڻهو ڄيا تي وڃن ٿا، دنيا جا انقلاب ۽ حادثا خوشي وڃائي ڇڏين ٿا پر ادبي خوشي ڪڏهن به نٿي وڃي. جن ماڻهن کي ادب جو چسڪو (ڪامل عرفان جي لذت حاصل) آهي، اُهي ئي ادب جو ’لطف‘ ڄاڻن ٿا(22).“

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو:

> فن جو مقصد آهي زندگيءَ کي پيش ڪرڻ ۽ سڌارڻ... ادب جو ٻيو مقصد آهي خوشي ۽ سکيا ڏيڻ، جيوت کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪرڻ.(23)

ادب جو سائنس ۽ ٻين علمن کان علمي طور اُتم درجو انهيءَ ڪري آهي ته ادب زندگيءَ جي اعليٰ مقصد جي خوشي ميسر ڪري ٿو ۽ ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ تربيت پڻ ڪري ٿو. سائنس ۽ ٻين علمن جي ثانوي حيثيت انڪري آهي جو اُنهن جو مقصد جيئڻ لاءِ جسماني سک ميسر ڪرڻ ۽ رهڻ سهڻ جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ آهي. ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم ’خليل‘ مقصد جي لحاظ کان اهڙي علمي فرق جي حقيقت واضح ڪندي لکن ٿا:

> ”لطيف ۽ اعليٰ درجي جا فن انسان ذات لاءِ فرحت ۽ خوشي پيدا ڪندڙ آهن، ۽ غير لطيف يا گهٽ درجي وارا فن ضرورتن پورين ڪرڻ جو وسيلو آهن(24).“

جيڪو مقصد لطيف ۽ اعليٰ درجي جا فن حاصل ڪرڻ گهرن ٿا، اُهوئي مقصد آهي جنهن لاءِ هدايت ۽ خوشخبري پيغمبرن پهچائي آهي. افسوس انهن جي فڪر تي جيڪي چون ٿا ته هي هڪ لاحاصل مقصد آهي. روحل فقير چوي ٿو:

پنهنجون اکيون پاڻ ۾، جوڙي رکيون جن،
سي سو پيرا ساعت ۾، پل پل پرين پسن،
’روحل‘ متا تن، لٿا حرف حساب جا.

افسوس اُنهيءَ انتها پسند فڪر تي به آهي، جنهن موجب هر مذهب ۽ فرقي جي دعويٰ

آهي ته زندگيءَ جي روحاني خوشيءَ جي سچائي نقط سندن مذهب ۽ فرقي کي قديم دور ۾ هٿ آئي ۽ اُتي ئي دنگ رهجي ويئي، ٻيو ڪو بني بشر اِن لائق نه هو، نه آهي ۽ نه ٿيندو. اسان جو مقصد بس رسمي عبادت آهي، ماني ڪاٺي آهي، ٻار ڄڻا آهن. بيشڪ پيغمبرن جو معرفت ۾ شان اعليٰ هو ۽ آخري پيغمبر حضرت محمد ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي معرفت ڪامل ۽ دين مڪمل آهي. هي فطري ۽ عالمگير دين آهي، جيڪو سڀني مذهبن ۾ موجود سچائيءَ جي وحدت جو معترف آهي. ائين محدود ۽ منجمد نه آهي، جيئن مُلن ان کي پنهنجي محدود عقل جا ڪک رکي پيش ڪيوآهي. هي الاهي پيار جو سدا روان فطري جهرڻو آهي، جيڪو تاريخ جي هر دؤر ۾ سچائي، سڪ ۽ نصيب وارن کي آب حيات ميسر ڪندو رهي ٿو.

سورة الاعراف ۾ نهايت واضح طور چيو ويو آهي ته:

وَإِذْ أَخَذَ رَبُّكَ مِنْ بَنِي آدَمَ مِنْ ظُهُورِهِمْ ذُرِّيَّتَهُمْ وَأَشْهَدَهُمْ عَلَىٰ أَنْفُسِهِمْ أَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ۖ قَالُوا بَلَىٰ ۛ شَهِدْنَا ۛ أَنْ تَقُولُوا يَوْمَ الْقِيَامَةِ إِنَّا كُنَّا عَنْ هَٰذَا غَافِلِينَ ۝ أَوْ تَقُولُوا إِنَّمَا أَشْرَكَ آبَاؤُنَا مِنْ قَبْلُ وَكُنَّا ذُرِّيَّةً مِنْ بَعْدِهِمْ ۖ أَفَتُهْلِكُنَا بِمَا فَعَلَ الْمُبْطِلُونَ ۝ (25)

هنن آيتن جو مفهوم هي آهي ته:

"پرودرگار بني آدم جي نسل در نسل تخليق ۾ پنهنجي ذات کي ظهور ۾ رکيو آهي ۽ ماڻهن کي سندن اندر جو پاڻ تي شاهد بڻائي ڪائنڻ پٺي پڇيو آهي ته ڇا مان توهان جو رب نه آهيان؟ سڀئي چوندا آيا آهن (پوري انساني تاريخ چوندي آئي آهي) ته 'بلڪل اسين شاهد آهيون ته تون ئي اسان جو رب آهين.

"پروردگار فرمائي ٿو ته مون ائين ان لاءِ ڪيو ته جيئن توهان قيامت جي ڏينهن ائين نه چئي سگهو ته 'اسان ته هن حقيقت کان بي خبر هئاسين'، يا متان ائين چئو ته "شرڪ جي شروعات ته اسان جي ابن ڏاڏن اسان کان ٻهريان ڪئي هئي ۽ اسان ته پوءِ انهن جي نسل مان پيدا ٿياسين، ته پوءِ ڇا (مالڪ) تون اسان کي اُن قصور جو نميوار ٿو بڻائين، جيڪو غلط ڪم اسان جي وڏن ڪيو هو."

مولوي احمد ملاح مٿين آيتن جو خوبصورت منظوم ترجمو هن طرح ڪيو آهي.

"۽ جڏهن آدم جي اولاد مان، تنهنجي رب رهبر
ورتا ويا پٺين مان، پيدا ٿين جنهن ۾
۽ شاهد پنهنجا پاڻ تي بيهاريائين برسر
چي، ڇا، آئون، نه اوهان جو آهيان، سائين سربسر؟
مڙني چيو مقرر، اسين شاهد آهيون.

واعدو ورتوسون اِن ڪري، ته ڪهو ڏينهن قيام
ته هِن کان، هئاسون ويسلا، يا عذر ڏيو اظلام!
ته ابن اسان جي اڳ ۾، جاتون جوڙيون جام
اسين، پُنيان پُريون اُنهن جون، تابعدار تمام،
پوءِ، موڙهل مائٽن، گڏيا غير غلام،
منجهه انهيءَ الزام، ڇا مارئين اسان کي مورهين؟"

زندگيءَ جو خالق سان تعلق بي روح ۽ ٺلهو تقليدي نه آهي، پر جاندار ۽ بصيرت وارو آهي، تنهنڪري ئي سچي خوشي ۽ لطافت وارو آهي. هيءُ هڪ فطري تعلق آهي، جنهن جي وحدت جي سچائي عالمگير آهي. هي اُهو آب حيات آهي، جيڪو انساني تاريخ جي سڀني منجهه سدا روان دوان رهي ٿو. دنيا جي هر قوم جي ادب ۽ مذهب جي تاريخ اهڙي ڪلاسيڪل وحدت جي سچائيءَ تي شاهد آهي. هي سمورا ادبي توڙي مذهبي فرق، ويڇا ۽ گروهه بنديون بي نور تقليدي شعور جا

برپا ڪيل آهن. سڄي دنيا جو ادب ۽ هر مذهب پنهنجي حقيقي جوهر ۾ انتها پسنديءَ کي رد ڪري ٿو. قرآن مجيد مذهبي انتهاپسنديءَ کي هن طرح واضح طور رد ڪيو آهي.

إِنَّ الَّذِينَ آمَنُوا وَالَّذِينَ هَادُوا وَالصَّابِئُونَ وَالنَّصَارَىٰ مَنْ آمَنَ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ وَعَمِلَ صَالِحًا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُونَ (26)

"مسلمان هجي يا يهودي، صابي هجي يا عيسائي جيڪو به الله ۽ آخرت تي ايمان آڻيندو ۽ چڱا ڪم ڪندو، تنهن لاءِ ڪو به خوف ۽ غم نه آهي."

قرآن مجيد ۾ مذهبي روادريءَ بابت هيءَ هدايت ملي ٿي:

وَلَا تُجَادِلُوا أَهْلَ الْكِتَابِ إِلَّا بِالَّتِي هِيَ أَحْسَنُ إِلَّا الَّذِينَ ظَلَمُوا مِنْهُمْ وَقُولُوا آمَنَّا بِالَّذِي أُنْزِلَ إِلَيْنَا وَأُنْزِلَ إِلَيْكُمْ وَإِلَٰهُنَا وَإِلَٰهُكُمْ وَاحِدٌ وَنَحْنُ لَهُ مُسْلِمُونَ (27)

"سواءِ ظالمن جي، اهل ڪتاب سان تڪرار نه ڪريو، ساڻن مانائتي طريقي سان پيش اچو، ڪين چئو ته ايمان آندو اٿئون اُن تي به جيڪو اسان ڏانهن اماڻيو ويو آهي ۽ اُن تي به جيڪو توهان ڏانهن اماڻيو ويو هو، اسان جو خدا ۽ اوهان جو خدا هڪڙو ئي آهي، اسان اِن (وحدت) جا مسلم آهيون."

قرآن مجيد مذهبي انتها پسندي ۽ رواداريءَ جي حقيقت کي وڌيڪ هن طرح پيش ڪيو آهي:

لَتَجِدَنَّ أَشَدَّ النَّاسِ عَدَاوَةً لِلَّذِينَ آمَنُوا الْيَهُودَ وَالَّذِينَ أَشْرَكُوا وَلَتَجِدَنَّ أَقْرَبَهُمْ مَوَدَّةً لِلَّذِينَ آمَنُوا الَّذِينَ قَالُوا إِنَّا نَصَارَىٰ ذَٰلِكَ بِأَنَّ مِنْهُمْ قِسِّيسِينَ وَرُهْبَانًا وَأَنَّهُمْ لَا يَسْتَكْبِرُونَ وَإِذَا سَمِعُوا مَا أُنْزِلَ إِلَى الرَّسُولِ تَرَىٰ أَعْيُنَهُمْ تَفِيضُ مِنَ الدَّمْعِ مِمَّا عَرَفُوا مِنَ الْحَقِّ يَقُولُونَ رَبَّنَا آمَنَّا فَاكْتُبْنَا مَعَ الشَّاهِدِينَ (28)

"توکي ايمان وارن جي دشمنيءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ سخت (تقليدي ذهن رکندڙ) يهودي ۽ ۽ مشرڪ نظر ايندا، ۽ ايمان وارن سان دوستيءَ جي ڳانڍاپي ۾ انهن ماڻهن کي ڏسندا جن چيو هو ته اسان انصار آهيون. انڪري جو هنن ۾ عبادت گذار عالم ۽ تارڪ دنيا فقير موجود آهن، جن ۾ تڪبر/ هيڻائي نه آهي. جڏهن اُهي هن ڪلام (قرآن مجيد) کي ٻڌن ٿا، جيڪو رسول تي نازل ٿيو آهي ته توهان ڏسندا ته حق شناسائيءَ جي اثر سان اُنهن جون اکيون ڳوڙهن سان پرجي وڃن ٿيون، وجد سان پڪاري چون ٿا ته اي مالڪ! اسان ايمان آندو، اسان جو نالو شاهدن جي لسٽ ۾ لکي ڇڏ."

اِها شاهدي عالمگير آهي، هر قسم جي انتها پسنديءَ توڙي زمان مڪان جي قيد کان آزاد آهي. هيءُ اُهو فطري اقرار آهي، جيڪو دنيا جي هر قوم جي اعليٰ ادب ۽ شاعريءَ ۾ ۽ دنيا جي هر مذهب منجهه واحد صورت ۾ نظر اچي ٿو. قرآن مجيد حق جي تلقين ڪندي، انهيءَ حقيقت کي وڌيڪ هن طرح واضح ڪيو آهي:

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اسْتَجِيبُوا لِلَّهِ وَلِلرَّسُولِ إِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيكُمْ وَاعْلَمُوا أَنَّ اللَّهَ يَحُولُ بَيْنَ الْمَرْءِ وَقَلْبِهِ وَأَنَّهُ إِلَيْهِ تُحْشَرُونَ (29)

آيت جو مفهوم هي آهي ته:

"اي ايمان وارو! الله ۽ اُن جي رسول جي عطاعت ڪريو، جڏهن توهان کي زنده بصيرت واري زندگيءَ جي طرف سڏيو وڃي ته اُهو سڏ ورنايو، يقين ڪريو ته الله تخليق جي ورجاءُ سان دلين اندر ظهور رکي ٿو. سيئي بلآخر پنهنجي دل جي شاهديءَ سان واحد جي

ادب جي تخليق هڪ عالمگير الاهي اُپر جو ڪمال آهي، جنهن جو مقصد بني آدم کي روحاني خوشي عطا ڪرڻ آهي.

اي.ڪي. بروهيءَ ادب بابت انگريزيءَ ۾ هڪ مضمون لکيو، جنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو سراج الحق ميمڻ ڪيو آهي. مصنف پنهنجي هن مضمون ۾ ادب جي عالمگير اهميت ۽ ڪارج بيان ڪندي لکي ٿو:

"ادب پنهنجن پوڄارين کي شين کي اونهي جاچڻ لاءِ هڪ ڇهين حس عطا ڪري ٿو. اهو 'هِتان' ۽ 'هتان کان اُڪِتي' جي وچ ۾ هڪ پُل مثال آهي. اها هڪ اهڙي ڏاڪڻ آهي، جنهن جي ذريعي اسين شين جي ڏٺل وائٺل دنيا مان روح جي غير رواجي ۽ اڻ ڏٺل دنيا ۾ وڃي ٿا پهچون. انهيءَ مفهوم مطابق ٿي ادب جي مطالعي ڪرڻ ۽ ان مان لطف اندوز ٿيڻ سان انسان ذات کي پنهنجي وحدت جو احساس ٿيڻ لڳندو. جڏهن آءٌ چيني، جپاني ۽ هندي ادب مان اوتروئي لطف اندوز ٿيان ٿو، جيترو پنهنجي ادب مان، ته اُها حقيقت ثابت ڪري ٿي ته سموري انسان ذات هڪ آهي، ۽ فرق جيڪي انسان ذات جي هڪ گروهه کي ٻئي گروهه کان مختلف ڪن ٿا، سي فرق حقيقي نه آهن. ساڳيءَ طرح، اها حقيقت ته رومن ۽ يوناني ادب منجهان به مون کي اهڙو ئي لطف ملي ٿو، جهڙو جديد ادب منجهان- ڏيکاري ٿي ته منهنجي ۽ انسان ذات جي انهن قديم ابن ڏاڏن جي وچ ۾ هڪ روحاني رشتو آهي، ۽ اسين جيڪي هنن جو ئي اولاد آهيون، هنن سان احساس جي وحدت ۾ ڳنڊيا پيا آهيون. انهيءَ ڪري، عالمگير ادب پڙهڻ سان دنيا جي مختلف قوميتن ۽ تهذيبن جا نمائندا اهو محسوس ڪري سگهن ٿا ته سموري انسان ذات هڪ آهي، ۽ هي جي مفاصلي ۽ وقت جون سرحدون ۽ رنبڪون آهن، سي ڪي اُمت ڪينهن، بلڪ انهن حدن ۽ رنبڪن کي سنڌن "ڪامل انسانن" جي شاهڪارن جي همدرداڻه (بصيرت ڀريي) مطالعي ۽ اپياس سان سولائيءَ سان هٽائي سگهجي ٿو(34)."

رابيندر ناٿ ٽئگور کان ڪنهن پڇيو ته تنهنجو مذهب ڪهڙو آهي؟ ٽئگور وراڻيو:

"منهنجو مذهب اهو آهي جو هر آرٽسٽ (Artist) جو مذهب هئڻ گهرجي. مان ڪنهن هڪڙي ملڪ يا قوم جو ترجمان نه آهيان. منهنجي زندگي بني نوع انسان ۽ جملہ قومن جي لاءِ ۽ منهنجو پيغام هنن جي ترقيءَ جي لاءِ آهي. منهنجي آتما زندگي ۽ انسانيت جي وحدت ۾ گهر ٺي ويئي آهي ۽ مان مذهبي، قومي ۽ طبقاتي پابندين (انتهاپسنديءَ) کان آزاد ٿي چڪو آهيان(35)."

پروفيسر منگهارام ملڪاڻي ادبي ڪتابن بابت عالمگير ادب جو معيار متعين ڪندي لکي ٿو:

"ادب جي پهرين خاصيت آهي ته اُن ۾ عالمگير دلچسپي سمايل هجي، يعني ته اُهي ڪتاب ادب جو درجو رکن ٿا، جن ۾ نه فقط ڪنهن خاص ملڪ يا فرقي جي ماڻهن لاءِ دلچسپي پيدا ٿئي، پر اُهي، جي ساري جهان جي پڙهيل ماڻهن کي پسند پون. جي ڪو ڪتاب صرف انگريزن کي وڻيو ۽ هندستانين ۽ پاڪستانين کي نه وڻيو يا هندن کي وڻيو ۽ مسلمانن کي نه وڻيو ته اُهو ادبي ڪتاب نه چئبو، تنهنڪري ٿي ساهت سرو ديسي يا عالمگير آهي. نه فقط ايترو پر جي ڪو ڪتاب اڳئين زمان ۾ پسند پيو ۽ چالو وقت ۾ نه آئڙيو، يا صرف هاڻوڪن پڙهندڙن کي وڻيو ۽ آئندي جي لوڪن ۾ دلچسپي پيدا نه ڪيائين، ته اُهو به ادبي ڪتاب نه ليکبو. يعني ته سچو

ڪارج بہ فطري، حقيقت جي لحاظ کان صحيح طورسمجهي سگهجي.

جانور ۽ انسان ۾ هڪڙو بنيادي فرق هي آهي تہ جانور مڪمل طور پنهنجي جبلتن ۾ مجبور ٿئي ٿو، هن جو هر تحرڪ ۽ عمل جبلتن تحت ٿئي ٿو، انهيءَ ۾ هن جي پنهنجي مشاهدي يا ارادي ۽ اختيار جو عمل دخل نہ هوندو آهي. مثال طور ڪنهن ڪڪڙ جي هيٺان ان جي آنن سان گڏ بدڪ جا بيدا بہ رکيا تہ ڦٽڻ کان پوءِ بدڪ جا ٻچا پاڻ مُرادو پاڻيءَ ڏانهن هليا ويندا ۽ ڪڪڙ جا ٻچا انهن سان گڏجي پاڻيءَ ڏانهن نہ ويندا پر هو مٽي خشڪيءَ تي بيهي چڱندا. هاڻي اها ساڃاهہ فطري طور هنن جي جبلتن ۾ پيوست ڪيل آهي ۽ هو اوس ائين ئي هلن چلن ٿا. يعني ائين نہ ٿيندو تہ ڪڪڙ جو ٻچو بدڪ جي ٻچن کي ڏسي پنهنجي مرضي استعمال ڪري اڏري انهن سان پاڻيءَ ۾ وڃي پوي ۽ پوءِ ٻڏي پوي. پر اها ساڃاهہ تجربي کان سواءِ هن جي فطرت ۾ ئي موجود ٿئي ٿي تہ ترڻ تنهنجو ڪم نہ آهي. تنهنڪري هو جمڻ کان ئي پاڻيءَ کان پري رهندو. جاڪاڻ تہ ٻڏڻ وارو خطرو هن جي جبلتي ساڃاهہ ۾ موجود ٿئي ٿو. ساڳيءَ طرح بدڪ وارو ٻچو بہ ڪو پنهنجي صلاحيتن سان آهستي ڏاڍي ڪري ترڻ ڪونہ سکي وٺندو آهي، پر ترڻ واري صلاحيت هن کي بہ جبلتي طور عطا ٿيل آهي. هن جو پاڻيءَ ڏانهن ڇڪجي وڃڻ بہ جبلتي عمل هوندو آهي. اهو هن جي تجربي، آزاد مرضي يا اختيار جوعمل نہ هوندو آهي. مطلب تہ حيوان اهو ئي ڪن ٿا جنهن جي ساڃاهہ ۽ تحرڪ منجهن فطرتي طور سمايل آهي.

انسان پنهنجي تجربي مان سکي ٿو، نفعي ۽ نقصان کي آزمائش ذريعي ڄاڻي ٿو. ماڻهوءَ جو ٻار پيدائشي طور آزاد فطرت رکي ٿو ۽ پنهنجي هر چرپر ۽ عمل ۾ خودمختيار هوندو آهي. هو جانور وانگر پيدائشي مجبور ۽ بي اختيار نہ هوندو آهي تہ فقط طئي ٿيل فطري رستا ۽ رخ استعمال ڪري سگهي، پر هي پنهنجي ارادي ۽ اختيار جو مالڪ هوندو آهي. جيڪو گهري سو ڪري ۽ جيڏانهن وڻيس تيڏانهن وڃي ۽ پنهنجو نفعو نقصان خود ڄاڻي، ڪنهن جو بہ هن جي عمل ۾ ڪوبہ دخل نہ هوندو آهي. قدرت فقط ڪائناتي دستور اٽل بڻائي ڇڏيا آهن. ڌڪ ۽ سک جو هر وکر ڪائنات ۾ موجود آهي، ماڻهوءَ کي جيڪو وڻي سو پنهنجي لاءِ وڃي وکر وهائي.

ماڻهوءَ جي ٻار کي نفعي ۽ نقصان جي ڪابہ فطري روڪ ۽ نہ هئڻ ڪري هو رڙهي وڃي باهہ ۾ بہ پئجي سگهي ٿو تہ ڪنهن پاڻيءَ ۾ بہ پئجي سگهي ٿو تہ جا شيءِ آيس مٽي پٿر هٿ ۾ ڪٽي وات ۾ بہ وجهي سگهي ٿو. ائين فقط، انسان جو اولاد ئي ڪري سگهي ٿو، ڇو تہ هو ارادي ۽ اختيار جو مالڪ آهي. حيواني اولاد ائين نٿو ڪري، ڇوتہ ان وٽ پنهنجي آزاد مرضي ۽ اختيار نہ آهي. اهوئي سبب آهي جو جانور تي نفعي ۽ نقصان، غلط ۽ صحيح جي آزمائش بہ نہ آهي. ملائڪن کي بہ پنهنجي آزاد مرضي ۽ اختيار نہ هو، تنهنڪري انهن تي بہ ڪنهن آزمائش يا ذميداريءَ جو بار نہ آهي، پر ڪائنات جي اندر فقط آدم جو اولاد ئي آهي جيڪو باشعور هستي آهي، ۽ اُن کي پنهنجي شعور سبب ذميداريءَ جو بار سر تي آهي.

ملائڪن جي باري ۾ قرآن ۾ ذڪر آهي تہ انهن انسان جي تخليق وقت چيو هو تہ اي مالڪ! اسان اهو ئي ڪيون ٿا جيڪا تنهنجي رضا آهي، تنهنڪري اسان کان ڪابہ غلطي ۽ خطا نٿي ٿئي، پر هيءَ جا پنهنجي ارادي ۽ اختيار جي مالڪ مخلوق پيدا ڪئي پئي وڃي، سا ضرور منشاءِ فطرت خلاف خطائون ڪندي، گڙ ٻڙ پيدا ڪندي، فتنا ۽ فساد ڪڙا ڪندي. تنهن تي قدرت جو ارشاد هو تہ مون کي سڀ

حق ڇا آهي؟ ناحق ڇا آهي؟ سٺو ۽ خراب ڇا آهي؟ ۽ جنهن وٽ انهن وچ ۾ عدل يا توازن جي تميز نہ آهي، اهو انسان هوندي بہ جانور آهي. ڇو تہ جانور ۾ تميز ڪرڻ وارو شعور نہ هوندي آهي. هڪڙي ڍڳيءَ جي اڳيان گاهہ آڻي رکو، هوءَ اهو نہ سوچيندي تہ مون سان گڏبيٺل ٻئي جانور کي ڪو ڍئو آهي يا لنگهڻ، يا مونکي اڳئي ڪجهہ ڍئو آهي پر ٻر ۾ بينل کي لنگهڻ آهي، تنهن ڪري مان نٿي چران تہ جيئن هو بکايل ڪجهہ کائي سگهي. ائين هوءَ سوچي نہ ٿي سگهي، تنهنڪري ڪيس فقط پنهنجي بک يا گهرج جو احساس هوندو آهي ۽ جيتري طلب هوندي ائس، هڻ وٺ ڪري پنهنجو پيٽ ڀري ٿي بس ڪندي آهي. ڀلي پروارو ٻيو جانور لنگهڻ رهجي وڃي. انسان جيڪو اها تميز نٿو رکي تہ هي ٻئي جو حق آهي، هي ٻئي جو حساب آهي، هيءَ ڳالهہ ٻئي واسطي آهي ۽ انهيءَ سبب هو پاڻ کي روڪي نٿو،پر جيڪو اڇيس ٿو تنهن تي پاڻ اڳي ۽ تڳي جوعمل ڪري ٿو تہ اهو جانور مثل آهي.

جانور پنهنجي جذبات جي دنيا ۾ رهندو آهي. هن کي جيڪو پور پيو سو پورو ڪندو. ان ۾ صحيح ۽ غلط واجبي ۽ بي واجبي جي تميز نہ ڪندو. هيءَ سائي پوک آهي سا کائڻ نہ گهرجي، هي گاهہ پرائو آهي سو کائڻ نہ گهرجي، هي حق ٻئي جو آهي مون کي جڳائي نٿو، اهڙي تميز هن ۾ نہ هوندي آهي، ڇوتہ هن وٽ اهڙو شعور نہ هوندو آهي، هن وٽ اهڙي سڃاڻپ نہ هوندي آهي. انسان جيڪو اهو شعور نٿو رکي، اهڙي سڃاڻپ نٿو رکي، سو پڻ انهيءَ حالت ۾ حيوان آهي.

ادب انسان کي غور فڪر ۽ تميز سيکاري ٿو. مختلف هيلن وسيلن سان ماڻهوءَ کي جنجهوڙي جاڳائي حقيقتون ڄاڻائي ٿو. جيڪو سوچ کان ڪم نٿو وٺي، تنهن کي مختلف حيلن بهانن ۾ حقيقتن کي تصويرن جي روپ ۾ ڏيکاري ٿو. مختلف مظهرن، لقائن، رازن، رمزن ۽ حقيقتن بابت اها مصوري شاعريءَ ذريعي، ڪهاڻيءَ، ناول ۽ ناٽڪ ذريعي، مضمون ۽ مقالي ذريعي ڪئي وڃي ٿي. ادب جون مختلف صنفون هڪ تہ اظهار جا مختلف ذريعا آهن ۽ ٻيو تہ سکيا جا مختلف ڪورس بہ آهن.

ادب انهيءَ ماڻهوءَ کي جيڪو جانور جي حالت ۾ پيو جيئي، تنهن کي هٿ ڏيئي، ڪيس انسانيت جي مقام تي پهچائي ٿو. اديب حيواني حالت واري انسان جي اکين جا آپريشن ڪري ٿو، ان جي دل جي غلاظت کي ڌوئي صاف ڪري ٿو. حيوانيت واري حالت ۾ جيئندڙ انسان جون اکيون ڪيئن کولجن ۽ ان جي دل ڪيئن زنده ڪجي؟ اهو سچو چئلينج ادب کي آهي. ادب اُن لاءِ جستجو ڪري ٿو. پهريائين تہ انسان کي سوچڻ سکياري ٿو، پاڻ سڃاڻڻ ڏانهن راغب ڪري ٿو ۽ ڪائناتي لقائن تي غور ڪرڻ سيکاري ٿو.هن کي پنهنجي وجود جو تعارف ڪرائي ٿو، ڪائنات جا حيرت ڀريا رنگ ۽ اسرار ڏيکاري ٿو، پوءِ انهن سڀني جا جيڪي رشتا آهن، سي سمجهائي ٿو. يعني انسان جو پنهنجو پاڻ سان ۽ پنهنجي خالق سان جيڪو رشتو آهي، انسان جو ڪائنات، فطرت ۽ انساني سماج سان جيڪو رشتو آهي، اهي سڀئي رشتا گڏيل طور ڄاڻائي ۽ سڃاڻائي ٿو. جنهن کان پوءِ انسان زندگيءَ جي مقصد جي چونڊ ڪري ٿو ۽ مقصد جي چونڊ کان پوءِ مقصد لاءِ لوچڻ ۽ لهڻ جي راهہ اختيار ڪري ٿو. مطلب تہ ادب هڪڙي ايمبولينس وانگر آهي، جنهن ۾ مريض کي ويهاري علاج ڪرائي اچي انهيءَ جاءِ تي پهچائجي ٿو، جيڪو عمل جو ميدان آهي.

## حوالا


1. قاضي، آءِ.آءِ. علامہ. مقالو: "قومن جو بقاءُ" مهراڻ جون موجون. ڪراچي: پاڪستان پبليڪيشن، ص 13 ۽ 14
2. قاضي، آءِ.آءِ. علامہ مقالو: "علم ادب". ڪتاب: ادب، زندگي ۽ سماج. مرتب: هڪڙو، انور فگار. ڊاڪٽر. شڪارپور: مهراڻ اڪيڊمي. ڇاپو پهريون، سال 2006ع، ص 2
3. قرآن مجيد. سورت، الانفال، آيت 22

پروفيسر شمشاد احمد سومرو

# سيد نور محمد شاهہ ڪنڊائيؒ

(ڪلهوڙا دؤر جو ساهتيءَ جو بزرگ، حافظ، عالم، اديب ۽ شاعر )

سنڌ جي هر وسندي ۽ واهڻ، شهر ۽ ڳوٺ ۾ انيڪ ڪامل اولياء، عالم فاضل، محدث، مفڪر، شاعر ۽ صوفي بزرگ ٿي گذريا آهن، جن جون روحاني، علمي ۽ ادبي خدمتون ڏيهان ڏيهہ مشهور آهن ۽ انهن جون خانقاهون ۽ درسگاهون سونهاري سنڌ جي عظمت جو اهڃاڻ پڻ آهن. اهڙين عظيم روحاني خانقاهن مان ساهتيءَ جي سنڌر وستي ”ڪنڊا ڪاهي“ ۾ سيد نور محمد شاهہ ڪنڊائيؒ جي خانقاهہ بہ مشهور ۽ معروف آهي.

**ولادت:**

سيد نور محمد شاهہ بن سيد اسحاق شاهہ المعروف سيد موريل شاهہ جن ٻارهين صدي هجريءَ جي آخر 1180هہ مطابق 1766ع ڌاري جنم ورتو. پاڻ اصل ۾ پراڻن تڳرن (1) جا وينل هئا، جتان پوءِ ڪين 'ڄام ڪنڊل' ۾ لڏائي اچي پنهنجي اڏايل نئين ڳوٺ ڪنڊاهہ (2) ۾ اچي رهايو. ان بعد پاڻ سيد نور محمد شاهہ ڪنڊائي جي نالي سان مشهور ٿيا.

**تعليم ۽ تربيت:**

پاڻ ڪٿي پڙهيا، وثوق سان چئي نٿو سگهجي، پر سڪرنڊ جي ڀرسان 'ڪنب ليمان' جي مدرسي، نوشهروفيروز جي اوڀر طرف (4- ڪلوميٽر) مشهور علمي درسگاهہ ڪوڙو شريف(3) جي 'مدرسہ يعقوبيہ' مان ۽ حضرت قاضي احمد دمائيؒ جن جي قائم ڪيل مدرسي مان پڻ علم حاصل ڪيائون.

**روحاني تعليم ۽ بيعت:**

سيد نور محمد شاهہ جن ظاهري تعليم حاصل ڪرڻ بعد روحاني تعليم جي تڪميل مشهور نقشبندي بزرگ ۽ عظيم روحاني شخصيت حضرت قاضي احمدؒ (1112هہ/1700ع- 1223هہ/1808ع) جن وٽان ڪري ولايت عظميٰ جي درجي تي فائز ٿيا. مرشدن ڪين فيض سان پُر ڪري فرمايو تہ: ”اوهان کي اوهان جو حصو مليو، هاڻي اوهان ڳوٺ وڃي خدا جي خلق جي رهنمائي ۽ رهبري ڪريو.“ پاڻ دمائي بزرگن جي مشهور چئن خليفن مان وڏي فضيلت ۽ بلند مرتبي وارا ڪامل ولي الله، صاحب ڪرامت ۽ ڪشف جا صاحب هئا.

**همعصر عالم ۽ بزرگ:**

سيد نورمحمد شاهہ جا ڪيترائي عالم ۽ بزرگ همعصر هئا جن ۾ خواجہ پير محمد صالح دمائي (متوفي: 1232هہ/1816ع)، مخدوم عبدالوالي دربيلائي (متوفي: 1224هہ/1809ع)، خواجہ پير ميان نور الله دمائي (متوفي: 1295هہ)، مخدوم محمد عارف سيوهاڻي (متوفي: 1258هہ/1842ع)، مخدوم محمد يوسف ڪنياروي (متوفي: 1271هہ/1854ع)، مخدوم محمد عاقل ڪهڙوي (متوفي: 1293هہ/1876ع)، مخدوم خواجہ عبدالحي نوشهرائي (متوفي: 1235هہ/1819ع)، پير سيد علي گوهر شاهہ 'اصغر بنگلي ڏٺي' (متوفي: 1263هہ)، خواجہ محمد سعيد لنواروي (متوفي؟)، قاضي عزيز الله مٽياروي (متوفي: 1273هہ/1856ع)، قاضي حڪيم شاهہ محمد (اول) متوفي: 1280هہ/1863ع) قاضي مخدوم عبدالرؤف مورائي، (متوفي: 1306هہ/1888ع)، قاضي حافظ جان محمد نوشهرائي (متوفي: 1297هہ/1879ع)، حڪيم قاضي محمد فاضل نوشهرائي (متوفي: 1251هہ) ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا.

**روحاني ڪشف:**

سيد نور محمد محمد شاهہ صاحبِ ڪشف هو، ان جا ڪيترائي مثال ملن ٿا جن مان هڪ مثال ڪاهي راهوءَ (4) جو صوفي فقير سچل لاڙڪ (5) (عمر 70سال) ٻڌايو تہ ڪاهيءَ ڀرسان ڪلهوڙا رهندا هئا جن وٽ هڪ

پنلئيءَ جو مريد هو ۽ لطيف سائين ميان صاحب وٽ ڪاهي راهو آيو هو، جتي هڪ رات قاضي صاحبن جي مسجد شريف ۾ ٽڪيو هو، جتان پوءِ پنلئي سرڪار ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ مخدوم محمد ۽ اتان ڪهڙن جي مخدوم ۽ سچل سائين جي ڏاڏي ميان صاحبڏني سان رهاڻ لاءِ روانو ٿيو هو. هن وقت اها تاريخي مسجد قاضي صاحب جي پڙپوٽي جي فرزند حڪيم قاضي شاهه محمد (پيو) شهيد ڪري نئين سر تمام خوبصورت ڊزائن سان تيار ڪرائي آهي)، جيڪو عالم سان گڏوگڏ وڏو حڪيم هو ۽ ڪاهي راهوءَ ۾ سندس مدرسو هو. پاڻ لوٽگ فقير (متوفي: 27 ذوالقعد 1279هه/1862ع) جو مريد هو، ۽ خليفي سندس وصيت مطابق فقير جي جنازي نماز پڙهائي هئي. قاضي صاحب 1280هه/1863ع ڌاري وفات ڪئي(8). حافظ ميان محمد دائود قريشي بن حافظ ميان عبدالستار قريشي، وڏو عالم، پرهيزگار ۽ متقي شخصيت ٿي گذريو آهي. پاڻ سيد نورمحمد شاهه جو صحبتي هو، سندن مدرسي ۾ درس ۽ تدريس جون خدمتون سرانجام ڏيندو هو. حافظ صاحب، سيد نور محمد شاهه جي مسجد شريف (ڪنڊيا ڪاهي) ۾ مسجد جي امامت جو فرض پڻ انجام ڏيندو رهيو. پاڻ ڪوڙي شريف جي ’مدرسه يعقوبيه‘ ۾ پڻ درس ڏيندا هئا. سندن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ٿيل آهن جيڪي پوين وٽ محفوظ آهن. ڪين مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جيڪو سندن همعصر هو، پنهنجو هٿين اکرين لکيل ڪتاب ’سفينة السالڪين‘ تحفي طور ڏنو. ان ڪتاب تي مخدوم محمد هاشم جي مهر ۽ سندن هٿ اکرن ۾ لکيل عبارت موجود آهي. اهو ڪتاب ۽ ٻيا قلمي ڪتاب، سندن اولاد وٽ محفوظ آهن. پاڻ 27 رجب 1218هه/1803ع تي وفات ڪيائين ۽ ابجي- منياٽيءَ ۾ مدفن آهن(9).

**قاضي ميان محمدي بن حافظ ميان محمد دائود قريشي**: سيد نورمحمد شاهه جو پيارو طالب، خليفو همعصر ۽ صحبتي هو. پاڻ شعبان مهيني 1218هه/1803ع ۾ تولد ٿيو ۽ 12 ذوالقعد 1293هه/1876ع ۾ وفات ڪيائون. قاضي صاحب حافظ قرآن، عالم ۽ ولايت جو صاحب هو. مخدوم محمد يوسف دهلوي وٽ ڪاهي راهو ۾ قرآن پاڪ قرات سان حفظ ڪيائون، جڏهن ته شريعت جو علم ڪوڙي شريف جي ’مدرسه يعقوبيه‘ مان حاصل ڪري فارغ التحصيل عالم ٿيو. معرفت جو علم سيد نور محمد شاهه کان حاصل ڪيائون. پاڻ صاحب حال ۽ قال هو. پنهنجي زندگيءَ جو ڪافي حصو درس تدريس ۾ گذاريائون. ڪنڊيا ڪاهيءَ ۾ سيد نور محمد شاهه جي قائم ڪيل مدرسي ۾ گهڻو عرصو رهيو ۽ ان دوران سيد نورمحمد شاهه جي مسجد شريف جي امامت جا فرض پڻ انجام ڏنائون. حافظ صاحب، صاحبِ تصانيف پڻ هو. سندس ڪيترائي لکيل قلمي ڪتاب، عربي ۽ فارسيءَ ۾ سندن پوٽن وٽ موجود آهن. ميان محمدي قريشي جن جو وڏو ڪتبخانو هو جيڪو ڪين وڏن کان ورثي ۾ مليو هو ۽ پاڻ به ان کي وڌائي اوج تي پهچايائون. پاڻ سڄي عمر مجرد رهيا ۽ شادي نه ڪيائون. سندن ڪتبخاني جو ڪافي حصو ميان صاحب جي پاءُ ميان قاضي محمد ايوب جي فرزند ميان محمد عبدالرحمان قريشي (متوفي: 1920ع) جي پوٽي عتيق الرحمان قريشي بن قاضي ميان اسدالله وٽ محفوظ آهي، جنهن ۾ اڻلڀ قلمي عربي، فارسي مخطوطا، قرآن جا قلمي قديم نسخا، فقه، تصوف ۽ ٻين موضوعن تي سوين مخطوطا ۽ ڪجهه خانداني بياض شامل آهن (10).

**مخدوم محمد يوسف دهلوي**: روايتن مطابق چندي ڳڙهه رياست جو شهزادو هو، اميري ڇڏي فقيري اختيار ڪيائين ۽ حج جي ارادي سان ’راور‘ وارو رستو ڏئي نوشهروفيروز پهتو، جتي مخدوم شهاب الدين غالباً مخدوم عبدالحي نقشبنديءَ جو والد صاحب جيڪو ’سير ڏٺي‘ جي لقب سان مشهور آهي، شاهه نصير نوشهرائي (ڪافين جي قادرالڪلام شاعر جو ڏاڏو هو) سان ملاقات ٿين. مخدوم صاحب کين چيو ته اوهان پيرسن آهيو، باقي عمر هن ملڪ ۾ رهي فيض پکيڙي اجرحاصل ڪيو. پوءِ پاڻ ڪاهيءَ جي جامع مسجد ۾ رهڻ قبول ڪري درس کوليائون. چوندا هئا ته سندن زبان مبارڪ ۾ عمده تاثير هو يعني جن ڪائنڻ سبق ورتو انهن مان ڪي عالم ٿيا ته ڪي حافظ. اها ڳالهه تمام مشهور هئي. قاضي ميان محمدي جي پائيٽي ميان عبدالرحمان قريشي (متوفي: 1920ع) جي لکڻ مطابق ته ميان صاحب اسان کي ٻڌايو ته: ”جڏهن پاڻ تمام پوڙها ٿيا تڏهن سندن آڏو خليفا ۽ حافظ هئا جيڪي پڙهائيندا هئا ۽ پاڻ رڳو عبادت ۾ مشغول هوندا هئا. حافظ صاحب مرحوم جي لاڏاڻي جو وقت ٿيو

تڏهن سيارو هو، کين اسهالن جي بيماري ٿي، پوءِ اوچتو هڪڙو شخص اچي ظاهر ٿيو جنهن کي ڪنهن به نٿي سڃاتو، اهو سندن خدمت ڪندو هو، اندر حُجري ۾ ٻاهر جي پرسان رسي ٻڌي انهيءَ تي لٽا ڌوئي سڪائيندو هو. جنهن وقت پاڻ رحلت ڪيائين ته پوءِ اهو شخص غائب ٿي ويو.“ هيءُ ولايت جو صاحب 9 جمادي الاول 1237هه/1821ع تي لاڏاڻو ڪري ويو، کين ڪاهي راهو ۾ مسجد جي لڳ ڏکڻ ۾ صحن اندر قاضي شاهه محمد پرسان قبي ۾ مدفن ڪيو ويو(11).

**خليفا ۽ مريد:**

سيد نور محمد شاهه جا هزارن جي تعداد ۾ مريد ۽ معتقد هئا جيڪي سندن روحاني فيض مان ڀرپور ٿي ڪامل ٿيا. ڪيترائي حق جا طالب راهه سلوڪ جون منزلون طئي ڪري، روحاني فيض وٺي واصل باالله ٿيا، انهن بزرگن وري پنهنجو خانقاهون قائم ڪري نقشبندي سلسلي کي اڳتي هلايو ۽ پاڻ پڻ ڪيترن ئي ٻانهن کي فيض ڏنائون جيڪي صاحبِ فيض ٿيا جن مان ڪجهه جو تذڪرو هيٺ ڏجي ٿو:

**خليفو مخدوم محمد عيسيٰ ڪيريو بن حافظ ميان شاد الله:** پريا پرسان ڳوٺ ڊينگي جو رهواسي هو، تمام وڏو ڪرامت ۽ ڪشف جو صاحب ٿي گذريو آهي. پاڻ سيد نور محمد شاهه جو پيارو مريد ۽ خليفو هو. سندن مقام ۽ مرتبي جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو جو سندس مرشد جيڪي کين خط لکيا آهن تن ۾ کيس دعا لاءِ چيو ويو آهي. روايتن مطابق پيرعلي گوهر شاهه اصغر ’بنگلي ڌڻي‘ ڳوٺ ڊينگي پرسان ’ٻنا واٿر‘ وٽ پنهنجن مريدن ڪيرين فقيرن (جيڪي اڄ تائين خليفا سڏجن ٿا) چاڪاڻ ته پاڻ سيد پير صبغت الله شاهه (اول) ’تجرڌڻي‘ ڪان وٺي اڄ تائين مريد آهن) جي دعوت تي آيا، اتي پهچي پاڻ فرمايائون ته هتي مون کي خوشبوءِ ٿي اچي. فقيرن کين وراڻيو ته هائو سائين هتي هڪ فقير آهي. پاڻ ميان محمد عيسيٰ وٽ آيا ۽ ڪجهه وقت رهاڻ ڪري بعد ۾ پنهنجن مريدن ڏانهن روانا ٿيا. ميان محمد عيسيٰ حافظ قرآن هجڻ سان گڏوگڏ فارغ التحصيل عالم هئا. نوشهري فيروزي قاضين جي مدرسي مان علم جي تحصيل مڪمل ڪيائون. پاڻ بهترين ڪاتب پڻ هئا. هن وقت به سندن پڙپوٽي حڪيم ميان محمد صالح (1928- 1991ع) جي فرزند ميان محمد عيسيٰ وٽ وڏڙن جا ڪيترائي عربي، فارسي ۽ سنڌي جا ڇاپي توڙي قلمي نسخا موجود آهن جن ۾ سيد نورمحمد شاهه جا لکيل خط (جيڪي ميان محمد عيسيٰ ڏانهن لکيا ائن) ميان صاحب جي هٿين اکرين منظوم سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ ملن ٿا، ان کان علاوه خواجه محمد زمان لنواروي جي ملفوظات ’فردوس العارفين‘ جيڪا سندن مريد بلوچ لکي، ميان عيسيٰ جي ڪتابت ٿيل موجود آهي. ميان صاحب جا سنڌي توڙي فارسي اکر موتين جي داڻن جهڙا سهڻا آهن. سيد نورمحمد شاهه جي لکيل منظوم سنڌي خطن توڙي فارسيءَ وارن خطن مان معلوم ٿئي ٿو ته ميان محمد عيسيٰ کين تمام پيارو ۽ ويجهو هو، ڪافي حال احوال هنن سان اوريا ائن. انهن خطن مان معلوم ٿئي ٿو ته پاڻ کين سلوڪ جي طالبن جي تربيت لاءِ پڻ مامور ڪيو هو.

سيد نورمحمد شاهه جي لکيل منظوم خطن مان سندن ولايت جي مقام جو پتو پوي ٿو. هڪ خط ۾ پاڻ لکن ٿا: ”اعليٰ علم ذات جو آهي سڀن علمن کا، سڀ ڪُهي کي حاصل نٿي ري عارف انبيا. سو اوان کي حاصل آهي اعليٰ مقصودا.“ يا ٻئي خط ۾ لکن ٿا ته: ”اوان کي بادشاهي وڏي معرفت آهي حاصلا، هي وڏي نعمت آهي سَرتاج ٻن جهانن کا. وڏا بخت انجا جن کي آهي نصيبا.“ يا ”اوين پاهجي مولا ساهوئجو محوَ مشغلا، خليفي سا صحبت ڪجو ساڻ ادب محبتا، پوءِ فاني بقا با الله هوئجو محڪم مولا سا.“

ميان محمد عيسيٰ کان سوين ماڻهن فيض ورتو، سندن خليفن ۾ الهه جيارو سهتو ڀلاڻي ضلعو نوشهروفيروز، محمد صالح پنيو نزد پريا، جمعو فقير سومرو پاڳو ديرو لڳ ٺارو شاهه (ضلعو نوشهروفيروز)، ظفرالله جمالي- شڪارپور ۽ مائي ڪنباڻو جتوئي، محراب پور، ڏوڪري (لاڙڪاڻو) مشهور ۽ معروف آهن. پاڻ 1287هه/1870ع ڌاري وفات ڪيائين. سندس مزار مبارڪ ڊينگي ۾ مسجد شريف جي اتر ۾ آهي، جنهن تي ڪوئو نهيل آهي. سندن مزار سان گڏ اولهه ۾ سندن فرزند ميان عبدالرحمان ۽ اوڀر ۾ ٻيو فرزند محمد صالح مدفون آهن.

ڪوٺي کان ٻاهر سندن پوٽو ميان حڪيم الهڏنو (متوفي: 1934ع) مدفون آهي، جنهن مٿان چاپرو ٺهيل آهي.

ميان صاحب کي چارفرزند: ميان محمد صالح، ميان عبدالرحمان، ميان عبدالرسول ۽ ميان علي محمد هئا. عبدالرسول ۽ ميان علي محمد شادي ڪانه ڪئي جڏهن ته ميان عبدالرحمان کي صرف هڪ نياڻي هئي. باقي ميان محمد صالح کي ست فرزند ٿيا جن مان ميان الهڏنو (متوفي: 1934ع) حافظ قرآن، حڪيم، فارسيءَ ۽ عربيءَ ٻوليءَ جو ڄاڻو هو. پاڻ پنهنجي بزرگن جا ڪجهه نسخا پنهنجي هٿ اکرن سان نقل ڪري ڪين ضايع ٿيڻ کان محفوظ ڪيو. ميان صاحب جي اولاد مان ڪيترائي ولايت ۽ ڪاني ڪرامت جا صاحب هئا، جن مان خليفو ميان علي محمد ۽ خليفو ميان الهڏنو مشهور هئا(12).

**مخدوم عبدالواحد 'عبدي' (ٻکي ڏٺي) بن مخدوم محمد عيسن دربيلائي:** سيد نور محمد شاهه جا تمام پيارا مريد ۽ خليفا هئا. پاڻ 1243ھ/1827ع ۾ دربيلي ۾ جنم ورتو. مخدوم صاحبِ ڪشف ۽ ڪرامت جو ڏٺي ۽ واصل باالله هو. مرشد کين گهڻو ڀائيندا هئا. مخدوم صدرالدين، جيڪو سندن پڙپوٽي جي فرزند محمد اڪرم (متوفي: 1993ع) جو پٽ آهي، جي روايت مطابق ته هڪ دفعي سيد نورمحمد شاهه پنهنجي گهروارن سان ويٺا هئا ته سندن گهرواري ننڍڙي نياڻيءَ ڏانهن اشارو ڪندي عرض ڪيو ته: 'قبلا! ننڍڙيءَ کي دعا ڪيو ته ڪيس ٻاءُ ڄمي.' پاڻ پنهنجي گهر واريءَ کي فرمايائون ته: "هن کي مخدوم عبدالواحد جو ٻاءُ آهي." ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مخدوم صاحب کين ڪيترو نه پيارو ۽ عزيز هو. پاڻ ڪنڊياري کان اولهه طرف چند ڪلوميٽر ٻچاءُ بند اندر 'آباد' ڳوٺ ۾ درگاهه جو بنياد وجهي نقشبندي سلسلي کي هلايو. ڪائنن سوين ماڻهن فيض وٺي ڪماليت حاصل ڪئي، جن مان خليفو صوبدار جتوئي ڏوڪريءَ وارو، ميوو فقير چانڊيو بهادرپور خيرپورناٿن شاهه، آيل ڏلپوٽو، نصيرآباد، قنبر- شهدادڪوٽ، سيد فتح علي شاهه (ڪيٽي نواز علي شاهه) مخدوم صاحب جا خليفا هئا ۽ صاحبِ ڪرامت هئا. ان کان علاوه خيرپور ناٿن شاهه پرسان رهندڙ ڪهنگ جا قاضي ۽ ٻگهيا ڪيٽي جا محمد موسيٰ ٻگهيو، خان صاحب الله بخش ٻگهيو (نئين ڳڏ، ڏوڪري) پڻ سندن مريدن ۾ شامل آهن. هنن ٻگهين ديهه آباد ۽ ڀرپاسي جي ڪافي زمين مخدوم صاحب کي ننگر ۾ ڏني هئي. مخدوم صاحب 1291ھ/1874ع تي وصال ڪيو، کين 'آباد' ۾ دفنايو ويو. ڪافي سالن بعد سندن فرزند مخدوم حبيب الله (ڄم: 1267ھ/1850ع) کين اتان ڪيرائي، ان کان اورتي 'پيري' ۾ دفن ڪرايو ۽ اتي درگاهه جو بنياد وڌو ويو. پيريءَ واري زمين سندن مريدن لنجارن جي هئي جن کين ڏني جتي مخدوم صاحب سان گڏ سندن اولاد پڻ مدفون آهي.

مخدوم عبدالواحد کي چار فرزند: هيرمحمد، حبيب الله، محمد مراد ۽ ولي محمد ٿيا. ميان حبيب الله، ان جي فرزندن ميان غلام صديق، ميان غلام محمد، ميان غلام نبي، هن سلسلي کي اڳتي هلايو(13). مخدوم صاحب جي وفات تي سندن سؤٽ مخدوم غلام الله جي فرزند مخدوم خان محمد هينيان شعر چيا:

سيد اقطاب شاهي عاجزان،
غوث عالم دستگير بيڪسان.
درطريقهِ خواجهائي نقشبند،
هست عاليشان ايشان ارجمند
من چه گويم وصف آن سلطان دين،
خواجهِ عبدالواحد برهان دين.
هاتف آوازه مراد داره چنين،
ڪاشف اسرار وحده ڪاملين.

1291ھ/1874ع

## رسالہ گوھر شب چراغ

’رسالو گوهر شب چراغ‘ تصوف جي هڪ تمام انمول سوکڙي آهي. مون وٽ هن نسخي جي جيڪا ڪاپي سامهون آهي، تنهن جو ڪاتب ميان محمد عيسيٰ ڪيريو آهي، جيڪو سيد نورمحمد شاهه جو خليفو هو. هن ننڍڙي قيمتي نسخي ۾ 50 سٽون آهن.

هن ننڍڙي رسالي جي ابتدا هن طرح ٿئي ٿي:

بسم الله ساڻ بيان ڪجي قدر فيض نسبتا،
مِثِل گوهَر شبِ چراغ آهي نادر عظيما،
سَيَڪ ٿئي سِپَ ۾ نادر گوهرا،
سوا ڪروڙن تهجي اَقلُ آهي قيمتا.
منج خزاني ڪه بادشاهه جي هُوِي موجودا،
پَرَهي مال مڙئي جمع ڪري سوَن سورن سا.
بيحد ته جي باب ۾ آهي محنت مشقتا،
پوءِ گوهَرُ شبِ چراغ وٺي ڏيئي ڪروڙا.
تَنَهن گوهر شب چراغ جو ڄاڻندو قدرا،
يا منجهه درياء فارس روم جي ٿي مسافرا.
گهڻا ورهه غوطا کائي ڪري گوهر حاصلا،
تَنَهه اُني شخص کي ٿيندو گوهر جو قدرا.
پوءِ گوهر ڪٿي مسافر ٿي منجهه ڏوري ولايتا،
گهڻي مشقت سان هٿ ڪري صحبت عارفا.
پوءِ اُني گوهر کي قربان ڪري مٿي جتي مُبارڪا،
پرلک گوهرن جا نہ ٿين پٽي پيزارا.
توڙي صدقو ساهه ڪري سِپي سَوَ پيرا،
ئه هرگز برابر نہ ٿي هِڪَ نظر محبوبا (25).

هن نادر نسخي جو اختتام هيٺئين ريت ٿئي ٿو:

سدائِه صاحب جي ڪجي ساراها،
جوڪِين منجهان موجود ڪري قادر قيوما.
سَوَ....... جا هُوَن لک لک زُبانا،
تهيسان تعريف ڪري هردم هَمِيشا.
ته هِڪَ ذري فضل ڪرم جي ڪري ڪينَ بجا،
مگر هي فضل رَبُ جو مٿي آهي انسانا.
پرحيفِ اساجي حال کي اڪثر افسوسا،
جيئن سندس فضل ڪرم جي ناه نهايتڪا‘
اسَا جي ظُلم ۽ خطا جيْ ناهِ نهايتڪا‘
مگر ڏنه فضل ڪرم رب جيٰ عاصين اميدا.
لاتقنطومن رحمة الله ٿوشو قيامتا،
ڪلمون ڪنجي بهشت جي آهي اُمت ڪا

بياض تان سيد نور محمد شاهه ڪنڊائيءَ جن جي وفات جا قطعهِ تاريخ، هڪ عربي ۽ ٻيو فارسي نقل ڪيا آهن جيڪي سنڌ جي مشهور عالم دين، بزرگ اديب ۽ شاعر مخدوم حاجي فضل الله چيا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

وفات شيخ وَربه الالطف
سيد جيد هو الاشرف
الاسم نورمحمد اسمه،
ليلة السبت وصله والاوصف.
عشرين واحد قد كان،
مَن ربيع الاخيرهل تاسفُ.
كماسنة وماخلقه،
'خلقه الرشد' قال الهاتف.

1270هه

آه فرياد وفغان دل پُرز درد،
ڪہ جهان قطب زمان، رحلت نمود،
شمع دين نورمحمد شاهه فيض،
ماهتابِ معرفت شمسِ شهود.
در عشاء شنبہ از ثاني رَبيع،
بيست يکم شد بہ بستانِ خلود
گفتم هاتف بگو سالِ وصال،
گفت شمسِ معرفت باالله بود (36).

1270هه

سيد نورمحمد شاهه جي وصال جو سن 'ابرسخاوت' مان پڻ نڪري ٿو.

1270هه

سيد نورمحمد شاهه جن ڇنڇر رات سومهڻي وقت، 21 ربيع الآخر تي 1270هه/1853ع ۾ هن فاني جهان مان دارالبقا ڏانهن روانا ٿيا.

سيد نور محمد شاهه ڪنڊائيءَ جن جي وفات متعلق سندن خاص مريد مخدوم محمد ادريس (1251هه-1324هه) پنهنجي قلمي فارسي بياض ۾ لکي ٿو ته:

”ڪاهي جا ہہ زميندار سائين ڪنڊائيءَ جن ڪي ڏاڍا پيارا هئا. انهن جي بيماريءَ جي وقت حضرت جن ٽي راتيون ان وٽ حاضر هئا، تان تہ وفات ڪيائون ۽ انهن جي جنازي نماز پاڻ پڙهايائون ۽ سندس ڇوٽڪاري لاءِ دعا گهريائون. ڪجهہ عرصي بعد ان زميندار جي گهر واري جيڪا تمام صالح ۽ نيڪ هئي. هروقت پوري رات مراقبي ۾ گذاريندي هئي ۽ تهجد گذار هئي. پڇاڙي عمر ۾ وصال ڪيائين. سائينءَ سندس جنازي نماز پڙهي ۽ اڳين نمازن کان زياده سندس مغفرت لاءِ دعائون گهريون. نيٺ شايد مغفرت نہ ٿي جو سندس قبر ۾ الهي ويا (داخل ٿيا) جو مغفرت ٿي ۽ پنهنجي جان عزيز حق سبحان تعاليٰ جي حوالي ڪري ان عورت کي عذاب مان ڇوٽڪارو ڏياريائون، پوءِ ان قبر مان ٻاهر آيا. فقيرن کي خبر ڪيائون تہ مخدومن کي بڌايو (گهرايو). پاڻ ان وقت مسجد مبارڪ کي ڇڏي حويلي مبارڪ ۾ آيا ۽ مغموم هئا. مخدوم عبدالواحد، هي مسڪين (محمد ادريس) ۽ بخش علي قاضي ٽئي جڻا جلدي وياسون ۽ دروازي تي وڃي بيناسين. (مخدوم عبدالواحد جو سندن پيارو هو)

کي مخاطلب ٿي فرمايائون تہ "ملئي معنوب بود" (ملئي عذاب ڪيل هئي). اسين ڄاڻو تہ سائين جن انهيءَ عورت جي بخشش لاءِ رجوع ڪيو آهي (پنهنجي جان جي قرباني ڏني آهي) ٺيڪ 21 ڏينهن کان پوءِ اسان کي فراغ جو داغ ڏئي هن فاني دنيا مان دار البقا ڏانهن روانا ٿيا (37).

## مدفن گاهہ/ آخري آرامگاهہ:

سيد نور محمد شاهہ کي ڪنڊا ڪاهيءَ ۾ سندن هجري جي اتر لڳ ءِ ڪوٽايل ڪوهہ جي اوپر ۾ دفن ڪيو ويو. سندن مزار مبارڪ تي هڪ ڪاٺ جو خوبصورت چبوترو/ زري مبارڪ ٺهيل آهي جيڪو فقير محمد پريل مگرٽي ڪنڊياري واري ٺاهيو هو. سندس مزار تي هڪ سهڻو مقبرو پڻ تعمير ٿيل آهي. مقبري اندر ساڻن گڏ سندن ڀاءُ سيد ستاب شاهہ مدفن آهي (38).

سيد نورمحمد شاهہ کي ڪوبہ نرينو اولاد ڪونہ هو. سندس گاديءَ تي سندس سوٽي سوٽ (سندن والد صاحب جي سوٽ محمد شاهہ جو وڏو فرزند) امام بخش شاهہ وينو جنهن بعد سندن فرزند نورمحيد شاهہ (ٻيو) ۽ ان بعد ان جو فرزند امام بخش شاهہ عرف حاجن شاهہ ۽ هن وقت سندس وڏو فرزند نورمحمد شاهہ عرف جاني شاهہ گادي نشين آهي (39).

## حاشيا، حوالا ۽ واڌارا

1. پراڻا تڳر، درياءَ ڀلئي ويو. جڏهن تہ نئون ڳوٺ ساڳئي نالي سان سنڌو درياءَ جي اپرندي ڪناري تي بچاءُ بند پرسان ميجٺ ضلعي نوشهروفيروز ۾ موجود آهي.
2. ڪنڊا ڪاهيءَ جو موجود ڳوٺ نوشهري فيروز کان اتر-اوپر طرف چارڪلوميٽر پري اهي جتي سيد نورمحمد شاهہ جي مشهور زيارت گاهہ آهي، هتي پراڻي دور ۾ قاضي محمد عثمان جي مشهور درسگاهہ هئي، جتي پري پري کان سوين علم جا پياسا اچي علم جي اڃ اجهائيندا هئا.
3. ڪوڙو شريف، نوشهري کان چارڪلوميٽر سراوپر هڪ ڳوٺ آهي، جنهن جي آبادي هن وقت چار هزار جي لڳ ڀڳ آهي. هتي مخدوم جعفر جي فرزند مخدوم محمد يعقوب قريشي اٺين صديءَ جي آخري ۾ هڪ مدرسو 'دُارالفيض يعقوبيہ' قائم ڪيو، جتي سنڌ جي پري پري کان طالب اچي رهندا هئا ۽ علم پرائيندا هئا. پيرمحمد يعقوب 933 هہ/1526ع ۾ وفات ڪئي، ان بعد سندن فرزند پير ميان الياس، محمد تقي، محمد الياس (ٻيو) ۽ ميان عبدالله جن مدرسي کي سنڀاليندا آيا.

ڪوڙو شريف تي ڪوڙو جو نالو ڪيئن پيو؟ موجوده پيرصاحب محمد قاسم قريشي (عمر 80 سال) جي چوڻ مطابق تہ ميان الياس جي دؤر ۾ هتي مدرسي ۾ پري پري کان طالب علم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهي ايندا هئا. مدرسي ۽ علم جي هاڪ ملڪ اندر مشهور ٿي تہ پيرڳوٺ ۾ علم جاڪوڙ' لڳا پيا آهن. علم جا ڪوڙ مان 'ڪوڙو شريف' ٿي ويو. هتي 902 هہ/1496ع جي ٺهيل مسجد شريف صحيح سالم ۽ بهتر صورت ۾ موجود هئي جنهن جون ٿنيون چار فوٽ ۽ ڇهہ فوٽ ويڪريون هيون. هن مسجد شريف ۾ راقم ڊاڪٽر امداد ميمڻ سان گڏ نماز ادا ڪئي هئي ۽ ڊاڪٽر صاحب جي دريعي پير صاحب محمد قاسم سان ملاقات ٿي ۽ ڪانئس انٽرويو ڪيو. ڪجهہ سال اڳ پير صاحبان ان مسجد کي شهيد ڪرائي نئين سر تعمير ڪرائي آهي. هن مسجد جي خصوصيت اها آهي تہ هن مسجد تي طالبن اٺ چاڙهيو هو.

4. ڪاهي راهو، نوشهري فيروز جي اُتر- اوپر ۾ ٽي ڪلوميٽر پري آهي ڪاهي ڪنڊا، ڪاهي راهو، ڪاهي ممن ۽ ڪاهي قاسم ڄام ڪنڊل، ڄام راهو، ڄام ممن ۽ ڄام قاسم جا اڏايل ڳوٺ آهن، جيڪي ڪوريجا هئا (روايت سائين محمد صوف لنجار، عمر 66 سال، رٽائرڊ استاد ڪاهي قاسم). ڪاهي راهو ۽ ڪاهي ممن قديم وستيون آهن.
5. سچل فقير لاڙڪ، ڪاهي راهوءَ ۾ جنم ورتو. ميٽرڪ پاس ڪرڻ بعد تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيو

24. تڪميل المعرفت، صفحو؟
25. رسالہ گوهر شب چراغ (قلمي- منظوم سنڌي)، سيد نور محمد شاهہ ڪنڊائي، صفحو 1-2
26. ايضاً، صفحو 3
27. مڪتوبات سنڌي (قلمي- منظوم سنڌي) سيد نورمحمد شاهہ ڪنڊائي، صفحو؟
28. مڪتوبات سنڌي (2) (قلمي- منظوم سنڌي) سيد نور محمد ساهہ ڪنڊائي، صفحو؟
29. رسالو حقيقت معرفت النفس (قلمي- منظوم سنڌي)، سيد نورمحمد شاهہ ڪنڊائي، صفحو؟
30. ايضاً، صفحو؟
31. برهان العارفين (مڪتوبات فارسي- قلمي)، صفحو 2
32. ايضاً، صفحو؟
33. مخزن رازحقيقت (فارسي- قلمي)، صفحو؟
34. ايضاً، صفحو؟
35. هن روايت جو راوي مخدوم صدرالدين (عمر 50 سال) ساڪن ڳوٺ ڪنڊا ڪاهي آهي، جيڪو سيد نور محمد شاهہ جي پياري خليفي مخدوم عبدا_احد 'عبدي' جي اولاد مان آهي. ڪيس پنهنجي وڏڙن کان هيءَ روايت ٻڌل آهي.
36. بياض مخدوم محمد دائود دربيلائي (قلمي، فارسي)
37. بياض مخدوم محمد ادريس دربيلائي (متوفي: 1324هہ) قلمي، (فارسي)
38. محترم جوٽيجو سائين بخش قبولائي، مصنف 'سچڻ ڏٺو جن' (جلد ٻيون) ۾ سيد نور محمد شاهہ جي مضمون اندر لکي ٿو تہ: "شاهہ صاحب جي روضي مبارڪ تي سندس وصال مبارڪ جي تاريخ 12 ربيع الاول 1207هہ لکيل آهي جيڪا درست ناهي. ممڪن آهي تہ اهو سن ۽ تاريخ روضي مبارڪ ۾ آرامي ٻئي بزرگ حافظ محمد يوسف دهلوي جو هجي." پهرين ڳالهہ تہ روضي تي لکيل سن غلط لکي ويو آهي جيڪو 1207هہ نہ پر 1270هہ هئڻ کپي. ٻي ڳالهہ جيڪا قبولائي صاحب لکي آهي تہ روضي مبارڪ ۾ حافظ محمد يوسف دهلوي پڻ آرامي آهي. حافظ صاحب هتي نہ، بلڪ ڪاهي راهوءَ ۾ قاضي صحبان جي مسجد جي ڏکڻ ۾ قاضي شاهہ محمد اول سان گڏ مدفون آهي، جتي سندن مٿان هن وقت خوبصورت مقبرو قاضي شاهہ محمد جي ٽڙپوٽي حڪيم قاضي شاهہ محمد (جم 1920ع لڳ ڀڳ) نهرايو آهي. اها ٻي مزار مبارڪ، دهلوي بزرگ نہ پر سيد نور محمد شاهہ جي پاءُ سيد ستاب شاهہ جي آهي.
39. محترم قبولائي صاحب ڪان انهيءَ مضمون ۾ هڪ ٻي بہ سهو بہ ٿي وئي آهي، لکي ٿو تہ : "حضرت نورمحمد شاهہ" کي ڪوبہ نرينواولاد ڪونہ هو، ڪيس فقط هڪ نياڻي هئي جنهن ڪري سندن وصال مبارڪ کان پوءِ سندس ڀاءُ سيد ستاب علي شاهہ گاديءَ تي وينو،جنهن جي اولاد مان اڄ تائين گادي نشين ٿيندا پيا اچن." سيد نور محمد شاهہ جن جا چار ڀائر هئا جن مان هڪ سيد امير شاهہ لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هو واپس بغداد هليو ويو، باقي ٽن ڀائرن کي ڪوبہ نرينواولاد نہ ٿيو. تنهنڪري قبولائي صاحب جو اهو لکڻ تہ گاديءَ وارو اولاد سندن ڀاءُ سيد ستاب شاهہ جن جو آهي، غلط آهي. راقم تحقيق دوران موجوده گادي نشين سيد نورمحمد شاهہ عرف جاني شاهہ جي چاچي (والد صاحب جي سوٽ) سيد نياز علي شاهہ (عمر 60 سال) کان تفصيلي انٽرويو ڪيو. خاص ڪري شجره متعلق ڪيو، جنهن ٻڌايو تہ سيد نور محمد شاهہ جن جي گاديءَ تي سندن والد جي سوٽ محمد شاهہ جو وڏو فرزند امام بخش شاهہ وينو، ان بعد سندس اولاد اڄ

ڏينهن تائين گادي ڏٽي ٽيندو اچي. نياز علي شاهه اڄڪلهه ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي. هتي سيد نورمحمد شاهه جن جو شجرو ڏجي ٿو:

• اسحاق شاهه (اول) عرف موريل شاهه

↓

پنج فرزند ۽ هڪ نياڻي

(1) سيد نورمحمد شاهه- اولاد هڪ نياڻي صاحب پاڪ (اول) (1)

(2) سيد ستاب شاهه - اولاد هڪ نياڻي صاحب پاڪ (دوئم) (2)

(3) امير علي شاهه - بغداد واپس ويو.

(4) الهه بخش شاهه - اولاد نياڻي

(مدفن زير پير، نزد هالا، مريد سعيد آباد، هالا ۽ ان جي پرپاسي
رهندڙ ڳاهوٽي ۽ هالا جا سيد

(5) سيد سوائي شاهه- اولاد ڪونه هئس (مدفن درگاهه سيد نور محمد شاهه/ محرم شاهه)

محمد شاهه (اسحاق شاهه (اول) جو سؤٽ)

↓

ٽي فرزند ۽ هڪ نياڻي (صاحب پاڪ (3)

امام بخش شاهه

(جيڪو سيد نور محمد شاهه جن جي لاڏاڻي کان پوءِ گاديءَ تي وينو)

(2) سيد ستاب شاهه

(3) اسحاق شاهه (دوئم)- اولاد (چار نياڻيون)



نظام الدين ڪلهوڙو

# سنڌي ادب ۾ طنز و مزاح جي اهميت

ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سنڌي ادب ۽ زبان ۾ طنز و مزاح کي بلند مقام حاصل آهي، بلڪ ظرافت، نثرخواهہ شاعريءَ جو وڻندڙ ۽ دلڪش موضوع پڻ رهيو آهي، جنهن ۾ انسان کي نہ رڳو قلبي قرار ۽ ذهني سُڪون حاصل ٿئي ٿو مگر سندس جسم بہ خوشيءَ وچان جهومڻ لڳي ٿو. اهڙيءَ طرح سنڌي نثر توڙي شعر ۾ کِل، ڀوڳ ۽ مذاق جو پهلو نمايان نظر اچي رهيو آهي. نہ فقط ايترو پر مزاح جي تاثير ڪري ادب ۽ ٻوليءَ ۾ جيڪا شيريني ۽ خوش طبعي محسوس ٿي رهي آهي، سا دلڪشي ۽ رنگينيءَ جي عيان دلالت پڻ آهي. اهوئي سبب آهي جو طنز و مزاح جو عنصر سنڌي علم و ادب ۽ معاشري ۾ ممتاز حيثيت بہ رکي ٿو.

لهٰذا، سنڌي اديبن ۽ شاعرن مزاح ۽ مذاق جي موضوع کي قبول ڪري، نہ صرف علم و ادب، زبان ۽ سماج ۾ سونهن ۽ سوڀيا پيدا ڪئي اٿن، پر انهن انساني تهذيب ۽ ثقافت ۾ مزاح جي خوشبوءِ پڻ ڦهلائي آهي. جنهن جي وسيلي، غمدل انسان، مذاق جي ماحول ۾ خوش نظر اچي رهيا آهن. طنز و مزاح ڇا آهي ۽ ان جي سماج ۾ اهميت ڪهڙي آهي؟

**طنز و مزاح جو مقصد، اهميت ۽ قدامت:**

طنز و مزاح جو مطلب ۽ مقصد آهي- معاشري ۾ خوشيون وکيرڻ، ان ذريعي غلطين، خامين ۽ بُراين کي اهڙيءَ طرح تنقيد جو نشانو بڻايو ويندو آهي جو ٻڌندڙ يا پڙهندڙ بہ ان ۾ شامل ٿي ويندو آهي، ۽ غلطيءَ يا برائي ڪندڙ بہ ان تنقيد کي خوشيءَ سان قبول ڪندي، ان غلطيءَ يا برائيءَ کان پنهنجي دل ۾ نفرت محسوس ڪندو آهي. ڏک، ٻڪ، بي روزگاري، ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ، واپار، ڌنڌي ۽ نوڪريءَ جون مصروفيتون ۽ سنجيدگيءَ ڪري ماڻهن جي طبيعت ۾ بيزاري ۽ مايوسي پيدا ٿئي ٿي. طنز و مزاح ذريعي اها بيزاري ۽ مايوسي ختم ڪري سگهجي ٿي.

درحقيقت انسان کي نفسانفسي ۽ وٺ وٺان جي ماحول، مايوس ۽ غمگين ڪري ڇڏيو آهي، بلڪ هو پنهنجي مزاج ۽ طبيعت ۾ پڻ تبديل نظر اچي ٿو، ڇاڪاڻ تہ بي چيني ۽ مايوسي مٿس حاوي ٿئي ٿي تہ پوءِ هو سراپا ڏکارو ۽ چيڙاڪ ڏسجي ٿو ۽ منجهانئس سهپ جو مادو بہ موڪلائي ويندو آهي، تنهنڪري طنز و مزاح جي اڻاٺ ۽ قلت محسوس ٿئي ٿي، حالانڪ طنز و مزاح انساني ڏک ۽ درد جي دوا جو ڪم ڏئي ٿي يا ائين ڪٿي چئجي تہ کِل خوشي، انسان جي دل ۽ دماغ کي، جسماني ۽ روحاني طاقت مهيا ڪري ٿي، جيڪا انسان جي خصوصاً ڪاڌ خوراڪ پڻ آهي. طنز و مزاح بصيرت جي نگاهن ۾، هڪ اعليٰ فڪري ۽ علمي قابليت آهي، جيڪا انسان جي دل ۽ دماغ کي قدرت طرفان مليل هوندي آهي، مگر هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي جو هو مزاح ۽ کِل خوشيءَ جو نقشو ڪڍي يا هوبهو تصوير جي منظرڪشي ڪري ڏيکاري، سا بہ لفظن جي حسين ميلاپ جي صورت ۾! پر البت انسان جي مٿان جڏهن ڀوڳ ۽ ظرافت جي ڪيفيت طاري ٿئي ٿي، تڏهن هو خوش مزاج ميدان ۾ بلڪل قدم رکي ٿو.

جهڙيءَ ريت انسان دلچسپ ۽ دلڪش منظرن ڏانهن متوجهہ ٿئي ٿو، تهڙيءَ ريت ڪيس ڏاڍو لطف ۽ مزو بہ اچي ٿو. ان کان علاوه انسان کِل ڀوڳ ۽ مزاح جي تاثير کي لفظن جي روپ ۾ ڏسي، ٻڌي ۽ پڙهي ٿو تہ سندس قلب ۾ قرار ۽ سرور لازمي طور اُتپن ٿئي ٿو، جيڪو سندس مزاج کي نہ رڳو سرهائي ۽ راحت ڏئي ٿو، پر ان جي لاءِ وندر ۽ وروونهن جو سبب پڻ بڻجي ٿو. تنهنڪري مزاح نہ صرف انسان جي انفرادي طبيعت کي مزو ۽ مسرت ڏئي ٿو، مگر اها انسان جي اجتماعي زندگيءَ لاءِ اڪسير علاج ۽ دوا جو ڪارڻ پڻ بڻجي ٿي. اهوئي سبب آهي جو اديب،

حافظ مهراڻ سڪندري

# ڊاڪٽر گل حسن لغاريءَ جون علمي، ادبي ۽ تحقيقي خدمتون

ان ڏينهن سنڌ جي صوفي المشرب شاعر محمد فقير کٽياڻ جي ستين ورسي هئي، جا سندس آستاني تي ساليانہ ٿيندي آهي. سو فقير جي رنڌي محفل ۾ اسين ويٺا هجون تہ اوچتو سڏ ٿيو: مهراڻ صاحب! اوهان جا بہ پوڙها مهمان آيا آهن. انهن ڏينهن ۾ آءٌ اتي مسجد سگوريءَ جو ٻهاريدار هئس جنهن ۾ پهرين پهرين محمد فقير کٽياڻ مٿيون پريون هيون، هيٺئ جو ٻاهر اچي ڏسان تہ پروفيسر محمد عمر چنڊ جيڪو هن وقت نيوزيلينڊ ۾ آهي، هڪ ڪراڙي ساٿيءَ سان گڏ بيٺل هو. چنڊ صاحب سان پراڻي نيازمندي هئي. مختلف موقعن تي ٿيندڙ تقريبن ۾ گڏجي پوندا هئاسون، باقي ٻئي سائينءَ کي ڪونہ سڃاڻم. ايتري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بہ صوفي صاحب جي ميلي تي پهچي چڪو هو. چنڊ صاحب کان سائينءَ جو نالو پڇيم. چيائين: هي سائين گل حسن لغاري صاحب پنهنجي شهر ٽنڊوڄام جو ناميارو اديب ۽ اسڪالر آهي. بس اها پهرين ملاقات هئي. سادگي ۽ بي تڪلفي، جفاڪشي، محنت، وقت جي پابندي ۽ وضعداري لغاري صاحب جون نمايان خاصيتون هيون. شلوار ۽ ڪالر کان سواءِ پراڻي نموني جي قميص، ڪڏهن ڪڏهن مٿي تي ٽوپي پائيندو هو. صحت، قدبت ۽ جسماني بناوت جي لحاظ کان مردانہ وجاهت جو اعليٰ نمونو هو. سدائين پنهنجن پروان، ننڍن وڏن ۽ چڱن مڙن سان نيڪ نيتيءَ ۽ خير سگاليءَ جي جذبي سان پيش ايندو هو. سندس اها وڏي خوبي هئي جو طبع جي خلاف ماحول ۽ ماڻهن سان هلي ۽ نڀائي ڄاڻندو هو. اسان ننڍن سان بہ سائينءَ جو رويو اهڙو شفقت ڀريو ۽ قربائتو هوندو هو جو ڪهڙي ڳالهہ ڪجي؟ حضور بخش خاصخيلي، قادر بخش سهتو، پروفيسر محمد جمن سهتو، اي ڊي سهتو ۽ ٻيا دوست سائين جا شاگرد هئا. سو جڏهن بہ شهر ۾ مٿين دوستن مان ڪنهن کي بہ ڏسندو هو تہ منهنجي پارت ڪري ڇڏيندو هو.

سائين لغاري صاحب جون علمي، ادبي ۽ تحقيقي خدمتون ڏسي آءٌ بہ سائينءَ سان انهيءَ ڪم ۾ جنبي ويس. پوءِ جڏهن بہ ٽنڊوڄام اچڻ ٿيندو هو، تہ هڪلي وڃي سائينءَ وٽ رهاڻ ڪبي هئي ۽ دنيا جهان جون خبرون ڇڏي علم و ادب تي ڪچهري ڪبي هئي. مون سائين کان سندس زندگيءَ جو احوال بہ پڇيو هو تہ ڪيئن هيڏي وڏي قلمي سفر کي اوهان جاري رکيو.



سائين پيرائتيون خبرون ٻڌائيندي چيو هو تہ: ”منهنجي پيدائش 12- ڊسمبر 1938ع ۾ (رڪارڊ موجب) ڳوٺ محمد علي لغاري نزد ٽنڊوڄام ۾ ٿي. گورنمينٽ پرائمري اسڪول ٽنڊوڄام ۾ سنڌيءَ جا چار درجا مڪمل ڪيا. تڏهن هيڊماستر محمد يعقوب ميمڻ جيڪو سراج ميمڻ جو والد صاحب هو، نهايت محنتي سڄاڻ جيڪو شاگردن کي هر حوالي سان سنڀاليندو هو. اڳتي تعليم لاءِ سنڌ مدرسي ۽ نور محمد هاءِ اسڪول جا پنڌ بہ پڇايم ۽ فارسيءَ ۾ بي-اي (آرنرز) بہ ڪري ڇڏي. 1960ع کان 1962ع تائين مرحوم قاضي غلام محمد سان تمام گهڻي ويجهڙائي ۽ محبت رهي. پاڻ صاحب تقويٰ، خير خيراتہ هارين کي بخشش، ڇڏ ڇوٽہ درگذر ڪنهن ڏانهن بہ سواءِ خيرخواهيءَ جي ڪابہ ڳالهہ نہ ڪندو هو. مشورو بہ نيڪ ڏيندو هو. پنهنجي اولاد جي پرورش بہ ديني ماحول ۾ ڪيائين، اڄ بہ سندس اولاد خوشحال، نيڪ روشن ۽ نيڪ ڪردار آهي، 1965ع ۾ بي ايڊ ڪيم. 1968ع ۾ ليڪچراريءَ جو آرڊر، ايبٽ آباد سرحد صوبي گورنمينٽ جي پوسٽ گريجوئيٽ ڪاليج ۾ مليو، انهيءَ دوران پي ايڇ ڊي جو ڪم بہ ڪافي قدر ڪري چڪو هئس. منهنجي پي ايڇ ڊي جو عنوان ”سنڌ ۾ فارسي نثر نويسيءَ جي تاريخ“ هو. 1970ع ۾ پي ايڇ ڊي جي ڊگريءَ ڏيڻ جو اعلان ٿيو. ملازمت ايبٽ آباد، لاڙڪاڻو،

شبنم گل

# رنگين پر هوا بنا اڌورا آهن!

هوءِ آزاد فضائن ۾ وڻن مٿان اڏامندي رهي ٿي، اڏامڻ ۾ هڪ وڻندڙ احساس لڪل آهي جيڪو لهرن ۾ ترندي سمي محسوس ٿيندو آهي پر پاڻي لهرن جي دائري ۾ قيد آهي پر فضا لا محدود آهي.

زمين جي حدن کان ٻاهر هر شيءِ مختلف آهي. زندگيءَ سان ڀرپور لڳي ٿي.

هوءِ هڪ انتهائي خوبصورت پوپٽي آهي. حسين رنگن واري. سندس اندلٺ ورنا رنگ اُس ۾ گهرا لڳن ٿا. ڇانوَ ۾ هوءِ وڌيڪ حسين لڳي ٿي. اهو هڪ خوبصورت باغ آهي. گهاٽا وڻ قطار در قطار پريمين جيان، هڪٻئي جي ڳچين ۾ ٻانهون وجهي راز و نياز ۾ مصروف نظر ايندا آهن. باغ ۾ ڇٻر جو هڪ ڇهچ سائو گلم وڇايل آهي. جنهن مٿان، انيڪ گل ۽ ٻوٽا هوائن جي سُرن تي رقص ڪندا رهن ٿا. هوا جي هر جهوٽي سان ساهہ گلن جي لطيف خوشبوءِ سان معطر ٿي وڃن ٿا. پوپٽي، گلن جو منو رس پنهنجي وجود ۾ اوتي ٻيهر فضا ۾ اڏامي ٿي. جنهن رنگ جي گلن جو رس پيئي ٿي، گهڙي پل لاءِ اُهي رنگ سندس پرن مان جرڪڻ لڳن ٿا.

هوءِ فضا ۾ ائين اڏامي ٿي جڻ لهرن ۾ ترندي هجي. اڏامڻ سمي سندس پرن مان هڪ مترم آواز نڪري ٿو، جيڪو ڪنهن ساز کان وڌيڪ دلڪش آهي.

آزاديءَ جي نغمي جيان....

گهري سائي پنهنجي سڪون ۾ مدهوش ڇٻر تي، شاخن مان ڇڻيل پيلا پن هڪ غير محسوس اداسيءَ ۾ ويڙهيل آهن ۽ مٿي روشن فضا ۾ پوپٽي، وجد جي ڪيفيت ۾ اڏامي رهي آهي.

ڪڏهن ٿڪجي ڪنهن سائي ٻوٽي تي اچي ويهي ٿي ته سارن پنن جي جهرمٽ ۾ ڪو گل لڳي ٿي.

فضا ۾ پکين جي ٻولين جا سر وکريل آهن. سج جي روشنيءَ جي عڪس ۾ باغ جو هر منظر حسين لڳي ٿو.

روشنيءَ جو ساوڪ سان هڪ گهرو سُنبنڌ آهي، جيئن دل جو محبت جي ڪشش سان هوندو آهي.

سج جا ڪرڻا پوپٽي جي اکين کي ڳرا لڳن ٿا.

ٻارن جو هجوم مرڪي ٻيهر اڏامي ٿي. هن جي پرن ۾ گلن جي سڳنڌ آهي. ٻار هن جي پٺيان ڊوڙندا رهن ٿا ۽ هوءِ هنن کان خائف ٿي هر گل تان ڇرڪي اُٿي وڃي ٿي.

اجايل رهجي وڃي ٿي. گلن جي خوشبوءِ جو نشو ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو پر امرت کان محروم نظر اچي ٿي.

مٿي تمام گهڻو مٿي اڏامي ٿي، جتي ٻادل هوائن سان ڪچهرين ۾ مشغول آهن ۽ سج جي ڪرڻن ۾ مختلف رنگ ورهائجي ويا آهن.

هوءِ فضا ۾ ٽڙندڙ رنگن سان کيڏڻ لڳي ٿي.

مٿي کان باغ هڪ گلدستي جيان لڳي ٿو. تيز هوا ۾ هوءِ بنا پرن چورڻ جي اڏامي ٿي.

خاموشي ۽ سرشاريءَ سان....

گلن جا نيرا، پيلا، ڳاڙها ۽ واڱڻائي رنگ ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪن ٿا.

پر خوف، سيراب ٿيڻ جي راهہ ۾ رڪاوٽ بڻجي ويو آهي. جڏهن ٻار هليا وڃن ٿا ۽ ماڻهن جو تعداد گهٽ ٿي وڃي ٿو ته هوءِ هيٺ لهي اچي ٿي. گلن جي رنگ ۾ پوپٽن جو ويساهہ جيئي ٿو. هوءِ هڪ

هنن جي وچڻ کان پوءِ لٽو ڪوري ٽڪرو ٽڪرو پنهنجي گهر ڏانهن ويو ۽ گهر ۾ گهڙندي ئي جوٽس کي يڪ ساهيءَ ۾ چيائين: ”بختاور! آءٌ سمورن ٻارن کي سياڻي شهر وٺي ويندس، اتي وڏي رئيس جو جلسو آهي جتي سيني کي ماني ملندي ۽ سؤ سؤ رپيا خرچي به ملندي.“

جوٽس اِها ڳالهه پوريءَ ريت نه سمجهندي هڪدم چيو: ”ڪٿي آهن چوڏهن سؤ رپيا، مون کي ڏي ته ٻارن لاءِ اٽو وٺان!“

لٽي وراڻيو ته: ”بختاور ڏوڪڙ ته شهر وڃڻ کان پوءِ اتي وڏي رئيس پاران ورهايا ويندا.“ هن وڏيڪ زال کي چيو: ”تون نيڪ نٿي رهين نه ته انهيءَ بهاني توکي شهر به گهمايان ها.“

لٽي جي زال ٽڪ ٽيندي چيو: ”چڱو چڱو! خيال سان ٻارن کي وٺي وڃجانءِ، پرئين اوهان کي آءٌ ٻن ويلن جي اٽي مان پيٽ ڀري مانيون کارائيندس.“

لٽو ڪوري نالي جو ڪوري، هن جا وڏا گهڻو وقت ٿيو جو ڪورڪو ڪم ڇڏي هارپو ڪرڻ لڳا هئا، جو ته هاڻ نصرپور جي کيسن ۽ لُنگين جو بازار ۾ اڳهه ڪونه رهيو هو. ان ڪري هنن اباڻي ڪرت ڇڏي هارپو شروع ڪيو هو. جنهن مان هو مڙيوئي پيٽ قوت ڪرڻ لڳا هئا.

لٽي ڪوري ننڍپڻ ۾ تڏهن پنهنجي ڳوٺ کان لڏيو جڏهن ٻوڏ ۽ مينهن ڪارڻ ٻڪ ۽ ڏڪر سندس ملڪ ۾ منهن اچي ڪڍيو ۽ انهيءَ ڪارڻ ملڪ ۾ ڪارو ڏڪر پيو، سندس پيءُ کي نانگ ڪکي وڌو، ۽ پوءِ گهر ۾ ويلا پوڻ لڳا، ايستائين جو منهن تي ڪانگن به لنوڻ ڇڏي ڏنو ۽ ڪُٺا به راتو رات ڳوٺ مان لڏي ويا.

جڏهن لٽي، گهر ۾ ٻکن کي ٻوڙون پائيندي ۽ واڪا ڪندي ڏٺو، تڏهن هن پنهنجي اُپرئي گڏهه تي رليون ۽ ڏڙڪيون رکيون ۽ ٻيا ڏٻرا وهٽ ڪاهيندو پنهنجي پوڙهي ماءُ ۽ ڀينرن ساڻ پراڙ واري شهر وچي نڪتا، اتي شهر کان ٻاهر هڪ هيناهين پٽ تي، جتي هڪ وڏي ڪڏ ۾ سڄي شهر جو گندو پاڻي اچي نيڪاس ڪندو هو، اُتي تڏا هڻي رهي پيا، اتي لٽي جهڙا ٻيا ڪيترا ڏتڙيل ۽ ٻوڏ سٽيل انسان پڻ اچي ئي جهوپيون ٺاهيو رهندا هئا. اها آبادي پوءِ غريب آباد جي نالي سان مشهور ٿي وئي، سيني وڏن شهرن جي ڀيرن ۾ اهڙا ڪيترائي غريب آباد هوندا آهن، جن جو ڌرتيءَ تي ڪوبه ڌڻي سائين نه هوندو آهي.

لٽي جي ملڪ مان پاڻي ۽ ڏڪر ڪين ويو ۽ لٽو پوءِ شهر ۾ ئي رهي پيو. مُنڍ مُنڍ ۾ هو شهر ۾ ڇُڙڪ مزدوري ڪري وقت گذارڻ لڳو. ڪجهه سال پڄاڻان هن جو ۽ هن جي ڀينرن جا وهانءَ اتي ئي رهندڙ پاڻ جهڙن پورهيتن جي گهرن ۾ ٿي ويا. لٽي جي سهري لاڙ مان تڏهن لڏيو هو، جڏهن وڏيري به ٽريڪٽر ورتا جن کي اوپرا ماڻهو هلائيندا هئا، پوءِ لٽي جي سهري ۽ ان جهڙا ٻيا هاري ڪنهن ڪم ڪاج جا نه رهيا ۽ چاليهن جوڙن مان اٺيهه جوڙن وارا پرپاسي جي واهڻ ۽ شهرن ڏانهن لڏي ويا ۽ لٽي جو سهرو انهيءَ غريب آباد ۾ اچي رهيو. لٽو ۽ سندس سهرو ڇُڙڪ مزدوري ڇڏي هاڻ هڪ مل ۾ مزدوري ڪرڻ لڳا هئا.

شادي ٿيڻ بعد لٽو خوش رهندو هو. هڪ ڏينهن نيرن ڪندي لٽي زال کي چيو: ”بختاور! پنهنجي وهانءَ کان اڳ هڪ جوڳي مون کان به رپيا وٺي، ڊارو هڻي مون کي ٻڌايو هو ته تنهنجو جلد ڀاڳ کلڻ وارو آهي، هڪ لکل خزانو به ملندئي ۽ سچ پچ منهنجو ڀاڳ کليو، جو توسان شادي ٿي آهي ۽ ٻي ڳالهه به ضرور پوري ٿيندي.“

انهيءَ وير بختاور ڪاٺين جي ٻاهه جي اُهاءَ ۾ مينهن وساڻي جيان ڳاڙهي ٿي لڳي. لٽي ڪوريءَ کي لکل خزانو ته ڪونه مليو پر هر سال هڪ ٻار جو واڌارو ايندو ويو، تان جو لٽي کي چوڏنهن ٻار ٿي ويا، پر قدرت وري اها ته چوڏهن جا چوڏنهن ٻار هڪ لفظ کان سواءِ ٻيو لفظ ڪچندا ئي ڪين هئا ۽ ماڻهو ڏک ڪندا هئا ته: ”لٽي ويچاري جا هڙئي ٻار گونگا آهن.“

جيئن ته لٽي جا سمورا ٻار گونگا هئا، انهي ڪري منجهانئن سيٺين، رئيسن ۽ پوتارن ۽ ملڪ کي ڪوبه پوءُ ۽ خطرو ڪونه هو. لٽي جا اڌ اگهاڙا، سنهڙا ۽ مرگهيل ٻار سڄو ڏينهن شهر جي گهٽين ۾ ڪچرن جي ڍڳن کي ڦلهوريندا ۽ ماٺ ڪيو غريب آباد جي هِن

"چون ٿا ته جونيورسٽيءَ ۾ وڏو جهيڙو ٿيو آهي. الائي ڪيترا ماڻهو مري ويا آهن." نيٺ ڏيوليءَ همت ڪري ڳالهائي وڌو.

بيڪان دوڏا ڦوٽاريندي روئندي چيو: "اَبي! هو پڙهڻ ويو هو! ائي جيجل! هو پڙهڻ ويو هو."

هوءَ جا چپ چاپ ٻت ٻڻجي دير کان اهي احوال ٻڌي رهي هئي، تنهن چرڪ ڀريو... سڀ اڱڻ ۾ ڳوٺاڻين جو ميڙ اچي بيٺو هو. سيني جي اکين مان لڙڪ وهي رهيا هئا..... ايتري ۾ ڏاڏهنس به لٺ ٽيڪيندي هُن جي سامهون اچي بيٺي، عينڪ جي ڏاڱن کي سنئون ڪندي، ڏانهس رومڙ ڪري چوڻ لڳي:

"لاهه نياڳي اهي ڳاڙهيون چوڙيون....."

"جمندي تي پيءُ موڪلايو... هاڻ منهنجو رانجهو به..."

هن چرڪ ڀري اڱڻ ڀريل زالن ڏانهن منهن ڪندي پڇيو:

"ڪٿي آهي رانجهو !؟ ڪٿي آهي!!؟...."

"پوليس وارا، سائين ڳلام (غلام) شاهه جي اوطاق ۾ ميٺ (ميت) رکي، هُتي واري مقام ۾ قبر کوٽرائڻ ويا آهن..... شيولي ۽ ڏياري هڪ ٻئي جي منهن ڏانهن ڏسندي سڏڪندي چئي ڏنو...

اهو ٻڌي بيڪان اُتاولي ٿي رڙ ڪري در ڏانهن ٻوڙي، ماڻهن کي ڌڪا ڏيندي رئيس جي اوطاق ڏانهن ٻوڙڻ لڳي پر ٿابڙجي رستي تي ٻي ستي ٿي ڪري پئي ۽ هوءَ ماڻهس کي رستي ۾ ڪِريل ڇڏي، ٻوڙندي پئي وئي. سڄو ڳوٺ کيس ٻوڙندي ڏسي رهيو هو. ماڻهن ايترو ٻڌو ته هو ٻوڙندي چئي رهي هئي:

"رانجهو چئي ويو هو، آءٌ جڏهن ڳوٺ اچان ته مون کي 'جيئي لطيف!' چئي ڪيڪارجانءِ."

ٻوڙندي ٻوڙندي، هوءَ اوچتو بيهي رهي ۽ ٿورو واپس وري ... سمورين ڳوٺ وارين زالن ڏانهن ڏسندي وڏي سر چيائين:

"هلو نٿا؟ منهنجي رانجهي کي ڪيڪارڻ!!"

"ٻوڙي اچو!....."

"سيئي ٻوڙي اچو!....."

"مون سان گڏ هلو! منهنجي رانجهي کي ڪيڪارڻ!"

◙

## نئون ڪتاب




ڪتاب: هڪ شام جو الميو
موضوع: ڪهاڻيون
ڪهاڻيڪار: علي محمد سولنگي
ڇپائيندڙ: ثقافتي ادبي فورم دادو 2012ع
سائيز: ڊيمي
صفحا: 90
قيمت: -/90 رپيا

علي محمد سولنگيءَ جي ڪهاڻين ۾ سندس انداز بيان ۽ سوچ جي رفتار ساراهه جوڳي آهي، اظهار جي منفرد طريقي سندس لکڻين کي انفراديت بخشي آهي، سندس لکڻيون پڙهي ڪڏهن چپن تي مُرڪ اچي ويندي آهي، ته ڪڏهن وري اکين ۾ لڙڪ. علي محمد سولنگي جي اها ڪاميابي آهي جو جنهن به موضوع کي هن پنهنجي قلم هيٺ آندو آهي، ان سان خوب نڀايو آهي.

**شبانه سنڌي**

◙

**مسعود مفتي**
سنڌيڪار: سميرہ قاضي

# مَٽُ

ٺپ... ٺپ...

اُتر سنڌ جي ساڙيندڙ گرمي! پگهر جا ڦڙا مٽي کان ٿيندا اچي، هِن جي نڪ تي ڪِريا ۽ ٺِڪريءَ تي جميل مٽيءَ جي تهہ ۾ رَلي مِلي ويا.

محمد فتح موهن جي دڙي تي ٻين مزدورن سان گڏ کوٽائيءَ جو ڪم ڪري رهيو هو. ڪڏهن ڪوڏر سان، ڪڏهن رنبين سان، ڪڏهن هٿن سان تہ ڪڏهن آڱرين سان. هيءُ ڪم ڏاڍو ڏکيو ۽ ٿڪائيندڙ هو پرهن ويچاري کي تہ مزدوري ڪرڻي هئي. جڏهن ٿوري ڪم ڪرڻ سان گهڻي مزدوري ملي تہ پوءِ ٻيو ڇا گهرجي؟

محمد فتح سان گڏ ٻيا پندرنهن مزدور ڪجهہ ڏينهن کان هڪ دڙي جي کوٽائي ڪري رهيا هئا، جنهن مان کوٽائيءَ دوران ڪجهہ سِرن جو ٻِڳل ٺِڪل فرش، هڪ ٻہ موتي ۽ ڪجهہ گهہ ڳنا مليا هئا. وڌيڪ شيون هٿ ڪرڻ لاءِ گذريل ڇئن ڏينهن کان هوُ وڏي احتياط سان ڪم ڪري رهيا هئا ۽ ڪلهہ شام تائين هوُ هڪ ٻِڳل مَٽَ جون ٺِڪريون ڳولهي چڪا هئا، جيڪي سندس آڏو پيون هيون ۽ هوُ ڪنڌ هيٺ ڪري هوريان هوريان انهن ٺڪرين تي جميل مٽي صاف ڪري رهيو هو. سندس هٿ ۾ لوهو پَٽُ هو، جنهن سان هوُ مٽي صاف ڪري رهيو هو. جنهن ٺِڪريءَ تي ڪيس ڪا چِٽسالي نظر ٿي آئي، تہ اها صاف ڪرڻ کان سواءِ ٻئي ماڻهوءَ کي ڏيندو ٿي رهيو، جيڪو ان جي هوريان هوريان بُرش سان صفائي ڪندو ٿي رهيو. گڏوگڏ هوُ مشهور سنڌي چوڻي جهونگاري رهيو هو: ”هجني ناٿو، تہ گهر لاڙڪاڻو.“

هُو ڪيترن ئي هفتن کان اتي ڪم ڪري رهيو هو. ۽ کيس خبر هئي تہ کوٽائي ذريعي پنج هزار سال پراڻي شهر جو هڪ ٻيو حصو نروار ٿي رهيو آهي. هن مٽي لاهيندي سوچيو تہ انهن پنج هزار ورهين ۾ هتان جي ڪنهن بہ شيءِ ۾ تبديلي ڪانہ آئي آهي. هنن ٺڪرين تي جميل مٽي هوُبهو اڄ ڪلهہ جي مٽيءَ جهڙي آهي.... هي ٺڪريون بہ هوُبهو اسان جي ٻِڳل ٿانون جهڙيون آهن. ان دور جي رانديڪن ۾ جيڪي ڏاند گاڏيون ۽ ٻيڙيون هٿ آيون آهن، اهي بہ هوُبهو اڄ ڪلهہ جهڙيون آهن. جيڪڏهن هي سڀ ڪجهہ اهڙو ئي آهي تہ پوءِ خبر ناهي تہ ڇو هي ماڻهو ايڏي محنت سان کوٽائي ڪن ٿا. جڏهن تہ هوُبهو اهڙيون شيون اڄ ڪلهہ ڏوڪري ۽ لاڙڪاڻي جي گهٽين ۾ نظر اچن ٿيون.

پَٽُ هيٺ رکي فتح محمد پنهنجي آڱر سان پيشانيءَ تان پگهر اُگهيو ۽ سندس پگهر جا ڦڙا ڪنا ٿي هڪ لار وانگر آڱر جي چوٽيءَ کان سندس قميص تي ڪِرڻ لڳا. هن ڪنڌ مٿي ڪري ڏٺو تہ هڪ ميل پري سنڌو درياءَ جو ويڪرو پيٽ چانديءَ وانگر چمڪي رهيو هو ۽ ان چمڪ سان گرميءَ جو احساس اڃان وڌيڪ گهرو ٿي رهيو هو.

هن ٻين مزدورن ڏانهن نهاريو، بہ ٽي ڪم ڪري رهيا هئا ۽ ٻيا مَنهہَ هيٺان ٽڪُ پيچي رهيا هئا. دراصل اهي سڀ انتظار ۾ هئا. ڪراچيءَ مان ڪجهہ آفيسر خاص طور اهي شيون ڏسڻ لاءِ اچي رهيا هئا، جيڪي کوٽائيءَ دوران هٿ آيون هيون. انهن لاءِ هڪ خاص هوائي جهاز جو انتظار ڪيو ويو هو ۽ ميوزيم جا سمورا آفيسر انهن کي وٺي اچڻ لاءِ موهن جي دڙي جي هوائي اڏي تي ويل هئا.

وڃڻ کان اڳ ڪسٽوڊين مزدورن کي هدايت ڪئي هئي تہ اهي ماهر خاص طور هن مَٽَ جون ٻِڳل ٺڪريون ڏسڻ لاءِ اچي رهيا آهن. تنهن ڪري هيءُ ڪم انهن جي اچڻ کان اڳ پورو ڪيو وڃي. هوُ

# مڪليءَ جي اڏاوتن ۾ استعمال ٿيندڙ پٿر

مڪليءَ جي اڏاوتن ۽ انهن ۾ استعمال ٿيندڙ پٿر بابت محترم ميرزا منظور علي بيگ جو ”سنڌ جي ثقافت قديم آثار ۽ طرز تعمير“ تي لکيل تحقيقي مقالو، مهراڻ رسالہ جلد 61 جولاءِ- سيپٽمبر 2011ع نمبر-3 ۾ ڇپيل هو، جنهن ۾ لکيل تہ:

”مڪليءَ تي اڏاوتن ۾ پڪين سرن ۽ ڪاشيءَ جي سرن جي استعمال سان گڏوگڏ پوري قسم جو پٿر بہ ڪم آندو ويو آهي، جيڪو ڪن عالمن جي خيال مطابق ٻاهران گهرايو ويو هو، پر هن خيال جي قديم آثارن جي عالم احمد حسن دانيءَ مخالفت ڪئي آهي، هن پوري قسم جي پٿر لاءِ چيو ويندو آهي تہ اهو ڪانياواڙ مان آندو ويو هو، پر احمد حسن دانيءَ جو خيال آهي تہ هن قسم جو پورو پٿر ٺٽي جي چوڌاري موجود آهي.“

اهو احمد حسن دانيءَ جو خيال سؤ سيڪڙو درست آهي. مڪليءَ جي اڏاوتن ۾ ڪتب آيل پوري پٿر جون اڄ کان تقريباً ٽي سؤ ايڪهتر (371) سال اڳ واريون تمام پراڻيون کاڻيون، مڪليءَ کان تقريباً 40 چاليهہ ڪلوميٽر اتر طرف جهمپير جي علائقي ۾ ڪوهستان 7/1 جي مڪان نرمڙيءَ جي جبل ۾ موجود آهن. اهڙي تصديق، پٿر جو ڪم ڪندڙ، رازي جان محمد پالاريءَ پڻ ڪئي، جيڪو جڏهن انهيءَ جبل مان پنهنجي گهر لاءِ پٿر ڪڍي رهيو هو تہ انهيءَ پٿر جا ڪپچا (ننڍا ٽڪرا) ڏسي انهن پراڻين کاڻين کي کوٽائي ڪيائين تہ مڪليءَ جي اڏاوتن ۾ ڪتب آيل ساڳئي (هوبهو) نموني جهڙا پٿر هٿ آيس. مون پاڻ وڃي انهيءَ پٿر ۽ کاڻين جو معائنو ڪيو، جيڪو مڪليءَ جي اڏاوتن ۾ ڪتب آيل پٿر جي هوبهو ساڳيو هو.

هن وقت انهيءَ جبل ۾ پراڻين کاڻين جي آثارن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. اهو سمورو پٿر جن ماڳن تي هو، انهيءَ وقت جا ڪاريگر/ مزدور چونڊي، چونڊي ڪڍي ويا آهن. اهو پٿر نہ صرف رنگ جو پورو ۽ خوبصورت آهي، پر ناڪڻ، ڪٽڻ ۽ چلڻ ۾ تمام سولو آهي. اهو پٿر ٽوڙڻ سان عام پٿر وانگر پاڻ مرادو ٻئي مخالف طرف نہ ٽٽندو آهي، پر جيئن ئي ڪاريگر ارادو رکندو ايئن ئي ٽٽندو آهي. اهڙي پٿر جو جيڪڏهن ڪو ڪاريگر رازو ڪم ڪندو آهي تہ شوق سان ڪم ڪندو آهي ۽ ڪڏهن بہ انهيءَ ڪم ڪرڻ ۾ ٿڪاوٽ محسوس نہ ٿيندي آهي.

**- جمال الدين پالاري**

ڪنڊياري جي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ ڄائو. هن ڪي سنڌ جي ..وح جي اصل ڄاڻ هئي. اسان ٻئي 77-1976ع ۾ هڪٻئي سان ملياسين. مان يونيورسٽي آف لنڊن طرفان سنڌ جي تاريخ تي Ph.D ڪري رهيو هئس. مان جڏهن هن سان مليس ته هو سنڌ يونيورسٽي جو پرو وائيس چانسيلر مقرر ٿيو هو. هن مون کي يونيورسٽيءَ جي لائبريريءَ تائين رسائي ڪرائي ۽ ان کان علاوه هن مون کي مختلف اسڪالرن سان پڻ ملايو.

يونيورسٽي جي لائبريريءَ کان وڌيڪ منهنجي رباني صاحب سان سندس گهرجي باغيچي ۾ تارن جي ڇانوَ ۾ رات جو دير تائين سٺي ڪچهري ٿي. اسان سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ پاڪستان جي رياست سميت دنيا تي گفتگو ڪندا هئاسين. 1970ع جي وچ وارو دؤر دنيا لاءِ هڪ آزمائش وارو دؤر هو. خاص طور تي ڏکڻ ايشيا لاءِ بنگلاديش ۾ 1975ع ۾ شيخ مجيب الرحمٰن ۽ سندس خاندان جو قتل عام ٿيو هو ۽ ان کان پوءِ فوجي بغاوت جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ مارشل لا نافذ ٿيو هو. سخت گير اندرا گانڌي پارليامينٽ معطل ڪئي هئي ۽ ملڪ مٿان ايمرجنسيءَ جي ذريعي حڪومت ڪري رهي هئي ۽ پنهنجي پٽ سنجي گانڌي کي کليل ڇوٽ ڏني هئي ته هو آباديءَ کي ڪنٽرول ڪرڻ وارا اُپاءَ، سختيءَ سان نافذ ڪري.

1971ع واري حادثي کان پوءِ پاڪستان هڪ مضبوط جمهوري ملڪ طور ابري آيو. انهيءَ دوران آگسٽ 1976ع ۾ مان پاڪستان پهتس. مون کي ياد آهي ته جڏهن هڪ آمريڪي صحافي، جناب ذوالفقار علي ڀٽي کان سوال ڪيو ته: "ڇا دنيا پاڪستان کي نظر انداز ڪري رهي آهي؟" جواب ۾ هن چيو ته: "اهو انهيءَ ڳالهه جو ثبوت آهي، ته ملڪ ترقي ڪري رهيو آهي. انهيءَ ڪري جو مغربي ميڊيا صرف انهن ترقي پذير ملڪن تي توجهه ڏيندي آهي، جنهن ملڪن ته ڪانءِ ڪا مصيبت آئي هجي." جناب ڀٽو صحيح هو. پاڪستان فيبروري 1977ع جي اليڪشن کان پوءِ وري دنيا جي نظرن جو مرڪز ٿيو. ان کان پوءِ اليڪشن ۾ ڌانڌليءَ جا الزام لڳا ۽ ڀٽو حڪومت خلاف عوامي تحريڪ شروع ٿي. جولاءِ 1977ع ۾ جنرل ضياء الحق فوجي بغاوت ڪئي ۽ پاڪستان مارشل لا جي هيٺ آيو ۽ افسوس جو هو هندستان ۽ بنگلاديش جي انهيءَ صف ۾ شامل ٿي ويو، جتي جمهوريت معطل هئي.

سياسي حالات خراب ٿيا، رباني صاحب ۽ مان هن جي چار شوري واري گهر جي باغيچي ۾ وهندا هئاسين ۽ تازين خبرن ۽ افواهن تي گفت و شنيد ڪندا هئاسين. صورتحال افسوسناڪ هئي ۽ مثبت اشارا گهٽ هئا. اڪثر ڪري رباني صاحب هڪ گهرو ساهه کڻي چوندو هو ته: اسان سان ڇا ٿيڻ وارو آهي؟

رباني صاحب هڪ همدرد ۽ انصاف وارو انسان هو ۽ هو غريبن لاءِ تمام گهڻي تڪليف محسوس ڪندو هو. هو بي سهارن لاءِ انساني حق چاهيندو هو. جڏهن هو ٻارڙو هو ته ڳوٺ ۾ سنڌ جي سماجي نظام جون ناانصافيون ڏسي چڪو هو ۽ خاص طور تي سنڌ جا ٻي زمين هاري جيڪي خاص طور اهو نظام قبول ڪري چڪا هئا، انهي ڪري جو انهن وٽ ٻيو ڪو ٻيو رستو نه هو.

مان پنهنجي ٿيسز ۾ انهيءَ ڳالهه جي تحقيق ڪري رهيو هئس ته اٺويهين صديءَ ۾ سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ طاقت جو سرچشمو ڪير هو. اها ساڳي صورتحال ويهين ۽ ايڪويهين صديءَ ۾ به گهڻي مختلف نه آهي. شهرن سميت ٻاهرين علائقن تي وڏا وڏيرا حاوي هئا. اٺويهين صديءَ جا برطانوي آفيسر وڏيرن کي عزت جي اهميت جو احساس ڏياريندا هئا. رباني صاحب اها ڳالهه مون کي چڱيءَ طرح سمجهائي هو انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيندو هو ته وڏيري جي طاقت

جو بنياد مادي طاقت تہ نہ آهي. هو چوندو هو تہ وڏيرو بظاهر وڏو لڳي ٿو پر اصل ۾ هو هڪ هوا سان ڀريل ڦوڪڻي وانگر آهي، جيسين هوا ڀريل آهي، هرهڪ هن جو حڪم مڃي ٿو پر هڪ ننڍي ڏڪ لڳڻ سان هو ڦوڪڻي وانگر ڦاٽي ختم ٿي وڃي ٿو.

رباني صاحب پنهنجي ڪهاڻي ’ٻوڏ‘ ۾ هڪ هاري بابت ٻڌائي ٿو تہ ٻوڏ ۾ هن جو خاندان ڪيئن ٻڏي وڃي ٿو. وڏيرو پنهنجي بند جي مرمت ڪرڻ لاءِ هن جي ديوٽي لڳائي ٿو. هو وڏيري کان ايترو تہ ڊڄي ٿو جو هو پنهنجي خاندان کي بہ ڪونہ ٿو بچائي سگهي.

مون کي رباني صاحب جي ننڍپڻ جون بہ ڪهاڻيون ياد آهن جيڪي افسانن جي پنيان اصل حقيقت بيان ڪن ٿيون. پهرين ڪهاڻي هڪ پوڙهي هاري جي آهي، جنهن جي مينهن چوري ٿي وڃي ٿي. مينهن جي پيرن جا رند پاسي واري وڏيري جي ڳوٺ تائين پهچن ٿا. هاري انهيءَ وڏيري جي اوطاق تي پهچي ٿو ۽ پنهنجو مسئلو بيان ڪري ٿو. هو سوچي ٿو تہ وڏيرو پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪري ڪيس مينهن واپس ڪرائي ڏيندو. وڏيرو هن جي ڳالهہ خاموشيءَ سان ٻڌي ٿو ۽ ان کان پوءِ چوي ٿو: ”آهي ڪو پوڙهي کي ٻوريءَ ۾ بند ڪري“. چمچن جي ڪابہ ڪمي ڪانہ هئي. وڏيري جي حڪم تي پوڙهي هاريءَ کي ٻوري ۾ بند ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ کان پوءِ هن مٿان ڪتا ڇڏيا وڃن ٿا، ڪُتا ٻوريءَ کي ڀڃڻ شروع ڪن ٿا ۽ غريب هاري رڙيون ڪرڻ شروع ڪري ٿو. وڏيرو ۽ ان جا چمچا غريب هاريءَ جي انهيءَ ڏکوئيندڙ حالت تي وڏا ٽهڪ ڏئي کلڻ لڳن ٿا.

هڪ ٻي ڪهاڻيءَ ۾ هو بيان ڪري ٿو تہ وڏيري جي اوطاق ۾ هڪ نوجوان کي آندو ويو. هن جي قميص لاٿي وئي ۽ انهيءَ کان پوءِ وڏيري هڪ پوڙهي کي لٺ ڏيندي حڪم ڏئي ٿو تہ هن کي مار. نوجوان جي سڄي پٺي رتو رت ٿي وڃي ٿي. اهو نوجوان ۽ پوڙهو، پيءُ پٽ هئا. انهيءَ نوجوان پوءِ اهو ڳوٺ ڇڏي ڏنو ۽ ڪيئي سال واپس ڪونہ وڃي ٿو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ هن جو پيءُ بہ مري وڃي ٿو.

رباني صاحب، سنڌ جي سماجي معاشري جي انهن ناانصافين کان گهبرائيندو ڪو نہ هو بلڪ هو سنڌ جي منهبي ۽ علمي ورثي تي مضبوط يقين رکندو هو. هن مون کي سنڌ جي ثقافت سان متعارف ڪرايو. مان ڀٽ شاهہ تي ويس ۽ اتي مون پاڻ کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي“ جي ويجهو محسوس ڪيو. ان کان پوءِ هو مون کي هڪ پير جي مزار تي وٺي هليو. اسان هڪ سوزوڪيءَ ۾ هڪ ندي جي ڪناري سان هلندا رهياسين، تان جو هڪ عمارت تي پهتاسين، جيڪا ان نديءَ جي ڪناري تي هئي. مون کي هاڻي ان پير جو نالو ياد ڪونہ آهي، اها هڪ چانڊوڪي رات هئي، چنڊ جي روشني سڄي پاڻيءَ کي روشن ڪري ڇڏيو هو.

مان سوچيو تہ سنڌ جو اصل روح هيءُ آهي خوبصورت ۽ لازوال، مزار جو سفيد سنگ مرمر جو گنبد چمڪي رهيو هو. واپسيءَ تي اسان هڪ جاءِ تي بيناسين ۽ سنڌ جو مشهور پلو کاڌوسين. اها سڄي رات منهنجي ذهن ۾ تازي آهي، انهيءَ کي اصلي سنڌ سمجهان ٿو.

مان جڏهن رباني صاحب جي وفات جو ٻڌو، تہ ائين محسوس ڪيو جڻ مان انهيءَ پير جي مزار تي بيٺو آهيان، رباني صاحب منهنجي پاسي ۾ بيٺو آهي ۽ انهي جڳهہ جي تاريخ ٻڌائي رهيو آهي ۽ ائين لڳي رهيو هو جڻ هو سنڌ جي اصل روح کي حقيقت ۾ آڻي رهيو هجي.

غلام رباني آگرو سنڌ ۽ پاڪستان لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو. هن جي وفات ملڪ لاءِ وڏو نقصان آهي. خاص طور تي هن جي خاندان ۽ انهن سڀني لاءِ جيڪي هن کي ڄاڻندا هئا.

◙

اڃا!تاج سان پهرئين روبرو ملاقات جي تاريخ برابر تہ مون کي هن وقت ياد ڪو نہ پئي اچي پر هي جيڪا مٿين غزل ٻڌائڻ واري ڳالهہ، مون اوهان سان ڪئي ان جو سال تہ صفا چٽو پٽو ياد اٿم، جي ها، اهو 1982ع وارو سال هو. مون کي ياد آهي، ان سال ڌاري ڪراچيءَ ۾ مان سوشل ويلفيئر ڪائونسل ۾ پبلڪ رليشن آفيسر هوس. تڏهن ان حيثيت سان، صبح جو تہ ٻن پوڙهين يعني هڪڙي منسٽر صاحبہ ترئين فريدي ۽ ٻي ڊائريڪٽر شيرين رحمت الله کي لارا لپا ڏيئي، ڏينهن تہ ڏکيو سکيو آفيس ۾ گذاري ئي وٺندو هوس، پر پوءِ ماين سگورين جي آفيسن مان اٿي وڃڻ بعد، شام جو هاڻي آءٌ ڪراچيءَ ۾ ڪيئن وقت گذاريان؟ سو ٻوڙي طارق روڊ تي سوجهري' رسالي جي آفيس ۾ رازناٿن شاهي ۽ تاج بلوچ جي ڇانوَ ۾ وڃي ويهندو هوس جتي اسان جو هيءُ پيارو راز، تنهن زماني ۾ ڪهاڻين تي اسڪيچ اُتي ويٺو ٺاهيندو هو ۽ آءٌ وري اڪثر ڪين مواد جي پروفن پڙهڻ ۾ ويٺو هٿ همراهي ڪرائيندو هوس. اُن وندر ۾ اڃا وندريا ئي ويٺا هوندا هئاسين جو شام ٿيندي ئي پنهنجي 'ويس پا' تي سوار ٿي، الائي ڪهڙن غيبائن هسوارن مٿان چوهہ چنڊيندو گارين جي ڏم لائيندو، تاج آفيس ۾ داخل ٿيندو هو ۽ پوءِ تہ بس اک چنبڙ ۾ 'سوجهري' جي آفيس ٻُونهان ڏار ٽهڪن ۽ ڳالهين سان پرجي ويندي هئي. مون کي ياد آهي، تاج پنهنجو هيءُ انتهائي خوبصورت آزاد نظم، اهڙي ئي ڪنهن صورتحال ۾ اسان کي ٻڌايو هو:

مان چاهيان ٿو ڪِلجي
نئين ڪِل ڪِلجي
مگر ايئن ڪِلجي
وفا ۽ وطن جي شهيدن جي پيشانين تي
جيئن گهاوَ ٻهڪن
مان چاهيان ٿو نچجي
مگر ايئن نچجي
جو پيرن ۾ مرڪن جون ڇيرون هجن
۽ پنهنجي ئي ڪوسي ۽ تازي لهو سان
پريل ٿالهہ تي پيو لڳاتار نچجي
مان چاهيان ٿو نچجي
سچو ناچ نچجي!

تڏهن 'سوجهرو' آفيس ۾ اهڙي صورتحال ۾ ڪوئي چنڪ چانهہ آڻيندڙ ۽ تخليقي ڪم ۾ رڌنو وڃهندڙ ڪو 'پناڻ ٻئرو' راز کان پيسن جي اچي تقاضا ۽ انهن لاءِ گهپي ڪرڻ لڳندو هو تہ 'راز' ڪِلي چوندو هوس: چپ ڪرو لالا... نهين تو، هم تمهارا ڪينچا ڦاڙين گا'... تہ بس اهڙي ئي ڪنهن ڇڪتاڻ ۾ اوچتو ويٺي ويٺي ڪاڳرن تان قلم ڪٽي، تاج اعلان ڪندو هو، 'هوشيار خبردار!! سوجهري جو اداريو لکجي ويو آهي. سماعت ڪريو!' ۽ يقين ڪريو تہ اهڙي هنبس ۾ لکيل اهو اداريو، اهڙو تہ آرٽسٽڪ هوندو هو جهڙو خليل جبران جو نثر (۽ اي ڪاش!تاج جا لکيل سوجهرو جا اهي اداريہ سهيڙي اچ ڪوئي جيڪر ڪتاب شايع ڪرائيجي، تہ هوندَ ڪاڪي جهامنداس پاٺيا وارن لکيل "ادب لطيف" شهپارن جا سڀ رڪارڊ ٽُٽي پون.)

پر دوستو! هيءُ تہ تاج سان پنهنجين ڪجهہ ابتدائي ملاقاتن جو تذڪرو ڇيڙي، ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن نڪري ويس. لکڻ هتي مون هيءُ پئي چاهيو تہ تاج سان غائبانہ ملاقاتون تہ انهن روبرو ملاقاتن کان، اڃا ئي گهڻو وقت اڳ ٿيون هيون منهنجون. اصل ۾ هي ڪنهن موهيندڙ ٻار کي ڏسبو آهي تہ جهٽ پڇبو آهي نہ تہ ، ڪنهن جو آهي!؟ تہ... ايئن مون بہ ڪنهن هڪ جيڏي جي واتان جڏهن 'ڪير گلن جا پوئي هار، هٿ سين جا زخمي زخمي' جهڙي سٽ ٻڌي هئي، تڏهن يڪدم ئي پڇيو هوم: 'ڪنهن جي آهي اها سٽ؟' ۽ تاج جي لکيل ان شاهڪار سٽ کان پوءِ تہ هُن جي شاعريءَ سان منهنجو جهڙوڪر باقاعده تعارف شروع ٿي ويو هو. اجهو انهيءَ واردات کي اڃا ڪجهہ ئي عرصو گذريو هوندو، جو هڪ ڏينهن سندس ڪڙي تڙي ۽ اُتساهيندڙ لهجي ۾، ريڊيو حيدرآباد تان مون هڪڙي مشاعري ۾ ڪانئس هيءُ غزل ٻڌو هو:

ڪنهن جو اڳو ۽ نہ ڪو پيڇو آهيان،
پنهنجي ادراڪ جو پاڇو آهيان.

پڙهندي لڳي پيو، جڻ شاعرَ ڏمال جي ڪيفيت ۾ اِهو لکيو آهي:

**چوڙي ڪلهن تي وار جڏهن جُهومندي هئي،**
**جڻ ميگهه ڪي ملهار ڪي ۾ پائيندي هئي.**
**چانڊوڪين جو روپ وٺي جرڪندي هئي،**
**ڪا باهه لائي برف ۾ ايئن ڀڙڪندي هئي،**
**ڪو رنگ هو بهار هئي روشني هئي.**

تاج جي ڪنهن شعري مجموعي تي ڪمينٽ ڪندي، شيخ اياز صاحب لکيو هو:

"طبقاتي انقلاب جي هاڻي گنجائش رهي هجي يا نه، فلاحي مملڪت جو تصور، البت شاعر ۽ اديب مان وڃڻو نه آهي."

ان ڏس ۾ آءٌ وري هتي هيئن چوندس ته، هڪ ڪميٽيڊ شاعر جي حيثيت ۾ اهڙي بهتر سماج جو خواب، تاج بلوچ نه فقط پنهنجي شاعريءَ ۾ ڏٺو پر باقاعده ڏٺو آهي. دنيا جا مارڪسي نقاد چوندا آهن، ته ڪنهن به ٻوليءَ جي شاعر وٽ جيڪڏهن ڪو خواب ناهي ته ان شاعر جي شاعري، ڪنهن گونگي جي ٻٽُو ٻٽُو کان سواءِ ڪجهه به ناهي. تنوير عباسي صاحب جو به هڪ شعر آهي ته:

چٽنگ چولي ۾ جي ناهي، اُهو پنهنجو ناهي

ڀٽائيءَ گهوٽ فرمايو هو:

جي گوڏن گسڪڻ چڙيو ته سيني ۾ سُرندياس

ته بس تاج بلوچ جو نظم، به عنوان 'پٽرنامو'! جڻ هڪ ڪميٽيڊ شاعر جو خواب نامو به آهي:

**مان هلندس**
**مان هر حال هلندس**
**نئين راهه جي هر اڪيلي مسافر سان هلندس**
**پٺون پير جنهن جا ۽ ليڙون لٽا**
**انهيءَ ساڻ هلندس**
**مان هلندس**
**نئين وات تان ۽ نئين وات جي**
**هر اڪيلي مسافر سان هلندس**
**مان هلندس مان هر حال هلندس**

سڄيءَ دنيا سان گڏ، سنڌي سماج جي به جيڪا هن وقت صورتحال آهي، ظاهر آهي ته اڄ جو روشن خيال شاعر ان دائري کان، نه ٻاهر سوچي سگهي ٿو، نه ڇڪي سگهي ٿو، پر هتي ته بقول تاج:

**ڪنهن جا ڪنهن جا لڙڪ اگهان،**
**هر ڪنهن جي اک آهي آلي.**

طبقن ۾ ورهايل هي سماج ۽ خاص طرح سان سنڌ جو سماج، جنهن ۾ اسان جو شاعر تاج بلوچ ۽ اسين سڀ رهون پيا، ان جا، اسان کي ڏنل درد اڻ ڳڻيا ۽ بي پناهه آهن، ۽ انهن جي ترياق لاءِ ڪو به شاعر يا هڪڙو تاج بلوچ ڇا ٿو ڪري سگهي؟ جو باالآخر اسان مان هر هڪ کي نظام جي بدنظمي کي ختم ڪرڻ لاءِ اجتمائي طرح سان ئي، تبديلي پسند ٿيڻو پوندو. تاج پنهنجي شعر ۾ اهڙو اظهار هن ريت ڪيو آهي:

**زخم هڪڙو ڪو هجي سو چيئيان،**
**آئون سارو ئي ڦٽيو پيو آهيان.**
**منهنجا احساس صليبن تي ٽنگيل،**
**آئون هر دور ۾ پيڙيو آهيان.**

تاج جا ڪيترائي شعر اهڙا به آهن، جيڪي جڻ محاوري طور به استعمال ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن.

**ڪير گلن جا پوئي هار، هت سڀن جا زخمي زخمي**

يا

**دوستن جو پرم رهي ته چڱو،**
**ڪو نه منهنجي زبان کي ڪولي.**

عاشق سياءُ ۽ حُسن پرست تاج جو هڪڙو شعر هيءُ به آهي ته:

**سونهن ڪمزوري آ،**
**تاج ڪاڏي وڃون؟**

مون ڏٺو آهي ته اردو، سنڌيءَ جي اڪثر ترقي پسند شاعرن وٽ محبوبا جي روپ ۾ عورت جو هڪ "يُوٽوپيائي" تصور پئي رهيو آهي، جنهن سان هُو اڪثر نظرياتي بحث مباحثن ۾ مصروف نظر ايندا آهن، جيئن "ميري محبوب ڪهين اور ملاڪر مجهه سي" يا "مجهه سي پهلي سي محبت ميري محبوب نه

ته اهو به مست ٿي ويندو ان حالت ۾ ڪيترن ئي ماڻهن کي مست بڻائي ڇڏيائين. جڏهن سالڪيءَ جي حالت ۾ آيو ته شعر چوڻ شروع ڪيائين ۽ شاعريءَ ۾ پنهنجو نالو روشن ڪيائين. ميرل فقير جاڳيراڻي، سندس خاص طالب، مريد ۽ معشوق هو. جنهن ڪري پنهنجي ڪلام ۾ تخلص طور 'ميرل' فقير جو نالو استعمال ڪيائين. ميرل فقير سان بي پناهه محبت هُيس، جو ادب وچان ڪيس 'بابا ميرل' ڪري سڏيندو هو.

ميرل فقير جي ڪل عمر 161 سال هئي. جڏهن ميرل هنباهه/ انباهه شريف ويو ته ٺيڪ ان وقت داتا فيض درياهه جي عمر 25 سالن جي الڳ ڀڳ هئي ۽ بابا ميرل جي عمر اٽڪل 93 سال هئي فيض درياهه بابا ميرل جي نهايت عزت ڪندو هو. فيض درياهه، بابا ميرل جي باري ۾ چوندو ته: "جيڪو به ميرل کي بابو ميرل نه چوندو، تنهن جي رزق مان ٽڪرو گهٽبو رهندو." ان ڪري فيض درياهه جي فقراء جو سالار ۽ اڳواڻ بابو ميرل هوندو هو. ميرل جي مزار ڪنڌڙيءَ لڳ آهي.

فيض درياهه سڄي عمر لوڙهي ۾ رهيو. لوڙهي کان ٻاهر پير نه پاتائين. آخري عمر تائين شادي نه ڪيائين ۽ مجرد ٿي گذاريائين. جنهن ڪري ڪيس وقت جو قلندر به سڏيو ويندو هو. ڦوهه جوانيءَ ۾ 45 ورهين جي ڄمار ۾ 14 شوال 1325 هجري (1907ع / 1908ع) ۾ وفات ڪيائين. هرسال 11 شوال کان وٺي 14 شوال تائين ٽي ڏينهن سندس درگاهه تي ميلو لڳندو آهي جنهن کي حضرت هنباهه يا فيض درياهه جو ميلو چوندا آهن.

تاج الشعراء، فخرالشعراء، خادم الفقراء ۽ هفت زبان شاعر، بيمثال اديب ۽ عالم علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ سال 1934ع تي فيض درياهه جو ڪلام سهيڙي ڪتابي صورت ۾ جمع ڪيو هو. جنهن جو نالو "اناالحق انت الحق هوالحق ثبت الحق، الله، رسالو داتا شاهه فيض درياهه" رکيو هئائين. جنهن جي تعريف هن طرح ڪندي لکي ٿو ته:

"هيءُ رسالو فيض جو پيالو حقيقت جو حوالو معرفت جو مقالو، جنهن جو مصنف جناب رشادت ماب قدسي خطاب ذي اڪتساب بالانتساب فالق حجاب سيد السادات رفيع الدرجات شفيع العرصات وارث دستار مالڪ خرقه ۽ برقعه پير پيران مير ميران غوث الاعظم دستگير محي الدين شيخ عبدالقادر جيلاني حسني حسيني ثم بغدادي سيد العاشقين سندالطالبين سراج السالڪين شمس العارفين قمرالواصلين نورالمتقين سرالساجدين زهرالزاهدين طور الڪالمين فائض فيض مصطفوي نور ديده مرتضوي لمعات الفقر فخري والفقرمني عالي جائيگاه بلند پائگاه فقر جي سند تي شاهه ڪج ڪلاهه حقيقت آگاهه الوهيت دستگاهه هويت نگاهه رندانه راهه عارف با الله مظهر الله سيد فيض الله فيض درياهه داتا فيض محمد شاهه قدس الله سره العزيز مالڪ درگاهه چڪ هانباهه، تعلقه سکر ضلع سکر ملڪ سنڌ."

علامه نجفيءَ سائين جيڪو فيض درياهه شاهه جو رسالو گڏ ڪيو آهي، سو ڪٿان ڪٿو، ڪٿان ڪا سو، ڪٿان رَتي ڪٿان ماسو ميڙي مقصد پيڙو وٽيو آهي. جنهن ۾ ڪل 101 ڪافيون سنڌي، سرائڪي ۽ فارسيءَ ۾ چيل آهن. فارسي ٻوليءَ جون 101 ڪافين مان چار ڪافيون آهن. 02 به غزل فارسيءَ ۾ آهن، جن کان پوءِ فراق نامون يوسف زليخا جي سُر تي آهي. بعد ۾ 13 جهولڻا سنڌي ٻوليءَ ۾ آهن. جهولڻن کان پوءِ 3 ڏوهيڙا ۽ بعد ۾ ٽي مڪتو بات هڪ روپ ڪنيات، هڪ روپ ڪوهياري ۽ هڪ روپ جوڳ ۾ آهي. علامه تارڪ، فيض درياهه شاهه جي ڪلام ڪٺي ڪرڻ جي باري ۾ لکيو آهي ته:

"فيض درياهه جو ڪلام هيستائين ڪنهن طالب يا مريد گڏ نه ڪيو هو، تنهنڪري هن مسڪين محمد هدايت علي فقير کي، سندس هن ڪلام گڏ ڪري ڇاپائڻ جو خيال دامنگير ٿيو، تنهنڪري سندس فقيرن وٽان جيڪو ڪلام حاصل ٿيو، سو هن رسالي ۾ درج ڪيو آهي. اميد ته رند مشرب ناظرين هي رسالو پڙهي خوش ٿيندا ۽ گڏ ڪندڙ کي دعا ڪندا."

نور احمد جنجهي

# ”سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا“ ۽ اشتياق انصاري جي تحقيق

سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا جهڙي املهه ڪتاب تي ويچار ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهرين ضروري آهي تہ تاريخ، سنڌ جي تاريخ ۽ اشتياق انصاريءَ جي تحقيق تي نظر وڌي وڃي، تہ جيئن جيئن ڪتاب جي اپياس جو حق ادا ٿي سگهي.

تاريخ، جنهن کي تواريخ، اتهاس يا هسٽري سڏيو وڃي ٿو انهيءَ لفظ جو مطلب سڀني زبانن ۾ لڳ ڀڳ هڪجهڙو آهي، جنهن جو مطلب آهي ماضي جي واقعات جو تٽ يا تاريخ وار احوال، مختلف واقعن ۽ وقوعن جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو ۽ سبب، تاريخ هڪ اهڙو فن آهي جنهن وسيلي قومن جي مزاج، طاقت، وهمن، گمانن، سخاوتن، ويڙهاند، رسڻ پرچڻ، زير ڪرڻ ۽ زبر ٿيڻ جي منظر ڪشي ڪئي ويندي آهي. ائين بہ چئي سگهجي ٿو تہ تاريخ قومن کي ماضيءَ جي تصوير ڏيکاري، مستقبل بابت جاڳوڙڻ جو ڏڳ ڏيکاريندڙ علم آهي. تاريخ لاءِ اهو عام تاثر آهي تہ اها بادشاهن جي احوال تي آڌارڪ هوندي آهي ۽ تاريخ صرف بادشاهن ۽ وڏن ماڻهن جي ٿئي ٿي. انهيءَ مان نظر اچي ٿو تہ تاريخ جي تصور جي ڪيئن نوڙ مروڙ ڪئي وئي آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو تاريخ جو صرف هڪ پاسو آهي جڏهن تہ باقي اڻ ڇهيل حصو وڏو آهي جنهن تي ڪم ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي يعني اهڙي طبقي جي بہ ڪا تاريخ ٿيندي آهي. تاريخ، سياست جو بنياد آهي ۽ سياست معاشري جو وڏي ۾ وڏو ادارو آهي جيڪو باقي ادارن تي حاوي آهي ۽ سمورا ادارا ان جي پيروي ڪن ٿا. تاريخ جو شعور قومن جي زندگيءَ ۾ رنگ ڀري، روح وجهي ٿو. تاريخ جو شعور مُرده قومن کي زنده بڻائي ڇڏي ٿو ۽ بيمار قومون چڱيون ڀليون ٿي پونديون آهن.

تاريخ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي ورجائيندي آهي، پر اها هميشہ اڳتي وڌندي رهندي آهي ڇاڪاڻ تہ تاريخ وقت جي اجهل ۽ اڙٻنگ ڪُميت تي سوار ٿي ڪونتل ڪُڏائيندي رهندي آهي، جنهن ۾ فل اسٽاپ جو ڪو تصور ئي ناهي. تنهنڪري شاهه سائين جي هيءَ




هدايت دل سان هنڊائڻي پوندي:

**ٽڪيئي ٽر ٽيل، ڇڙهه ڇڪيئي چوٽيين، هلندي**
**هوت پنهون ڏي، پئو مڙئي پيل،**
**اٿي رائو ريل، وينن تان واري وري.**

تنهنڪري هر قوم کي تاريخ جو شعور رکڻو پوندو، نہ تہ واري وري ويندي ۽ اها قوم پنهنجو وجود بہ برقرار نہ رکي سگهندي.

## سنڌ جي تاريخ جا ماخذ ۽ مسئلا:

سنڌ جي تاريخ جي شروعات چچ نامي جهڙن ڪتابن کان سمجهي ويندي آهي. عرب سياحن جا سفرناما ۽ سڪندر مقدونيءَ سان گڏ آيل لکارين جي لکتن جو احوال بہ سنڌ جي تاريخ بابت ابتدائي مواد مهيا ڪن ٿا يا وري ميرن جي دربار ۾ ڊاڪٽرن جي روپ ۾ آيل گورن جاسوسن جون رپورٽون ۽ ڊائريون بہ تاريخي حوالي طور ڳڻيون وينديون آهن. ان کان سواءِ مختلف دڙن ۽ ڀڙن جي کوٽائيءَ جا ٺڪرانا ۽ ڦوٽوڙا بہ وڏي تاريخي شاهدي آهن. انهن سڀني ڏين جي اوک ڊوک ۽ ڦلهور ڪجي ٿي تہ سنڌ جي سون ورني اتهاس جا ڪيئي گمنام گوشا نروار ٿين ٿا تہ گنڊگڏ ڪيئي ڪڙيون هڪٻئي سان ملنديل نظر ٿيون اچن جيتوڻيڪ اسان جي تاريخدانن انهن ڪڙين کي

انداز يعني ڪتابن تان ٽڪرن جا ٽڪرا اُتاري لکي ضخيم ڪتاب ٺاهڻ بجاءِ پنٺن ۽ پربتن، پٽن، ٽرن ۽ ٻرن کي جهاڳيو ۽ جنهجوڙيو آهي. جتي ٻه هو ويو آهي ان ماڳ جون ماپون وٺڻ سان گڏوگڏ تصويري تاريخ ٻه ڏني اٿس. تصويري تاريخ جي تمام وڏي اهميت آهي چو تہ تصويرن وسيلي وقت سان پيدا ٿيل تبديلين جو پيرو کڻي سگهجي ٿو. اشتياق انصاريءَ جي سموري تحقيقي جاکوڙ کي پڙهڻ جو ثواب ۽ شرف اسان کي ٻه حاصل آهي، محقق هر هڪ ڪتاب ۾ ڪوشش ڪئي آهي تہ انهي موضوع بابت وڌ کان وڌ معلومات پيش ڪندي، پنهنجي ڪا راءِ جوڙي. معلومات جي اهڙي ڀنڊار جو مثال سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا ٻه ڀاڱا ۽ گورک جي گسن گاهن گهرن ۽ ماڻهن بابت ڪتاب "گورک" چٽو ثبوت آهي. گورک ايترو تہ بهترين تحقيقي مواد آڇي ٿو جو مون ان کي انگريزي زبان ۾ اُلٿو ڪيو آهي. جيئن اهي محقق ۽ علم جا پارکو ٻه ان املهہ وٿ تائين پهچي سگهن جن جي پهچ سنڌي زبان تائين نہ آهي. اهڙي طرح اوڏن تي سندس ڪيل تحقيق "اوڏ مٽيءَ جا ڪوڏ" جو Style پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ائين سندس ٻيا ڪتاب "ووڙيم سڀ وٿاڻ" "خيما ڪاهوڙين"، "انيس انصاري"، "ڌرتي ماتا" ٻه معلومات جو ڀنڊار ۽ شاندار سرمايو آهن. انهن خوبين سان گڏوگڏ اشتياق، تحقيق ڪندي پنهنجي تحقيق ۾ انيڪ ۽ اڻ ڳڻيا نوان حوالا پڻ ڄاڻائي ٿو ۽ جڏهن انهن تي نظر ڦيرائجي ٿي تہ اشتياق جي هنن تحقيقي ڪتابن خصوصاً "ڪوٽ ۽ قلعا" ۽ "گورک" بابت انهن ڪتابن جي ضخامت جيترا ڪتاب لکي سگهن ٿا ۽ لکڻ گهرجن. جيئن سنڌ جو پڙهندڙ ڄاڻ جي اهڙي خزاني مان لاڀ پرائي سگهي. ڪيس خبر پوي تہ ڪوٽليا چاڻڪيا ڪير هو ۽ ان اشوڪ ۽ ٻين جي بادشاهن کي ڪيئن متاثر ڪيو. آرڪمديز ڪهڙا نہ شاندار اصول بيان ڪندي ماڻهن کي جيڪا واٽ ڏيکاري هئي. تنهن ڪيئن اڄ جي جديد بحري Transportation کي ناممڪن مان ممڪن جو روپ ڏنو. هنيبال ڪير هو؟ 215 ق.م ۾ سيراڪوس جي حملي ۾ ڪتب آندل سمبوڪي جهاز ڪهڙا هوندا هئا؟ تنهنڪري چئي سگهجي ٿو تہ اشتياق انصاري جنهن پاتار مان ڀيهي معلومات جي موتين جي ميڙا چوندي ڪندي، سنڌ کي جيڪي املهہ موتي آڇيا آهن، تن جي جيتري اوک ٻوک ڪبي اوتري انهن جي روشني وڌندي ۽ نت نيون راهون روشن ٿي پونديون.

**سنڌ جا ڪوٽ ۽ قلعا (جلد ٻيو):**

سنڌ جي 17 ڪوٽن ۽ قلعن جو احوال پيش ڪري ٿو. محقق قلعن جي ڪچ ماپ ڪندي انهن جي Design بابت اسڪيچ ڏنا آهن ۽ انهن ارڙهن ڪوٽن ۾ مشهور ڪوٽن سان گڏوگڏ اهي گمنام ڪوٽ ۾ شامل آهن جن نالو ٻه اسان مان ڪيترن ٿوريون دفعو ٻڌو يا پڙهيو هجي. هڪ شيءِ جڏهن هن ريت اپٽار سان سامهون اچي ٿي تہ پوءِ ان بابت وڌيڪ تحقيق لاءِ انيڪ دروازا کلي ٿا پون. اشتياق انصاري ڪوٽ ۽ قلعا جي ٻهرئين جلد ۾ 19 ڪوٽن جو احوال ڏنو آهي، ان ۾ ساڳي محنت ۽ جاکوڙ سان موضوع تي قلم کنيو آهي پر هي ٻيو جلد ڪوٽ تي ڪوٽ اهي جنهن ۾ ڪوٽن ۽ قلعن کي سمجهڻ لاءِ انهن جي پس منظر کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندي سنڌ جي تاريخ جي معلومات پيش ڪئي ويئي آهي. تنهنڪري بقول محمد ابراهيم جويي صاحب جي، هيءُ ڪتاب سرس ۽سوايو آهي. هن ڪتاب جي پيشڪش جو اندازو ٻه بهترين آهي ۽ ڪوشش ڪندي محقق هر قلعي جي بيهڪ جي GIS ٻه ڏني آهي جيئن ان جي ٺُهند جي تعين ڪري سگهجي ڇاڪاڻ تہ هيءَ تاريخي نشان آهستي آهستي ميساريا وڃن پيا ۽ ڪنهن وقت شايد ائين ڪتابن ۾ پڙهيا وڃن جيئن اڄ تعليمي نصاب ۾ Dinosaurs جو احوال پڙهايو وڃي ٿو.

جس لائق ۽ واکاڻ جي مستحق سنڌيڪا اڪيڊمي جنهن هيءُ علمي پورهيو پڙهندڙن تائين آندو. سنڌيڪا اڪيڊميءَ جي روح روان نور احمد ميمڻ کي انهي خدمت لاءِ جس ڏيڻ گهرجي جنهن جون سنڌي ڪتابن جي معياري ڇپائي لاءِ ڪوششون ڪنهن کان ٻه ڳجهيون ناهن.

ڄاڻ جي هن هيرن کاڻ کي ذري پُرزي پڙهڻ کان پوءِ آءٌ گذارش ڪندس تہ هن قسم جا ڪتاب تاريخ جا اساسي ڪتاب آهن ۽ اهڙن بنيادي ڪتابن ۾:

* تاريخي نالا ڄاڻائيندي اسان جا اڪثر محقق هڪ غلطي ڪن ٿا ۽ اها غلطي ڪين ورثي طور انگريزن جي لکيل تحريرن وسيلي ملي آهي ۽

جن جي اندر ۾ انصاف زنده آهي، سچ ته ڪوتا - ڪلمٽيءَ ڪي بهتر پڙهڻ/پرکڻ وارا اُهي ئي ڄاڻو پڙهندڙ آهن. چو جو بقول غلام نبي گل جي:

چاهه ليکڪ کي پڻ نه آ هوندي،
ڇا لکيو تُس ۽ ڇا اڃا لکندو!

اڄ، جڏهن هر ننڍو وڏو شاعر غزل تي طبع آزمائي پيو ڪري. تڏهن ايترن غزل گو شاعرن جي گهڻائيءَ ۾، پاڻ کي منفرد رکڻ، هر شاعر لاءِ هڪ گنڀير مسئلو آهي ٿي آهي. سڄي سنڌ کي ڇڏي ڪري، رڳو لاڙڪاڻي شهر جي غزليه شاعرن جي نئين پراڻي کيپ ڏانهن ئي ڏسبو ته واجد ناز/سعيد ميمڻ/وشال/جواد جعفري کان وٺي، رضا بخاري/ساجد سنڌي/پنهل/نويد ناز تائين، ڪيترائي انوکا ۽ پنهنجي پنهنجي رنگ ڍنگ وارا ڪلاڪار موجود آهن، اُتي غلام نبي گل کي بيحد خبرداريءَ ۽ ذميداريءَ سان پنهنجي غزل کي، روايتن ۽ همعصرن جي اثرن کان بچائي هلڻو پوندو ته جيئن هڪ ٻئي کان ٻئي دؤر پهچڻ باوجود به هُو پنهنجي الڳ ۽ نظر ايندڙ سڃاڻپ بَرقرار رکي. خدا کيس طويل عمر ۽ صحت بخشي جو هُو سنڌي ادب ۾ اهڙين نادر سٽن جي واڌاري جو سبب بڻيل رهي.

نظر تنهنجي غصي ۾ جيئن اُٿي آ،
اسان جي دل ڇدي وانگر ڇُٽي آ.

ڏسندي ڏسندي رنگ اندلٺ جا اکين ۾،
ڪيترا رنگن جي راهن ۾ رُلي پيا!

آ هڪڙو خواب ننڊ - ڇاٽيءَ ۾ اتريو،
ڇٽي ويندو اُهو ، هر خواب وانگر!

ڪجل پاتن اکين پورين جو حق آ،
اکين ڪارين ڪجل ڇالاءِ پاتو؟

اڄ عالم برزخ ۾ هلچل ڏسڻ ۾ آئي،
سڀ روح گڏجي آيل نئين روح سان ملن پيا.

مٿيان شعر پڙهي، دل بي اختيار جديد شاعريءَ جي غزل کي داد ڏئي ٿي. نه لفظن جي اجائي ڊيگهه، نه ٻوليءَ جو بگاڙ، نه ئي وري ڪو مونجهارو ٻنهي سادگيءَ ۽ عجب معصوميت سان روح جي ريتيءَ تي وڏڦڙي جهڙو احساس رکي ٿا وڃن. ڪجل پاتل پورين ۽ ڪارين اکين جو تفاوت، ڪيترو نه آسان طريقي سان سمجهه ۾ اچي ٿو جو ٻئي رنگ رتيون اکيون اڳيان ٿيون اچي وڃن. 'ننڊ - ڇاٽيءَ' جي مرڪب لفظ واري ترڪيب کي ساراهجي يا تخيل جي اڏار ڏانهن ڏسجي يا خواب ڇٽڻ واري الميي تي ماٺ سوچجي؟ غصيلي نگاهه جي ڪڇڻ کي، دل جي ڇدي ڇُٽڻ جي تشبيهه غلام نبي گل جي تخليق جي بلند پرواز ئي آهي.

روشنيءَ جا ته رنگ ست آهن،
تنهنجي رنگن جو ناهه اندازو.

غلام نبي گل جي رنگن ڪو به اندازو/ انت ڪونهي. هر ست رنگي روشنيءَ جو اندازو ڪرڻ ان ڪري به آسان ناهي هوندو جو هر رنگ ۾ انيڪ ٻيا رنگ هوندا آهن ۽ سيني رنگن تائين اڪيلي اک جو پهچڻ ناممڪن خواب آهي ٿي آهي. ڪجهه رنگ مون ڳوليا نه ڳوليا آهن. باقي رنگ پڙهندڙ جي دل جي نيڻن جي دستڪ چاهين ٿا.

مهراڻ

شبانہ سنڌي

# ايترو جلدي موڪلائيبو آهي ڇا...؟

## (نامور ليکڪا سنڌيا شاهہ جي وڇوڙي تي لکيل تاثر)

حضرت علي ﷺ جن جو قول آهي:
”جنهن ڏينهن تنهنجو وفادار دوست توکي ڇڏي هليو ويندو تہ سمجهي ڇڏ اُهو ڏينهن تنهنجي لاءِ اڌ قيامت جي برابر هوندو.“

7- مارچ وارو ڏينهن، مون لاءِ واقعي بہ قيامت برپا ڪندڙ ڏينهن هو، جڏهن بي ڪان اذائي جي وچ ڌاران مون کي سنڌيا شاهہ جي نمبر تان ميسيج مليو هو:

”سنڌيا شاهہ گذاري ويئي...“

مون سمجهيو هو ’سنڌيا‘ مون سان مذاق ٿي ڪري، مون کي ستائڻ جي لاءِ هُن اهڙو ميسيج ڪيو آهي.

صبح جو هن جا بہ ميسيج مليا هئا.

جن مان هڪ ۾ هُن وصيت ڪئي هئي تہ:

”منهنجا ڪتاب سنڌالاجي ۾ رکيا وڃن، هر صورت ۾ عمل ڪيو وڃي.“

اهڙا ميسيج هوءَ اڪثر ڪندي رهندي هئي.

مون هن سان ڳالهائڻ چاهيو هو، پر هن جا ٻئي نمبر بند پئي مليا، تڏهن مان گهبرائجي ويم.

”سنڌيا جا نمبر ڇو بند آهن؟“

اُهو پهريون ڀيرو هو جو مون کي ٻڌائڻ بنا هن پنهنجا نمبر بند ڪري ڇڏيا هئا.

نہ تہ جڏهن بہ هوءَ ائين ڪندي هئي تہ مون کي ٻڌائيندي هئي، جيئن مان پريشان نہ ٿيان.

وقفي وقفي سان هن جو نمبر ملائيندي رهيس.

ٻن ٽن ڪلاڪن پڄاڻان نيٺ نمبر لڳو، پر وري بہ ڪال رسيو نہ پئي ٿئي.

”سنڌيا، ڪال رسيو ڪر پليز...“

مون هن کي ميسيج ڪيو.

هڪڙو نہ الاءِ تہ ڪيترا ميسيج ڪيم، پر ڪوبہ جواب ڪونہ آيو.

ٿوري دير کان پوءِ ميسيج آيو:

”سنڌيا گذاري ويئي...“

سمجهيم سنڌيا مون سان مذاق ڪئي آهي.

ڪال ڪيم تہ هن جي ننڍي ڀيڻ فائزه روئندي روئندي چيو: ”دوستِ وَيوَ ادي...“

اُهي لفظ نہ هئا، هڪڙو ڌماڪو ٿيو هو، جنهن منهنجا حوصلا ختم ڪري ڇڏيا هئا.

جيڪي ٻڌم ان تہ اعتبار ڪونہ آيو.

اعتبار اچي بہ هان ڪيئن...؟

اجان ڪالهہ ئي تہ ڪچهري ڪئي هُئيسين، هوءَ بلڪل ٺيڪ هئي.

فائزه کي چيم: مون سان اهڙي مذاق نہ ڪر، سنڌيا کي ڏي تہ مان ڳالهايانس.

روئندي چيائين: ”اهڙي مذاق ٿيندي آهي ڇا؟“

هوءَ روئندي رهي ۽ مان چوندي رهيس:

”نہ فائزه، ائين نٿو ٿي سگهي، تون سڌ ڪر سنڌيا کي تہ اچي مون سان ڳالهائي، سڌ چو نٿي ڪرينس تون.

ٻڌائينس چو ڪانہ ٿي، چوينس تہ اچي مون سان ڳالهائي“

ڪال ڪٽجي وئي.

ڪارڻ به.

هڪبئي جي لکڻين جون سٽيون پڙهندڙ به ته، سٽيون صلاحون ڏيندڙ به.

”ڇا پئي ڪرين؟ ڇا پئي لکين... ڇا پئي پڙهين؟

فلاڻو رسالو ورتو اٿئي؟ ان ۾ فلاڻي لکڻي پڙهي اٿئي؟

ڇا راءِ آهي تنهنجي ان بابت...؟“

اُهائي شروعات هوندي هئي اسان جي ڪچهري جي.

هاڻي مان ڪنهن سان ڪچهري ڪنديس.

دل ٿي چوي دانهون ڪريان، رڙيون ڪري روئان. ڪيئن به ڪري هن کي واپس ورايان.

ڏوراپو ڏيانس ته، ويندي ويندي موڪلايون ته وڃين ها، آخري ڪچهري ته ڪيو وڃين ها، جيڪي دل ۾ هيئي حال اوريون وڃين ها.

ايترو ته سوچين ها، توکان پوءِ تنهنجي هيءَ دوستِ ڪيئن جيئندي. ڪيئن برداشت ڪندي تنهنجو وڇوڙو.

سنڌيا، هاڻي ته ڏينهن به وڏا ٿيندا پيا وڃن، هاڻ ته پنهنجون ڏکيون ڪچهريون ٿين ها.

اجان هاڻي ته تو خواب ڏسڻ شروع ڪيا هئا.

تو ٻوليءَ جي لاءِ جيئڻ ۽ مرڻ ٿي چاهيو، تنهنجا حوصلا ڪيڏا بلند هئا.

اَٽل ارادن واري سنڌيا، تو ته گهڻو ڪجهه ڪرڻ پئي چاهيو، تون لاوارث ۽ بيواهه عورتن جي فلاح و بهبود ۽ مالي سهائتا لاءِ ڪهڙا ڪهڙا پروگرام ناهيا هئا.

توکي زندگيءَ سان ڪيڏو پيار هو، اها مون کي خبر آهي، تو ان لاءِ ڇا ڇا نه ڪيو.

اُهو مون کان وڌيڪ ڪير ڄاڻي سگهي ٿو ڀلا.

پر زندگي بي وفا آهي، زندگيءَ توسان به وفا نه ڪئي.

موت کي موقعو ملي ويو.

سنڌيا، دوستيءَ ۾ ائين ٿيندو آهي ڇا؟

توکي خبر هئي ته مان دل جي ڪيڏي ڪمزور آهيان.

پوءِ به تون پنهنجي وڇوڙي جو هيڏو وڏو صدمو ڏيئي وئينءَ.

هاڻي توکي مان ڇا چوان...؟

تون منهنجي ڪنهن ڳالهه جو جواب ئي ڪٿي ٿي ڏين هاڻي.

ايتري ڏکي ماٺ... ايڏي ڏکي موڪلاڻي...

ياخدايا! مون کي حوصلو ڏي ته مان اُهو ڏک، اهو وڇوڙو برداشت ڪري سگهان.

وفات کان هڪ ڏينهن پهرين سنڌيا هڪڙو ميسيج ڪيو هو.

سنڌيا! اڄ دل ٿي چوي ته مان تنهنجون ڪهاڻيون پڙهندڙن کي، پسند ڪندڙن کي تنهنجو اُهو ميسيج، جنهن ۾ هڪڙو پيغام به آهي ته موڪلاڻي به، پڙهي ٻڌايان:

”موت هڪ ڏينهن اسان کي به نه ڇڏيندو. ان کان پوءِ ماڻهو ايندا، اسان جي جنازي نماز ٿيندي، ۽ پوءِ دفن ڪري هليا ويندا، هاڻي قيامت تائين اسان هونداسين ۽ اسان جي قبر! قبر جي روشني نماز آهي، تنهنڪري نماز جي پابندي ڪريو، نماز پابندي سان پڙهو.

(سنڌيا شاهه)

6- مارچ 2012ع

"01:16:20

طبعيت جي، ملاحن جون سڀ گهرجون پوريون ڪري، ان چوڪريءَ جي شادي مير عبدالحسين خان سان ڪرائيائين. ان بعد گورنمينٽ ڪان گرانٽ منظور ڪرائي، پاٽتي ڪي بنگلو جوڙائي ڏنائين. پاڻ جنهن بہ محفل ۾ وهندو هو، چاهي ادبي محفل هجي يا گورنر سان ملاقات، سانگي ڪي هميشہ پاڻ سان گڏ رکندو هو.

مير حسن علي خان، نهايت ئي ملنسار ۽ پيار ڪندڙ انسان هو، ڪيس ڪنهن بہ قسم جو تڪبر نہ هوندو هو. صورت جو موچارو، قداور، رنگ گورو، وڏيون ڪاريون اکيون، پيٽ اندر، جسم درمياني، سينو ڪشادو، وار گهاٽا ۽ گهرا ڪارا، ڪليل پيشاني، ڪڙو نڪ، چپ سنها، اکين مان هميشہ غور ۽ فڪر جو احساس ٿمندي نظر ايندو هو. سنڌ ۾ موٽي اچڻ بعد بہ انگريز ڪامورا وٽس ايندا هئا تہ انهن جي تواضع پنهنجي روايتي انداز سان ڪندو هو. لباس هميشہ نفيس، يعني ململ جو سنهو ڪڙتو ۽ مٿس بخمل جو سون ۽ چانديءَ جي تارن سان مڙهيل زريءَ جو ڪوٽ پائيندو هو. اهي سمورا ڪوٽ ٽوپيون ۽ ٻيا ڪپڙا وغيره اڄ بہ سندس اولاد وٽ موجود آهن. انهن ڪوٽن ۾ زمرد ۽ ياقوت جا ٻيڙا لڳل آهن. مير صاحب دولت جي لحاظ ڪان سموري خاندان ۾ خوشحال هو، پر دنيا ڇڏڻ ڪان اڳ پنهنجي ملڪيت جو وارث ڪنهن کي بہ نہ ڪري ويو، جنهن ڪري سندس ملڪيت تي خاندان ۾ جهيڙو شروع ٿيو.

مير حسن علي خان سنڌ جو برک عالم، اديب ۽ شاعر هو. مرثيہ گوئيءَ ۾ يگانو هو. هڪ تہ علم و ادب ڪيس ورثي ۾ مليو، ٻيو تہ وري قابل استادن جي تربيت، جن ڪيس ادب جي آسمان تي هميشہ لاءِ چمڪائي ڇڏيو. شعر ۾ تقريباً سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس، جيئن تہ مثنوي، مخمس، مسدس وغيره. سندس ڪلام جو موضوع مدحيہ آهي، جنهن ۾ مناقب، مداحون، مناجاتون، مرثيا، سلام، نعت وغيره شامل آهن. وٽس هميشہ ادبي محفلون لڳنديون هيون. جن ۾ بلند پايہ شاعر موجود هوندا هئا. پاڻ پنهنجي شعر جي اصلاح بہ ڪنهن ڪان نہ ڪرايائين. ان مان محسوس ٿئي ٿو تہ خداداد صلاحيتن جو مالڪ هو. مير صاحب بهترين خوشخط پڻ هو، جنهن ڪري سندس ڪلام جا اڪثر مسودا سندس ئي هٿ اکرين آهن ۽ سندس تصنيفون بہ تمام گهڻيون آهن، جن مان "شاهنامو يا فتحنامو يا ڪلهوڙن جي هار" مثنوي بہ هڪ آهي.

آخر اهو ڏينهن بہ آيو، جڏهن هيءُ علم و ادب جو آفتاب دنيا جون محفلون ڇڏي 15 ذي الحج سن 1284هہ، اربعا جي ڏينهن پنهنجن جو هميشہ لاءِ غروب ٿي ويو. ميرزا قربان علي بيگ سندس وفات تي هيٺين قطع تاريخ چئي:

روح الامين جو پهتو هيءُ پيغام خلد ۾،
آيو امير سنڌ خوش انجام خلد ۾.

مداح اهلبيت محمد حسن علي،
مداحي جو وٽي هليو انعام خلد ۾.

حسان اهلبيت جو هيءُ مرتبو ٿيو.
نهرن لبن مان ان کي مليو جام خلد ۾.

ابن امير مير محمد نصير خان،
آيو بہ لطف رب ذوالڪرام خلد ۾.

فخرالملوڪ ظلِ الهيٰ حسن علي،
مداح اهلبيت خوش انجام خلد ۾.

تصنيف حملہ حيدري مختار نامو ڪئين،
ٿيندس عطا خدا ڪان تہ انعام خلد ۾.

تصنيف مرثيہ جي ڪيا مير لاجواب،
ٿيو ذڪر جو پڻ سحر و شام خلد ۾.

مسند ٿي خالي اڄ وئي شعر و سخن سندي،
سلطان ويو سخن جو نڪو نام خلد ۾.

"قربان" ندا ڏئي ٿو چوي هاتف اچي ويو،
با احتشام حجت الاسلام خلد ۾.

1324هہ

مير حسن علي خان جي وصيت هئي ته کيس ڪربلا معليٰ ۾ دفن ڪيو وڃي، ان ڪري سندس لاش کي امانت طور سندس ئي بنگلي جي هڪڙي ڪمري ۾ امانت طور دفن ڪيو ويو. 19 ربيع الثاني 1330ھ/ 8 اپريل 1912ع جي مير حاجي مير نور محمد خان (ثاني) جي حڪم سان، مير حسن علي خان جو لاش ڪڍائي، ڇهن گهوڙي واري گاڏي تي رکي حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي آڻائي، اسپيشل ٽرين ذريعي ڪراچي آندو ويو جتان دوارڪا جهاز ۾ لاش رکائي ڪربلا معليٰ ڏانهن روانو ٿيو. بصري ۾ پهچڻ کان پوءِ هيءُ قافلو ڪاظمين پهتو. جتان وري ڪربلا ڏانهن روانو ٿيو. ڪربلا ۾ مير صاحب کي حضرت امام حسين عليه السلام جي پيرانديءَ کان هڪ حجرو خريد ڪري 9 مئي 1912ع خميس جي ڏينهن دفن ڪيو ويو.

مير حسن علي خان ٽالپر "سنڌ جو فتحنامو يا شاهنامو عرف ڪلهوڙن جي هار" مثنوي جي صنف ۾ چيو آهي. سنڌي نظم ۾ جوڙيل هيءُ رزميہ مثنوي، فارسيءَ جي مشهور شاعر "فردوسي" جي شاهنامي جي طرز تي جوڙيل آهي. سنڌي ادب ۾ هيءُ مثنوي زبان ۾ رزميہ مثنوي جو هڪ بهترين شاهڪار آهي. سنڌي ادب ۾ هيءُ مثنوي وڏي وٺ واري آهي. سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد، هن مثنوي جو اقتباس سن 1938ع ۾ شايع ڪرايو ۽ ٻيو ڇاپو سن 1952ع ۾ ڇپيو. مرحوم غلام نبي محمد وريل هن مثنوي کي ايڊٽ ڪيو. هن ڇپيل اقتباس ۾ انيڪ غلطيون رهجي ويون آهن.

هن مثنوي جو مڪمل قلمي نسخو، ميرزا قربان علي بيگ ڪربلائي جو ڪتابت ڪيل هو، سو راقم کي سنڌ جي نامور تاريخدان ۽ محقق ميرزا عباس علي بيگ وٽان، فوٽو ڪاپي جي صورت ۾ دستياب ٿيو.

**"مثنوي" جي لغوي معنيٰ:**

مثنوي، "ثَنِيہ" مان نڪتل آهي، يعني ٻن هم قافيہ مصراعن جي هڪ بند وارو ڊگهو يا طويل نظم. هن جو هر هڪ شعر الڳ الڳ هوندو آهي پر تسلسل برقرار هوندو آهي، جنهن ڪري سڄي مثنوي هڪ قافيي تي نہ هوندي آهي ۽ هر هڪ شعر جون ٻہ مصراعون پاڻ ۾ هم قافيہ ٿينديون آهن. هن ۾ قصا، ڪهاڻيون ۽ رزميہ داستان بيان ڪيا ويندا آهن. مثنوي جا مخصوص بحر ۽ وزن ٿين ٿا. مثنوي هڪ اهڙي صنف آهي، جنهن تي ڪيترن ئي سنڌ جي شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي.

رزميہ، فارسي زبان جي لفظ "رزم" (جنگ) مان ورتل آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي- جنگي داستان. اصطلاحي زبان ۾ بهادري يا جان نثاريءَ جي ڪارنامن کي 'رزميہ' چئبو آهي. ادب ۾ رزميہ شاعري، پنهنجو هڪ الڳ مقام رکي ٿي. انهيءَ لاءِ منجهس بهادريءَ جا ڪارناما نهايت پر اثر ۽ جذبات سان بيان ڪيل هوندا آهن.

هونئن ته سنڌ جو شاهنامو هڪ رزميہ مثنوي آهي، پر هن ۾ جنگ وجدل کان سواءِ ايترا ته ڍار ڍار عنوان موجود آهن، جو هر شخص جي طبعيت جي ذوق جو سامان مهيا ڪن ٿا. شاهنامي ۾ مير صاحب فتح ڳڙهہ عرف نئون ڪوٽ ۽ اسلام ڪوٽ جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

نئون ڪوٽ هن ڏينهن جنهن کي چون،
اهو فتح ڳڙهہ قلعہ ٿيو ٻي سخن.

ٻيو اسلام ڳڙهہ مير جو يادگار،
جڙيا ٿر ۾ هيءُ ڪوٽ ٻئي استوار.

هڪ هنڌ مير فتح نامي ۾ قسمت متعلق فرمائي ٿو:

جڏهن بخت برگشتگيءَ کان ڦِرو،
ڦِٽل بخت ورندي وري ڪنهن ڏِنو.

فتح نامہ سنڌ، رزميہ داستان جي سلسلي ۾، سنڌيءَ ۾ غالباً هيءُ پهريون مجموعو آهي، جيڪو ڪلهوڙن جي آخري دور کان شروع ٿئي ٿو ۽ ميرن جي پهرين چوياري جي چوٿين حاڪم مير مراد علي خان ٽالپر تي ختم ٿئي ٿو. هن فتحنامي ۾ مير حسن علي خان ٽالپر اهڙا ته واقعا بيان ڪيا آهن، جيڪي پهرين ڇپيل فارسي جي ٻن فتحنامن ۾ بيان ڪيل ناهن، انهن پهرين ٻن فتحنامن متعلق مير صاحب لکيو آهي

پيش ته ڪندا هئا، نه دل جي درد ڪي، دردِ دل چوندا هئا.
اهو فارسي شاعريءَ جو اثر هو جو سنڌي شاعرن، ايراني شاعرن جي تقليد ۾ زير اضافت جو استعمال شروع ڪيو. خاص طور هن مثنوي ۾ مير صاحب زيرِ اضافت کي ڪثرت سان استعمال ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ ان جا ٻه ڪارڻ آهن، هڪ ته فارسي شاعري جي مطالعي سبب فارسي تشبيهن، استعارن، ترڪيبن، لفظن ۽ محاورن جو مير صاحب جي دماغ تي حاوي هجڻ ۽ ٻيو عروضي وزنن تي خيالن کي بيان ڪرڻ ۾ آساني ڪرڻ. هن مثنوي ۾ زيرِ اضافت جا چند مثال هيٺ ڏجن ٿا:

فقط ربع سڪون ٿا جنهن کي چون،
سو آباد جنهن ۾ ٿا ماڻهو رهن.
رسيو ظلم تن جو بحدِ ڪمال،
وڏو صاحبِ هوش عقل و تميز.
جو هو وقت پنهنجي ۾ هر دلعزيز،
غلام محمد لغاري ٽيون
لکيو شادمان چوٽين جو نان ٽيو

مير حسن علي خان جو دور ايترو ته فارسي زده ڏسڻ ۾ اچي ٿو جو هن جي سموري مثنوي ۾ نه صرف فارسي لفظن جي ڀرمار آهي، بلڪ انهيءَ چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته هن مثنوي جا انيڪ بيت اهڙا آهن، جن ۾ فارسي ٻولي وڌيڪ ۽ سنڌيءَ ٻولي جا لفظ تمام گهٽ نظر اچي ۽ هيئن چوڻ بيجا نه ٿيندو ته ان دور ۾ فارسي آميز زبان وڌيڪ شاعرانه ليکي ويندي هئي ۽ ميرن بلڪ ٻين شاعرن جي ميڙاڪن، ڪچهرين ۽ مشاعرن ۾ تمام گهڻي پسند ڪئي ويندي هئي. هن مثنوي ۾ به مير صاحب اهڙي زبان استعمال ڪئي آهي، جن جا فعل يا ڪي لفظ سنڌي آهن، جيڪي ٻڌائن ٿا ته هي شعر سنڌي آهي. ورنه انهن کي فارسي چوڻ وڌيڪ موزون ٿيندو. جيئن هن مثنوي جي هيٺين بيتن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو:

الهيٰ باسمائي حسنائي تو،
خدايا بنعمائي والائي تو.

به عرش و به ڪرسي به لوح و قلم،
به بخشائي برمن ڪه بس عاجزم.

به مروه به ڪوهِ صفا اي ڪريم،
به زمزم به رڪن و مقام و حطيم.

به شان و شڪوه انبيائي عظام،
به آدم نبي تا به خير الانام.

هونئن ته سنڌ جو شاهنامو، هڪ رزميه مثنوي آهي، پر هن ۾ جنگ و جدل کان سواءِ ايترا ته ڌار ڌار عنوان موجود آهن، جو هر شخص جي طبعيت جي ذوق جو سامان مهيا ڪن ٿا. شاهنامي جا چند اهم مطلب هن طرح بيان ڪجن ٿا. مير صاحب، انسانن جي خلقت بعد، انهن جي گذر بسر بابت فرمائي ٿو ته:

تڏهن ويهي ڪيئون پاڻ مشورته
ته گذران جي ڪا ڪجي تمشيت.

ميسر تڏهن ٿي غذاو طعام،
زراعت جو جڏ پهرين ٿي اهتمام.

زراعت جو بالفرض ڪم ٿيو تمام،
پوءِ ڏس تون ڪندين ڪئين مرتب طعام.

جڏهن ابوالبشر کي به امرِ خدا،
سيکاريئون ٿي ڪيئن ٿيندي پخته غذا.

ڪيا بروقت روح الامين ڪم هزار،
پڇي هڪڙي ماني تڏهن ٿي تيار.

جتي به قدرتي مناظر پيش آيا آهن ته اهڙيءَ موقلم سان تصوير يا نظر ڪشي ڪئي اٿس جو گويا سارو منظر هوبهو اکين جي سامهون اچي بيهي ٿو. سج، چنڊ ۽ تارن جو مير صاحب ذڪر هن طرح ٿو ڪري:

ڪئين پنهنجي قدرت سان روشن جهان،
جيئن سج سان تيئن چنڊ سان ۽ سيارگان.

سجو ڏينهن سج ٿو رهي بر فلڪ،
تہ روشن رهي از سماتا سمڪ.

مدامي رکي سج ڪي جي بر فلڪ،
ڪيئن صاف ساڙي زمين تا سمڪ.

نہ وڻ ڪو رهي ها نہ برگ و گياهہ،
نباتات ساڙي ڪري ها تباهہ.

جي ڪي ڏينهن سج ڪي ڪري ها نهان،
تہ ظاهر نہ ٿي برسر آسمان.

زمانو ٿي جيئن رات تاريڪ و تار،
ٿي ابتر ها دنيا سندي ڪاروبار.

هڪ قادر الڪلام شاعر وانگر مير صاحب صنايع ۽ بدايع مان خصوصاً تشبيهہ ۽ استعاري جي استعمال ڪرڻ جو بادشاهہ آهي. مزو وري اهو جو خالص ايراني ماحول سان متعلق تشبيهون ۽ استعارا ڪم آڻي ٿو. اگر سنڌي ماحول سان متعلق ڪا تشبيهہ نٿي مليس تہ پوءِ قدرتي ماحول طرف رجوع ٿئي ٿو، ۽ سجو شاهنامو اهڙين تشبيهن ۽ استعارن جي رنگن سان ڀريو پيو آهي.

فتح نامي کي اگر ”انساني جذبات جو آئينو“ سڏجي تہ بلڪل بجا ٿيندو. گهڻن ئي هنڌن تي، مير صاحب پنهنجي قلم فردوس رقم کي ٽوڙي انساني جذبات جو عڪس ڪمال نموني ۾ پيش ڪيو آهي:

اڳيان مير فتح علي نامور
هليا پُٺ ۾ پيا مير ٻاڪرو فر
انهن ۾ هو هڪ مير سهراب خان
ٻيو ٺارو ۽ ٻاگو الهيار خان
ٿيو لشڪر ۾ پيدا وڏو شورو شر
ڪندا داد پوئن کي زيرو زبر
وڙهڻ ڪان سواءِ ٻي ڪا وائي نہ هئي
ها صادق سچا خود نمائي نہ هئي

چيوُن ٿي تہ سچ ٿا چئون ناهي خلاف
نہ مڙنداسون دشمن جي هئي ڪوهہ قاف
سڀئي شير دل آهيون سڀ پيل زور
اسان جي ڏٺي چشم اعدا ٿي ڪور
مقابل جڏهن ٿيون بلشتِ قتال
بچي ڪون ويندو ز اهلِ ظلال
اسين جنگ جا آهيون سڀ شير مرد
ٿا دشمن ڪي ڇاٽون بزو گو سفند
مقابل جي ٿينداسون باهم دِگر
تڏهن پوندي مردانگيءَ جي خبر

مير صاحب، فتح نامي ۾ جيڪڏهن ڪو قصو بيان ڪري ٿو تہ نهايت قابليت ۽ حاضر دماغي سان مواد جو جائزو وٺي، ان کي ترتيب ڏي ٿو. اهڙي مرتب ڪيل مواد کي نہ رڳو صحيح طور استعمال ڪري ٿو، پر ان کي مناسب ترتيب ۾ رکي ٿو. مواد ۾ آندل ننڍا قصا، نقل، حاصل مطلب ۽ حڪايتون موزون هنڌن تي رکي ٿو. پڙهندڙن جي جذبات تي جابجا اثر انداز ٿيندو وڃي مثنوي جي پڄاڻيءَ تي پهچي ٿو.

هر هجري جو ٻارهن سوءِ ڇهل چار،
چڙهي ڪرم علي دار ناپائدار،
ڪيئن حڪمراني اناويهہ سال،
رهيو پاءُ سان متفق ڪلِ حال،
هتي فتح نامي کي مون ڪيو تمام،
بس اڳتي حسن خير گهر والسلام،

سنڌ جي ڪيترن ئي نقادن، ادب شناسن ۽ پارکن هن مثنوي جي ڪن ڪمزورين جي نشاندهي ڪئي آهي، تہ اتي هن جي مختلف پهلوئن تي بہ ڀرپور تنقيد ڪئي آهي. هنن ۾ پهريون اعتراض هن مثنوي ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ تي آهي. انهن گوهر شناسن جو اهو رايو آهي تہ، هن مثنوي ۾ جيڪا ٻولي ڪتب آندي وئي آهي، اها سنڌي گهٽ ۽ فارسي وڌيڪ آهي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو آهي جو عام رواجي ماڻهو ڇا پر چڱو پڙهيل بہ لغت جي ورقن ورائڻ کان سواءِ هن مثنوي کي سمجهي نہ ٿو سگهي. اهوئي سبب آهي جو هي مثنوي عوام جي دلين ۾ ديرو ڄمائي نہ سگهي ۽ ڪم خاص تاريخدانن تائين محدود رهجي وئي، جيڪي سنڌي سان گڏ فارسي ٻوليءَ جا بہ ڄاڻو آهن. هن مثنوي تي ٻيو

ميرزا دبير

# علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جا ڇپايل ٻہ نوان ڪتاب

واديءِ مهراڻ شروع کان ئي علم و ادب جو مرڪز رهندي پئي اچي. هِن ڌرتيءَ پيٽان ڪيترن ئي اعليٰ پايي جي عالمن، مفڪرن، محققن، شاعرن ۽ اولياء ڪرام جنم وٺي علم و ادب جي خدمت ڪئي ۽ عوام کي علم جهڙي اٿاهہ خزاني سان مالا مال ڪري علم جي جوت کي روشن ڪيو ۽ پاڻ کي هميشہ امر بنائي ڇڏيو.

اهڙن امر شخصيتن مان عالمن جو آفتاب علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب بہ هڪ هو، جيڪو پنهنجي دور جو نامور عالم، فاضل، مفسر، سيرت نگار، محدث ۽ استاد ٿي گذريو آهي. سندن علمي شهرت ۽ فضيلت کان هر باشعور ماڻهو چڱي ريت واقف آهي.

قاسمي صاحب جي علمي، ادبي ۽ مذهبي خدمتن کي ساراهيندي، سنڌ يونيورسٽي جي ڏهوڪي وائيس چانسيلر جناب مظهر الحق صديقي سنڌ يونيورسٽي ۾ 'علامہ غلام مصطفي قاسمي چيئر' قائم ڪئي. جنهن جو ڊائريڪٽر سنڌي شعبي جي سينئر استاد ڊاڪٽر قاضي خادم کي مقرر ڪيو ويو. جنهن مختصر عرصي دوران قاسمي صاحب جي تصانيف مان ايڻو شان شعور، قرآن حڪيم جون خصوصيتون، شذرات (ٻي جلد) ۽ سندن شخصيت ۽ همعصر عالمن، مؤرخن، اديبن ۽ صحافين تي لکيل سنڌ جي نامور مقالا نگارن جا مقالا ۽ مضمون ڪتابي صورت ۾ چيئر طرفان شايع ڪرائي شائقين علم و ادب جي هٿن تائين پهچايا آهن، جيڪو يقيناً قابلِ تعريف ڪم آهي.

**'علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي: سوانح ۽ علمي ڪاوشون'** چيئر جو ڏهون ڪتاب آهي، جنهن ۾ ويهين صديءَ جي هِن عظيم عالم جي گهڻ رخي شخصيت تي مختلف پهلوئن کان روشني وڌي وئي آهي، سندس علمي ڪاوشن ۽ همعصر عالمن ۽ شاگردن جو ذڪر بہ يڪجا ڪيو ويو آهي. جنهن کي ڊاڪٽر قاضي خادم صاحب وڏي محنت سان ترتيب



ڏئي ڪتابي صورت ۾ آٽي اداري طرفان شايع ڪرايو آهي، جو ڊيمي سائيز ۾ ڇپيل فور ڪلر ٽائيٽل ۽ پڪي بائينڊنگ سان 192 صفحن تي مشتمل آهي. ڪتاب جي قيمت 200 رپيا آهي.

ڪتاب جي پيش لفظ ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي لکي ٿو:

> "سنڌ جي مردم خيز سرزمين ڪيڏا نہ عظيم انسان پيدا ڪيا آهن، جن بنا ڪنهن نالي ۽ شهرت جي شوق جي علم جي جوت کي جلائي رکيو آهي. خاص ڪري مذهبي ۽ تاريخي علوم ۾ هنن جي مهارت قابلِ رشڪ آهي. هنن جي تحقيق جو انداز ڏسي ڪير بہ اهو نہ ٿو چئي سگهي تہ مشرقي عالم جديد مغربي تحقيق جي فن کان اڻ واقف آهن يا هنن کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ آهن. نہ صرف ايترو پر هنن جي لکڻين مان سندن تحقيق ۾ 'Independent' ۽ 'Impartial' هجڻ جو بہ شايد احساس ٿئي ٿو." (ص:05)

اِها هڪ حقيقت آهي! اهڙن عظيم انسانن مان قاسمي صاحب بہ هڪ هو، جنهن جون قرآن

شناسي، سيرت نگاري، حديث، تحقيق ۽ لطيفيات جي حوالي سان ڪيل خدمتون قابلِ داد آهن.

ڪتاب 'علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي: سوانح ۽ علمي ڪاوشون' ۾ ابو رضوان عبداللطيف، عبدالوهاب چاچڙ، ڊاڪٽر عبدالقادر چاچڙ، پروفيسر اسرار احمد، حافظ غلام مصطفيٰ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر محمد ادريس السندي، محمد انس راڄپر، ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو ۽ پروفيسر اعجاز قريشي جا تحقيقي مضمون شامل آهن. جن ۾ قاسمي صاحب جي شخصيت ۽ تصنيف و تاليف کي نمايان انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

اسين جڏهن برصغير جي علم و ادب جي تاريخ تي نظر وجهون ٿا، تڏهن اسان کي جنهن ڌرتيءَ جو علم و ادب ڪَرَ کنيو بيٺو نظر ٿو اچي، سا سنڌ جي پويتر ڌرتي آهي ۽ قاسمي صاحب جهڙي عظيم عالم جو هِن ڌرتيءَ تي جنم وٺڻ اسان لاءِ باعثِ فخر آهي.

... ۽ اجهو، تازو ئي چيئر طرفان پارهون ڪتاب 'مقالاتِ سرفراز' ڇپجي پڌرو ٿيو آهي. جنهن ۾ سنڌ جي هڪ ڪهنہ مشق عالم، استاد ۽ علم و ادب جي خدمتگار پروفيسر ڊاڪٽر سرفراز احمد پٺاڻ جا 03 سنڌي ۽ 05 انگريزيءَ ۾ لکيل تحقيقي مقالا ڏنل آهن. جن کي چيئر جي سيڪريٽري ۽ سنڌي شعبي جي ۽ منهنجي قابل صد احترام استاد ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙي صاحب وڏي محنت سان ترتيب ڏئي ڪتابي صورت ۾ آڻي اداري طرفان شايع ڪرايو آهي، جو ڊيمي سائيز ۾ ڇپيل ديده زيب ٽائيٽل ۽ پڪي بائينڊنگ سان 112 صفحن تي مشتمل آهي. ڪتاب جي قيمت 130 رپيا آهي.



ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب جي شخصيت ۽ سندن علمي ادبي خدمتن تي ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو ۽ ڊاڪٽر ثناءالله ڀُٽي جا لکيل سوانحي مضمون پڻ شامل آهن جيڪي ڊاڪٽر صاحب جي درس و تدريس ۽ ادبي خدمتن جي چڱي عڪاسي ڪن ٿا.

ڊاڪٽر صاحب 1958ع کان لکڻ جو آغاز ڪيو ۽ سندن پسنديده موضوع تاريخ رهيو. پاڻ سنڌ جي ماضيءَ جي باري ۾ مستند مواد سان واسطو رکندڙ نئين تحقيق جي روشنيءَ ۾ جيڪي تحقيقي مقالا لکيا آهن، تن ۾ عربي ۽ فارسي ماخذن جا حوالا ڏنل آهن. ڊاڪٽر انور فگار صاحب سندن تحقيق جو اندازِ بيان ڪندي لکي ٿو:

"تحقيق ۽ تجسس ۾ پاڻ ان جي علمي روايتن جي پابندي ۽ پيروي ڪرڻ تي ڪاربند رهندا آيا. جيستائين اصل ماخذن جو مطالعو نہ ڪندا، تيستائين ثانوي سورس موجب ڪنهن بہ بيان يا روايت تي يقين نہ ڪندا. چوندا هئا تہ "پوءِ ريسرچ جو مفهوم تہ فوت ٿي ويو، باقي بچيو ڇا؟" (ص:22)

سنڌ جي هِن نامياري محقق جي علمي ذوق جو اندازو تہ پڙهندڙ سندس تحقيقي مقالن ئي مان لڳائي ٿا سگهن، جن ۾ سنڌ جي تاريخ جي ڪيترن ئي پلن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. جنهن ڏس ۾ سندن هڪ اهم مقالو "بدين ضلعي جون بہ مشهور قومون (جت ۽ ملاح)" آهي، جنهن ۾ پاڻ هن قومن جي اصليت، علم الانساب جي حوالن سان بيان ڪئي آهي.

ان کان علاوه سندن بہ مقالا 'قديم سنڌ جو مختصر تاريخي جائزو' ۽ 'سنڌ ۾ اسماعيلي حڪومت جو مختصر جائزو' ۽ انگريزيءَ ۾ لکيل مقالن ۾ پڻ تاريخي حقائق جي روشنيءَ ۾ سنڌ جي اهم گوشن کي نمايان ڪري نروار ڪيو ويو آهي. اِهي مقالا سنڌ جي تاريخ لاءِ اڪٽ ۽ عظيم الشان سرمايو آهن.

جس لهڻي قاضي خادم صاحب ۽ ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو صاحب! جن ههڙي برک عالم جي لکيل تحقيقي مقالن کي ڪتابي صورت ۾ آڻي، پاڻ ملهايو آهي.

جو تعلق شاعريءَ جي شعبي سان آهي تہ انهن کي اجا وڌيڪ پراثر انداز ۾ پيش ڪرڻ جي حوالي سان سنڌن شاعريءَ مان چونڊ شاعري پڻ پيش ڪئي آهي. جيئن شيخ اياز تي لکيل خاڪي ۾ سنڌس شاعري مان ئي هڪ شعر سنڌس شخصيت کي نروار ڪرڻ جي لاءِ لکيو ويو آهي تہ:

ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿا
گهايل ڌرتيءَ جي سيني تي
اهڙي گهري چيخ ٿين ٿا
جا هر ڪنهن کي جاڳائي ٿي
جا دنيا کي بدلائي ٿي.

رضوان گل جي لکڻ جو انداز ئي نرالو آهي جيڪو انتهائي سولو ۽ اهڙو ئي آهي جيڪو موجوده انگريزي ادب ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو، جنهن کي دنيا ۾ Like Child Simplicity جي اصطلاح طور ڄاتو وڃي ٿو. بقول بيدل مسرور جي تہ "رضوان جي ٻولي سادي پر وڻندڙ آهي"

"ساهت ڏيهہ جا سرجڻهار" ۾ لکيل اهي مضمون پڙهي سنڌ جي محبوب ليکڪن جي زندگيءَ جي باري ۾ معلومات سان گڏ سنڌن ادبي ۽ تخليقي پورهئي جي پڻ مڪمل ڄاڻ ملي ٿي، سنڌس هيءَ ڪاوش انهن ناميارن دانشورن جي مڃتا بہ آهي جن ڌرتيءَ لاءِ رت ست ڏنو آهي. جن اديبن، عالمن، شاعرن، ڪهاڻيڪارن، عالمن ۽ محققن تي هن ڪتاب ۾ جيڪي مضمون آهن، انهن ۾ علامہ آءِ.آءِ.قاضي، پير حسام الدين راشدي، محمد ابراهيم جويو، قاضي عبدالحئي قائل، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، شيخ اياز، انيس انصاري، نجم عباسي، جمال ابڙو، استاد بخاري، ثميره زرين، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر تنوير عباسي، امر جليل، ذوالفقار راشدي، قمر شهباز، تاجل بيوس، طارق اشرف، ڊاڪٽر بشير احمد شاد، وفا ناٿن شاهي، انور پيرزادو، ڊاڪٽر ملڪ نديم، خيرالنساء جعفري، قاضي مقصود گل، ڪيهر شوڪت، ڊاڪٽر محبت ٻرڙو، رزاق مهر، ادل سومرو، زيب سنڌي، طارق عالم ابڙو ۽ اياز گل وغيره پڻ شامل آهن.

رضوان گل جيڪو ڪجهہ لکي ٿو اهو پڙهندڙ کي نظر اچي ٿو جنهن ۾ پنهنجو وزن آهي، جنهن ۾ پنهنجي الڳ تازگي ۽ مزو آهي. سنڌس لکڻ جو ڪيڏو نہ شاندار انداز آهي. اچو تہ سنڌس ڪتاب جو صفحو نمبر 38 کوليون ۽ شروعات ۾ ئي پڙهون "ڌرتيءَ جي سونهن نظارن ۽ آسمان تي اڏامندڙ پکين کان ويندي ڪائنات جي وسعتن تائين هر روز ڪيترائي سوال ذهن ۾ اڀرن ٿا. سوال جيڪي سوچڻ تي مجبور ڪن ٿا ۽ سوچون جيڪي انسان کي شعور بخشين ٿيون، انهن سوچن جي سفر تي ڪي ڏاها ڏات ڌڻي ايترو تہ اڳاهان نڪري ويندا آهن، جن لاءِ زندگيءَ جي هر موڙ تي سوال ئي سوال هجن ٿا. اهڙا سوال جن جي جوابن لاءِ هو رات ڏينهن سوچن جي گهري سمنڊ ۾ گم رهن ٿا ۽ پوءِ انهن سوچن جي سمنڊ مان جڏهن ڪي موتي ڪين ملن ٿا تہ اهي خوبصورت لفظن جي صورت ۾ شاعريءَ جو روپ ڌاري اچن ٿا. جيڪي شاعر اهڙا شعر سرجن ٿا جن سان قومون بيدار ٿين ٿيون منجهن جرئت، همت ۽ حوصلي سان گڏ نئون ولولو پيدا ٿئي ٿو، اهي ئي دراصل حقيقي طور عام ماڻهوءَ جي دلين جي ترجماني ڪندڙ ٿين ٿا." رضوان جي لکڻيءَ ۾ ڪيڏي نہ رواني آهي، بلڪل اهڙي رواني جيڪا ندي جي وهندڙ پاڻيءَ ۾ هوندي آهي. بقول الطاف شيخ جي تہ: "نوجوان ليکڪ رضوان گل کي لکڻ پڙهڻ جو نشو آهي".

مان تہ ائين ئي چوندس تہ رضوان کي خود تہ لکڻ پڙهڻ جو نشو آهي پر سنڌس لکيل ليک پڙهندڙ کي بہ هڪ قسم جو نشو مهيا ڪن ٿا. "ساهت ڏيهہ جا سرجڻهار" ڪتاب نہ صرف پڙهڻ جهڙو آهي پر اهو سانڍي رکڻ جهڙو پڻ آهي.

# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجھه گذارشون

1. "مهراڻ" جي مواد ۾ ڇپيل راين، تجزين، نتيجن ۽ علمي فڪري زاوين جي سموري نميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سنڌن راين کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي راءِ نه سمجھڻ ڪپي.
2. پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ ڪپي ۽ اِها خاطري ڪرائڻ لازمي آهي ته اُهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ جي لاءِ ڪنهن به رسالي يا اخبار کي نه موڪليل آهن.
3. ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، اُن اصل لکت جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح واضح حوالو پڻ ڄاڻائجي، جتان اهو مواد ترجمو ڪيو ويو آهي.
4. ڪتاب تي تبصري ڇپائڻ لاءِ اُن ڪتاب جون ٻه عدد ڪاپيون ايڊيٽر 'مهراڻ' کي موڪليون وڃن، ٻي صورت ۾ مواد ڇاپڻ کان معذرت ڪئي ويندي.
5. فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ پهتل مواد ڪنهن به صورت ۾ قبول ڪونه ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانه ڪئي ويندي.
6. مانوارن شاعرن کي خاص استدعا آهي ته هڪ ئي صفحي تي هڪ کان وڌيڪ ڪلام لکي موڪلڻ به کان پرهيز ڪندي، هر ڪلام لاءِ الڳ ڪاغذ استعمال ڪرڻ واري مهرباني کي هميشه قائم رکن.
7. مواد سمجھه ۾ ايندڙ صاف ۽ سُٺن اکرن ۾، مس سان، A-4 سائيز ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نه وسارجي. فون نمبر، موبائيل نمبر يا اي ميل هجي ته اُهو به لکجي. (نئون نڪور فوٽو موڪلڻ نه وسارجي).
8. پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ ڪپي، ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ ٻَڌل نه رهندو.
9. ايڊيٽر کي مواد ۾ ضروري درستين ۽ گهربل ڦيرڦار ڪرڻ جو پورو اختيار آهي. البت ان ڳالهه جو خيال رکيو ويندو ته جيئن ليکڪ جو مخصوص اُسلوب ۽ مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.
10. نظرثاني کان سواءِ ۽ تڙ تڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو ته ٻئي طرف درستين لاءِ ٻنهه گهڻو وقت سيڙائڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، پنهنجي طرفان آخري طرح پورو اطمينان ڪجي ته مواد صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي.
11. اهو ضروري ڪونهي ته ڪوبه مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. چونڊ ۽ اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نه ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر ٻَڌل نه رهندو.

هَيءِ! جي هُئا هاڻِ، تہ مَتَنِ هُوندَ حَقُ ٿِيو،
پيهي وِيا پاڻَ، اَڏِيا مَڙهَ مارِينِ مُون.
(شاهہ)



ولادت:22 نومبر 1928ع    وفات:10 جنوري 2012ع

حضرت شاهہ مردان شاهہ رحہ (ثاني) المعروف پيرسائين پاڳارو


TASSCO
The Shining Star Of Private Seed Sector In Pakistan
The First Research Based Seed Company In Pakistan
One Of The Biggest Seed Company In Pakistan
The Name Of Trust In Pakistan
Tassco seed farm
Tassco Seed Focused on a Common Goal of Reliable, Productive, Highqualiety, High Yielding Seeds of Cotton, Wheat, Cauliflower, Barassica And Rice Crops.
BRASSICA
TSB - 202
تاسکو
TASSCO SEED CORPORATION
Deluxe
TASSCO
PADDY SEED
TASSCO SEED CORPORATION
Classic
COTTON SEED
TASSCO SEED CORPORATION
Nett: 50 Kg.
WHEAT SEED
KIRAN-95 - کرن
TASSCO SEED CORPORATION
TASSCO SEED CORPORATION
PH: 022-3890422 MOBILE: 0300-3086370
E-mail: tasscoseeds@yahoo.com web: www.tasscoseeds.itgo.com